و قال الرسول يا رب ان قومي اتخذوا هذا القرآن مهجورا

(يعني) فرياد ڪندي رسول ته اي منهنجا پالڻهار! تحقيق منهنجي قوم قرآن کي ڇڏي ڏنو آهي، ترڪ ڪري ڇڏيو آهي، ڇني ڌار ڪري جدا ڪيل ڪتاب قرار ڏيئي ڇڏيو آهي (الفرقان- 30)

# قرآن مهجور



ذالک الکتاب لاريب فيه

(يعني) هي اهو ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪو به شڪ شبهو ۽ ٽڳي ٺوڳي ڪونهي.

تصنيف

عزيز الله بوهيو

# قرآن مهجور

عزيز الله ٻوهيو

سنڌ ساگر اڪيڊمي
2001ع

هن ڪتاب جي مواد ڇپائڻ جا حق ۽ واسطا سڀ لاءِ عام ڪجن ٿا

ڪتاب جو نالو: قرآن مهجور
ليکڪ: عزيز الله ٻوهيو، ڳوٺ خير محمد ٻوهيو وايا نوشهروفيروز.
ڇاپو: پهريون مئي 2001ع
قيمت: -/100 رپيا
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

QURAN MAHUR By: Aziz Allah Bhohio, First Edition May 2001.
Price Rs. 100/-
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

آئون پنهنجي هيءَ ننڍڙي جاکوڙ

امام انقلاب عبيدالله سنڌيءَ جي نالي ارپيان ٿو.

جنهن جو فرمان آهي ته:

منهنجو هي عقيدو آهي ته جيڪو شخص قرآن کي سمجهڻ کان سواءِ پڙهي ٿو ۽ هي خيال ڪري ٿو ته ان ئي نموني پڙهڻ سان ڪيس ثواب حاصل ٿيندو، اهو بت پرستن کان گهٽ نه آهي. هڪڙي بت کي خدا بنايو ۽ هڪڙي ڪتاب کي خدا سمجهيو. بت به چپ ۽ جامد آهي، اهڙي طرح هي ڪتاب به نه سمجهڻ واري لاءِ هڪ بت ئي آهي، جو ته هو ان کي بغير سمجهڻ جي پڙهي ٿو. هاڻي توهان هندن کي ته بت پرست چئو ٿا ۽ پاڻ ڏي ڏسوئي نٿا. بت پرستيءَ ۾ توهان ۽ هندو هڪجهڙا آهيو، قرآن غور ۽ فڪر ڪرڻ لاءِ لٿو آهي.

(افادات و ملفوظات صفحو ٣٠٢ تان ورتل)

- عزيز الله ٻوهيو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# مهاڳ

مون سنہ ٢٠٠٠ع جي منڍ ۾ پنهنجي ڪجھ مضمونن جو مجموعو، ’آيات بينات‘ جي نالي سان ڇپرايو هو، ان جي مهاڳ ۾ جيڪو ’مون هي ڪتاب ڇو لکيو‘ جي عنوان سان هئو، لکيم تہ ڪجھ ڏينهن اڳ روم جو جان پوپ پال جيڪو عيسائين جي ڪيٿولڪ فرقي جو سربراهہ آهي هندستان جي دوري دوران هماچل پرديش جي علائقي ۾ هڪ تقرير ۾ چيو تہ عيسائيت پنهنجي وجود ۾ اچڻ سان پهرئين هزار سالن ۾ يورپ جي سيني ماڻهن کي پنهنجي دائري ۾ آندو ۽ ٻئي هزار سال ۾ آفريڪا جي غالب اڪثريت عيسائي بڻجي وئي هاڻي ٽئين هزار سال ۾ عيسائيت ايشيا مٿان ڇانئجي ويندي ۽ پوءِ سڄي دنيا تي اسان جو قبضو هوندو، هي تہ هو يورپ جو ملان، پر مغرب جي استحصالين بابت خميني صاحب فرمايو تہ مسلمانو! غيرن کي توهان جي نماز روزي سان ڪوبہ واسطو ڪونهي، هو تہ اوهان کي غلام بڻائڻ گهرن ٿا. مون جان پوپ پال جي چئلينج کي قبول ڪندي هيءَ گذارش ڪئي هئي بلڪ جوابي چئلينج بہ ڪئي هئي تہ اسان مسلمان ٿورو قرآن حڪيم کي پنهنجي اندر رائج ڪيل تنگ نظري فرقيبازي ۽ شخصيت پرستي وارن تعبيرن تشريحن ۽ تفسيرن مان ڇڏايون تہ پوءِ ايشيا تي عيسائيت جو غلبو تہ ڇا پر نصارن کان يورپ بہ کسي وٺنداسون. انهيءَ چئلينج ڏيڻ جو حوصلو مون کي خود يورپي دانشورن جي هيٺ ڄاڻايل اعترافن ڏياريو جيڪو هن قسم جو هئو:

١. محمد جو پيغام شڪ ۽ مونجهاري کان پاڪ آهي، قرآن الله جي وحدانيت جي عظيم الشان شهادت آهي. (گبن)
٢. محمد تي نازل ٿيل قرآن نوع انسان جي دلين مٿان اهو اثر ڪيو آهي جو ڪوبہ ان تي غالب نٿو ٿي سگهي. (مارگوليٿ)
٣. مسيحي دنيا مسلمانن خلاف جنگ وڙهڻ تہ آئي پر علم حاصل ڪرڻ لاءِ قدمن ۾ ويهي رهي، مغرب اونداهي دور جو خاتمو مسلم تهذيب جي سج سان ٿيو. (هيروشا)

۴. يورپ جي سجاڳي پندرهين صدي ۾ نہ پر ان وقت ٿي جڏهن يورپ عربن جي ڪلچر کان متاثر ٿيو. يورپ کي اٽلي ۽ روم نہ بر مسلم اسپين سجاڳ ڪيو. (بريفو)

۵. يورپ سائنس جو پهريون سبق عربن کان ورتو. (ڊورسي)

٦. يورپ جي سائنسي علمن جو سرچشمو قرآن آهي. (مارگوليٿ)

۷. مون ان عظيم شخصيت جو مطالعو ڪيو آهي ان حيران ڪندڙ شخصيت محمد کي منهنجي خيال ۾ انسانيت کي ڇوٽڪارو ڏياريندڙ ميڻ گهرجي. (برناردشا)

۸. ڄ جيڪڏهن محمد جهڙو ڪو انسان دنيا جي ليڊرشپ سنڀالي تہ زمين امن ۽ خوشين جو مرڪز بڻجي وڃي. (جارج برناردشا)

۹. محمد جي تعليم ڪنهن هنڌ بہ ناڪام نٿي ٿي سگهي، اسان جي تمدن جا نظام ان جي حدن کي اورانگهي نٿا سگهن، ۽ حقيقت تہ هيءَ آهي تہ ڪوئي انسان قرآن کان اڳتي وڃي نٿو سگهي. (گوئٽي)

پوءِ پنهنجي دعوىٰ کي پوري ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌڻ شروع ڪيم ۽ پوءِ ايڏي وڏي سفر جي تياريءَ لاءِ آئون ان وقت ئي شروع ٿي ويس ۽ قرآن حڪيم جي انقلابي اصطلاحن ۽ انقلابن آڻڻ، غلامن کي آزادي ڏيارڻ وارن نسخن، ستل قومن کي جاڳائڻ وارن قرآني ڪوڊ وردن، جن جون معنائون فارس جي شڪست کاڌل انقلاب دشمن بدلائي ابتيون ڪري مسلمانن جي درسگاهن جي نصابن ۾ لاڳو ڪري ڇڏيون هيون، انهن انقلابي، قرآني نسخن جي اصل قرآن واري تعبير ۽ تشريح، خود قرآن جي تصريف آيات واري رهنمائيءَ سان لکڻ ويٺس ۽ انهيءَ لاءِ مون مولانا عبداللطيف صاحب چاچڙ، مولانا محمد دائود صاحب لاکو، مولانا عبدالستار صاحب سهتو اهي ٽيئي عالم سنڌ مدرسہ ڪراچي ۾ استاد آهن ۽ مولانا محمد انس صاحب راڄپر خطيب جامع مسجد نور پٽائي ٽائون حيدرآباد، جن کي عرض ڪيو تہ قرآن حڪيم جي تعبير ۽ تفسير ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪن، رهنمائي ڪن ۽ ڪو اهڙو وڏو مونجهارو ٿي پوي تہ گڏجي سوچ ويچار ڪري تحقيق ڪري اڪيڊمڪ انداز سان هڪ بورڊ ۽ ڪاميٽي جي شڪل ۾ ريسرچ ڪيون تہ انهيءَ دوران مٿي ڄاڻايل ڪتاب جي مارڪيٽ ۾ وڃڻ تي ڪجهہ سوال ڪجهہ

للتي هي اقوم يعني قرآن جن اصولن سان هدايت ڏني تو اهي تمام پڪا ۽ مضبوط آهن. ڪجهون ڳالهيون ڪونهن. ۽ ساڳي سورت ۾ فرمائي ٿو تہ ولقد صرفنا في هذا القرآن ليذ ڪروا يعني هن ئي قرآن ۾ ورائي ڦيرائي توهان جي سمجهائڻ لاءِ قرآني هدايتن کي آندو آهي، جيئن اوهان کي ٻئي جي محتاجي نہ ٿئي. ۽ اڃا هن ئي سورت ۾ وري ٻئي هنڌ فرمايائين تہ ولقد صرفنا في هذا القرآن من ڪل مثل يعني هن ئي قرآن ۾ اسان اوهان کي هر شيءِ جا وري وري مثال ڏئي ڇڏيا آهن. تہ قرآن کي ڇڏي ڪنهن ٻئي جي اوهان کي محتاجي نہ ٿئي، ضرورت نہ پوي، ۽ اهو بہ اهڙي نموني جو مافرطنافي الڪتاب من شيءِ يعني ڪابہ اوهان جي فائدي ۽ ضرورت واري اهڙي شيءِ ڪانهي جو اسان ڪتاب ۾ آڻڻ کان رهائي ڇڏي هجي، ايترو جو ڪل صغير و ڪبير مستطر يعني هر ننڍي وڏي شيءِ اسان لکي ڇڏي آهي، ان حد تائين جو ولارطب ولايابس الافي ڪتاب مبين نہ ڪا آلي شيءِ رهائي آهي نہ سڪي شيءِ سڀ جو سڀ هن ڪليل ۽ پڌري ڪتاب ۾ آڻي ڏني آهي، ان هوندي بہ عالمن قرآن کان اڪتي ٿيي، دين جي اصولن ٺاهڻ لاءِ فارس جي امامن جي گهڙيل حديثن کي دين جو اصل قرار ڏيئي انهن طرفان وڌايل غير قرآني ڳالهين کي دين بنايو، وري عالمن سڳورن ٻين ٽين صدي جي صرف چئن امامن جي اجتهاد ۽ قياس مان ٺهيل فقهہ کي بہ دين جو اصل قرار ڏنو، جيڪو قرآن بدران قرآن جي ضد ۾ ٺاهيل حديثن مان ئي قياس ڪري ٺاهيو ويو هئو ۽ هنن عالمن اجماع کي بہ دين جو اصل قرار ڏنو، جنهن جو بہ ڪو مستند حوالو وٺن ڪونہ آهي، پوءِ اڄڪلهہ دين جون ڪوڙ ساريون اهي جزئيون ۽ احڪام مشهور آهن جيڪي حديث ۽ فقهہ جي حوالن سان آهن. پوءِ اهڙي ماحول ۾ آئون يا ڪو ٻيو ماڻهو جڏهن قرآن مان ڪا ڳالهہ ڪندو تہ ضرور ماڻهن کي اها اوپري لڳندي، ۽ انهن کي ڪاوڙ بہ لڳندي، ماڻهو ڳالهيون ڪندا آهن تہ جيڪي ماڻهو هميشہ پاڻي مليل کير پيئندا آهن، انهن کي خالص کير پائڻ نہ پوندو آهي، مون مٿان ڪاوڙ ڪندڙ ديندار مسلمان پائرن ۽ عالمن سڳورن کي عرض آهي تہ مون سان ڀل سدائين ڪاوڙيل هجو، پر الله لڳ منهنجي هن درخواست تي ضرور غور ڪجو اها هي تہ سورت يونس جي آيت نمبر

١٥ کي وڏي توجہ ۽ سوچ ويچار سان پڙهي ڏسو جنهن ۾ اوهان لاءِ اهم اطلاع آهي تہ قال الذين لايرجون لقائنا ائت بقرآن غير هذا او بدلہ قل ما يكون لي ان ابد لہ من تلقاء نفسي ان اتبع الاما يوحي الي اني اخاف ان عصيت ربي عذاب يوم عظيم. يعني جن ماڻهن ۾ اسان جي قانون مكافات عمل کي سامهون تيڻ جو حوصلو ئي ڪونهي، دم ئي ڪونهي اهي ٿا اسان جي رسول کي چون تہ هن قرآن کان سواءِ، ڪي ٻئي قسم جا قانون ۽ ضابطا آڻ. يا وري انهيءَ ۾ تبديلي ڪري مٽائي سٽائي آڻ. اي پيغمبر تون انهن کي چئو تہ مون کي ڪو بہ اختيار ڪونهي، جو پنهنجي پاران ان کي بدلايان. آئون تہ صرف پنهنجي طرف وحي ڪيل حڪمن جو تابعدار آهيان. آئون تہ ڏجان ٿو تہ جيڪڏهن مون پنهنجي پالڻهار جي (قرآن جي بدلي ۾ ڪا ٻي شيءِ ڏسڻ جي) نافرماني ڪئي تہ ان جي عذاب واري وڏي ڏهاڙي کان. هن آيت ۾ غور فرمايو تہ رسول سائين قرآن کان سواءِ ڪنهن بہ ٻي شيءِ کي دين جو اصول تسليم نٿو ڪري ۽ پڌري نموني چوي ٿو تہ مايكون لي ان ابدلہ من تلقاء نفسي يعني مون کي ڪوبہ اختيار ڪونهي. پر اسان جي عالمن ٺڪ سان دين جي هڪ بنياد صرف قران هجڻ کي وڌائي، چار ڪري ڇڏيو. يعني رسول کان بہ مولوين جا پاور وڌيڪ ٿي ويا ۽ جڏهن تہ انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت ۽ اجازت تہ پنهنجي جاءِ تي، پر قرآن طرفان منع بہ ڪيل اٿن تہ اتبعوا ماانزل اليكم ولاتتبعوا من دونہ اولياء (سورت اعراف آيت ٣) يعني تابعداري ڪيو ان شيءِ جي جيڪا اوهان جي طرف نازل ڪئي وئي آهي ۽ نہ تابعداري ڪيو ان شيءِ جي جيڪا ان کان سواءِ آهي، ان کي دوست بہ نہ سمجهو. اڄڪلهہ ديني مدرسن ۾ دينيات ۾ قرآن کان سواءِ ٽي ٻيا اصل بنياد گهڙيا اٿن، حديث، قياس ۽ اجماع، انهن جي تعليم قرآن جي پيٽ ۾ ئي اصل دينيات آهي، باقي قرآن تہ صرف تبرڪ لاءِ اوڙي پاڙي وارن جي مري ويل وڏڙن کي ختمن بخشڻ لاءِ آهي ۽ بس.

## تاريخ جا الميا ۽ رڪارڊ جو ٻيو پاسو

حضور ﷺ حضرت محمد الرسول الله جي بعثت جي زماني ۾ سڄي دنيا مٿان ۽ انسانن مٿان بہ بادشاهتون روم ۽ فارس حڪومت ڪري

ڪامياب ٿيا ۽ هلڪ ڪسريٰ فلاڪسريٰ بعد ۽ هلڪ قيصر فلا قيصر بعد جو نعرو ڪامياب ٿيو ۽ پنهنجو ڪم ڏيکاري ويو. قادسيہ جي جنگ ۾ درس فتح ني تہ ويو ۽ حضرت عمر جي سامهون فارس جي صوبي تستر جي گورنر هرمزان کي قيد ڪري جڏهن پيش ڪيو ويو اهو پنهنجي جنگي دوهن سبب هيو قتل ڪرڻ جي لائق پر تاريخ هڪڙي ڳجهرت جهڙي ڳالهہ لکي آهي تہ ان حضرت عمر جي سامهون پيئڻ لاءِ پاڻي طلب ڪيوان کي پاڻي ڏنو ويو ان پاڻي جو ڪٽوري ڏي حضرت عمر کي اشارو ڪندي چيو تہ اوهان مون کي هن پاڻي پيئڻ تائين قتل نہ ڪيو. جواب ۾ حضرت عمر هائوڪار ڪئي هرمزان يڪدم پاڻيءَ جو پيالو زمين تي هاري ڇڏيو. اهڙي نموني جي وعدي تي هن جان بچائي. بهرحال حقيقت الله تو ڄاڻي ضرور ناهي تہ اها ڳالهہ صحيح هجي ۽ تاريخ ۾ اهو بہ آهي تہ حضرت عمر سائين هرمزان کان پڇيو تہ اڳي تہ توهان اسان عربن سان لڙڻ بہ پنهنجي توهين سمجهندا هئا هاڻي ڇا سبب آهي جو تون بہ هارائي قيد تي هت پهتو آهين ۽ توهان جو بادشاهہ يزدجربہ تخت ڇڏيو وتي ٿو لڪڻ لاءِ جايون ڳوليندو. هرمزان جواب ۾ چيو تہ اڳي تہ توهان عرب اڪيلي سر وڙهڻ ايندا هئا. هاڻ توهان سان توهان جو الله بہ گڏ هئو ان ڪري اسان پڻ سان مقابلو نہ ڪري سگهياسين بهرحال روم ۽ فارس جي فتح سبب مجوسي عوام ۽ عيسائي عوام تہ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ دل سان هن انقلابي حڪومت جا خيرخواهہ بڻيا. پر جيڪي انهن حڪومتن ۾ وڏن عهدن وارا هئا ۽ حڪمرانيءَ ۾ حصيدار هئا انهن لاءِ تہ شڪست جو صدمو سهڻ تمام ڏکي ڳالهہ هئي. سو شاهہ فارس جا درباري رتن جن کي اڄ جي اصطلاح ۾ اسيمبلي ميمبر يا ڪئبينيٽ ميمبر چئجي انهن کي ان زماني ۾ اساوره سڏيو ويندو هئو يعني ڪنگڻن وارا. انهن مشيران حڪومت کي شاهہ فارس طرفان سونو ڪنگڻ پارايو ويندو جنهن سبب اهي انهيءَ لقب سان مشهور هوندا هئا.

### رڪارڊ جو يا تصوير جو بيو پاسو ڏسڻ کان اڳي

منهنجو پڙهندڙن کي ادب سان عاجزي سان عرض آهي تہ بنيادي طور مستقبل لاءِ. آئنده لاءِ رهنمائي واسطي پنهنجي نظر تہ قرآن

حڪيم تي رکڻ گهرجي، پر اسان جي شاندار ماضيءَ جا نشان ڪيئن ڊاٽا ويا، مٽايا ويا، بلڪ اڄا هيئن به ته اهي ڪيئن هٿا. انهي باب ۾ فارس جي تاريخ نويسن اسان کي اٿلائي اٿلائي ڏاڍو بحڙو ڪيو آهي. مؤرخن ۽ حديثن ٺاهڻ وارن، رسول سائين ﷺ جي جماعت اصحاب ڪرام لاءِ سندن وچ ۾ اختلافن ۽ جهيڙن جهتن جون هزارن جي تعداد ۾ ڪوڙيون حديثون ٺاهيون آهن، جيڪي مسلمانن جي ٻن وڏن فرقن شيعن، سنين وٽ هڪ جهڙيون مقبول آهن، موجود اهن، ۽ اهي امت جي پوين نسلن کي ديني علم جي نالي سان پڙهائيندا رهن پيا، ان ڪري ماضي جي مزارن تان ڪجهه بليڪ آئوٽ ڪيل حقيقتن کي کولڻ لاءِ رڪارڊ جي ٻئي پاسي ڏسڻ جي نالي سان اوهان جو ڌيان چڪايان ٿو ۽ گذارشن کي شايد اوهان پوءِ ٺي توجه لائق قرار ڏيندا جڏهن جو آئون انهن انڪشافن جي تائيد ۾ به خود ايران جي دانشورن جي شاهدي پيش ڪيان، پر وري وچ ۾ عرض ڪيان ٿو ته آئون سني آهيان نه شيعو ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي فرقي جو، خدا شل قرآن وارو مسلمان ڪري جياري ۽ ماري ۽ بس، سو پيو به ڪو پڙهندڙ پنهنجي لاءِ جيڪڏهن ڪنهن فرقي سان ڳنڍيل رهڻ تي بضد هجي، ته ان کي آئون پنهنجيون لکٿيون پڙهڻ لاءِ تڪليف ڏيڻ صحيح نٿو سمجهان، هي رنڊا روڙ حق سچ جي تلاش ۾ رهڻ وارن جي خدمت ۾ ڪري رهيو آهيان، هائو ته ويهين صدي جو نالي وارو ايراني مؤرخ حسين ڪاظم زاده صاحب پنهنجي ڪتاب "روح ايران در ادوار تاريخ" ۾ لکي ٿو ته جنهن ڏينهن کان سعد بن ابي وقاص ٻئي خليفي طرفان ايران کي فتح ڪيو، ايراني پنهنجي دل ۾ انتقام جو جذبو پاليندا رهيا، اهي هن ڳالهه کي ڪڏهن وساري نه سگهندا ته عرب جي صحرائي ماڻهن انهن جي عظيم سلطنت کي وڏي شڪست ڏني هئي، ۽ اسان جي بزرگن اهوئي ڪيو جيڪو انهن لاءِ اهو هڪڙوئي رستو هئو، پهريائين بني هاشم جي عباسين کي پڙڪائي بنو اميه جي حڪومت جو خاتمو ڪيو، ۽ پوءِ هلاڪو خان کي سڏي عربن جي عباسي حڪومت جو به خاتمو ڪرايو، اهڙي نموني اسان جي بزرگن پنهنجي شڪست جو بدلو وٺي ڇڏيو، ته جناب عالي هن بدلي وٺڻ جي اقرار کان پوءِ توجهه فرمايو ان جي تفصيل

طرف، ان بدلي جا بہ طرف آهن هڪڙو تہ اسلامي انقلاب جي مرڪزي شخصيتن کي قتل ڪرڻ، ٻيو علمي فڪري ۽ نظرياتي مرڪزي ڪتاب قرآن مجيد کسڻ، انهن ٻنهي مقصدن جي حاصلات جي سلسلي ۾ تاريخي حقيقتن کي ماڻهن کان لڪائي رکيو ويو آهي انهيءَ ڪوڙي تاريخ ماڻهن کي منجهائي فرقن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، متي جن شاه ڪسريٰ جي درباري رتن جو ذڪر آيو تہ اهي اساوره ٻندرهن جي تعداد ۾ جنگ مان بچي ۽ ڀڄي خاقان چين وٽ سمرقند وڃي ٻنهنجو مرڪز ٺاهيائون ۽ اتاهون خلافت اسلاميہ خلاف سازشن جا جا تانا بانا اڻيائون ۽ مديني دارالخلافہ ۾ رهندڙ هرمزان سان بہ هنن جو مڪمل رابطو رهيو هونئن تہ يهودين ۽ عيسائين جا شڪست کاڌل ماڻهو بہ مجوسين سان همراهي ۽ هم خيال بنجي ويا ۽ مديني ۾ ان جو ساٿي عيسائين مان جفينہ الخليل هئو جيڪو قيصر روم طرفان دمشق حيره ۽ فلسطين ۾ وڏن سياسي عهدن تي رهي چڪو هو، ۽ يهودين جو هڪ وڏو شاطر سبابن شمعون جنهن ٻنهنجو مسلمانڪو نالو سباء السلام مشهور ڪيو هو اهو ۽ ان جو ٻٽ عبدالله بن سبا بہ مديني ۾ رهندا هئا، اتي انهن مجوسين يهودين ۽ عيسائي نمائندن جا ٻاڻ ۾ مڪمل رابطا هئا ۽ انهن ظاهري طور تہ ٻاڻ کي مسلمان مشهور ڪيو هئو براندر ۾ هوائين ٿي هئا جيئن اڳي هئا، روم جي وڏي ٻادري ڪارڊينل، ٿامس ميلن، ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ انهن بابت لکيو آهي تہ انهن سازشين، سمرقند، ڪوفي ۽ مديني ۾ مواصلات ۽ ڪميونيڪيشن لاءِ تربيت يافتہ ڪبوتر ٻاليا هئا جن کان خطن پهچائڻ آڻڻ نيڻ جو ڪم وٺندا هئا. حضرت عبدالرحمان بن ابوبڪر حضرت عمر جي متان قاتلانہ حملي کان ٻوءِ جنهن ۾ هو شهيد ٿيو، ٻڌايو تہ حملي کان اڳئين ڏينهن تي مون هرمزان (مجوسي) جفينہ (عيسائي) ۽ فيروز ابولولو کي ٻاڻ ۾ سرگوشين واري انداز سان ڳالهائيندي ڏٺو هو ۽ قاتل فيروز ابولولو جنهن خنجر سان حضرت عمر کي شهيد ڪري وري ٻاڻ کي بہ ان سان ماريو هئو ۽ اهو خنجر ان مهل دستياب ٿيو تہ اهو خنجر بہ اڳئين ڏينهن هنن وٽ موجود ڏٺو هئم تاريخ ۾ اهو تہ مشهور آهي تہ حضرت عمر جي ٻٽ عبيدالله بن عمر ٻيءُ جي بدلي ۾ هرمزان کي قتل

ڪيو هئو (پر انهيءَ سان شخص عمر جو بدلو تہ ٿيو پر عمر جي شخصيت جو بدلو تہ نہ ٿيو) حضرت عمر کي اندازو لڳي ويو هئو تہ عراق ۾ ڪوفي جي ڇانوڻيءَ ۾ ايران جي ماڻهن وڏي تعداد ۾ لڏي اچي اتي رهڻ کي زياده پٽي پسند ڪيو. سو ان دوراند يشي جي خيال ڪان پنهنجي نظر ۾ هوشيار ۽ چوڪس ماڻهو حضرت عليءَ کي عراق جو گورنر بنايو. جنهن ان علائقي ۾ تمام بهتر نموني پنهنجي نظرداري مضبوط رکي ۽ سازشي عناصر کي هر وقت نظر ۾ رکيو حضرت عمر جي شهادت تہ تاريخ اسلام جو تمام وڏو حادثو هئي پر ان جي جانسيني جو مسئلو ڪوبہ وڏو مسئلو نہ هئو حضور ﷺ جي ساٿين جو نبي سائين جي زماني ڪان وٺي وامرهم شوريٰ بينهم جو نظام ۽ سسٽم ايترو تہ مضبوط هئو جو خود نبي سائين جي وفات ۽ انهن جي جانشيني ڪان وٺي سيدنا صديق اڪبر جي وفات مهل جانشيني ۽ حضرت عمر جي شهادت مهل جانشيني، اهي سڀ معاملا اصحاب ڪرام لاءِ ڪوبہ وڏو مسئلو ڪونہ ٿيا آهن، سندن شورائي نظام هيٺ بلا دير ۽ بلا اختلاف سڀ ڪجهہ ٿيو آهي، سو حضرت عمر جي شهادت بعد تڙي ڪڙي حضرت عثمان سائين جي جانشيني بلا اختلاف طئہ ٿي وئي هئي ۽ هي سڀ ماڻهو عجيب قسم جا هئا جو پنهنجي لاءِ ڪابہ سيڪيورٽي ضروري نہ ڄاڻندا هئا ۽ بغير محافظن ۽ پهريدارن جي عوامي نموني گهمندا ۽ رهندا هئا ۽ اهوئي بي احتياطي ۽ بي پرواهي جو نتيجو نڪتو، جو حضرت عمر جي شهادت ڪان پوءِ ان جي جانشين حضرت عثمان سائين کي بہ رات جي وڳڙي ۾ سندس گهر ۾ قرآن پڙهندي عبدالله بن سبا ۽ ان جو پيءُ سبابن شمعون يت ٽپي اندر گهڙي شهيد ڪري، وري رات جي اونده ۾ ئي پڇي گم ٿي ويا. جو پڇاڙيءَ تائين خبر ئي ڪانہ لڳي سگهي تہ ڪهڙي پاسي ويا. ۽ پوءِ هو پڇاڙي تائين روپوش رهيا. ان وقت سيدنا عثمان سائين جي شهيد ٿيڻ سان ئي مجلس شوريٰ ويٺي ۽ سڀن اتفاق راءِ سان فيصلو ڪيو تہ سڀن گورنرن مان حضرت علي ڪوفي جهڙي شهر، عراق جهڙي حساس علائقي ۾ ڪامياب ۽ بهتر منتظم ثابت ٿيو آهي جو حضرت عمر سائين جي زماني ۾ تقرري ڪان وٺي سٺو ڪنٽرول رکيو ٿو اچي، سو شوريٰ وارن هڪ ئي وقت ۾ بہ

مجوسي هر وقت مسلمانن جي صفن ۾ انتشار پيدا ڪندا رهندا آهن، انهن سڀن جو وڏو منصوبو اهو ساڳيو آهي، جيڪو ابو مسلم خراساني ۽ عبدالله بن سبا يهوديءَ تجويز ڪيو هو، اهو هيءَ ته قرآن حڪيم عرب ۽ عجم، رنگ ۽ نسل، حسب ۽ نسب جي جن معيارن ۽ فرقن کي ڊاهي ڇڏيو هئو، انهن کي وري زنده ڪيو وڃي ۽ هي عقيدو عام ڪيو وڃي ته خلافت اصل ۾ حضرت علي جي فاطمي يا غير فاطمي اولاد مان ڪنهن وٽ ئي رهڻ گهرجي، هڪ طرف سازشين جو هي ٽولو آل علي جي خلافت جو دعويدار هئو ۽ ٻئي طرف انهن کي هي به خوف وٺي ويندو هئو ته ڪٿي مسلمان آل علي جي چوڌير مڙي متحد نه ٿي وڃن، سو انهيءَ خوف مان (جنهن کي به امام جي باطني عهدي لاءِ مشهور ڪندا هئا) ته سلسليوار انهن امامن کي به قتل ڪرائيندا رهندا هئا، جهڙي نموني حضرت علي کي ڪوفي جي مسجد ۾ جمشيد خراسانيءَ شهيد ڪيو (پڙهندڙ غور فرمائين ته فارس جي تاريخ نويسن حضرت علي جي قاتل پارسي مجوسي تي ڪڪ رکڻ لاءِ ان جو پرشن نالو بدلائي عبدالرحمان بن ملجم خارجي ڪري مشهور ڪيو آهي) ۽ عبدالجبار قرامطي صاحب هي به لکيو آهي ته حضرت علي سائين خلافت کان اڳي حضرت عمر سائين ۽ حضرت عثمان سائين جي زماني خلافت کان وٺي عراق ۾ گورنر جي عهدي تي فائز هو ۽ قرامطي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ حضرت عثمان سائين لاءِ به لکيو آهي ته عبدالله بن سبا مديني ۾ رات جو خلافت واري گهر ۾ گهڙي ان کي چورن وانگر قتل ڪري گم ٿي ويو، هن انڪشاف تي پڙهندڙ پائرو غور فرمايو ته پيو جيڪي ڪوڙ مشهور ڪيل آهي ته ڪيئي ڏينهن باغي مديني شريف ۾ قصر خلافت کي گهيراءُ ڪيو ويٺا هئا. مدينو صحابه ڪرام جي جماعت کان خالي ٿيل هو، اهي سڀ ڪنهن جنگ تي پري ڪاڏي ٻاهر نڪري ويل هئا، يا حج تي هليا ويا هئا، دارالخلافه مدينو باغين جي قبضي ۾ اچي ويو هو، شهادت عثمان کان پوءِ عليءَ معاويي جو اختلاف علي ۽ عائشه جو اختلاف، جنگ صفين، جنگ جمل، ۽ علي جي خارجين سان جنگ نهروان، اهي سڀ خبرون ۽ جنگيون ۽ اختلاف، ڪتابن ۾ ائين ته پڙيا پيا آهن جيئن ٻي ٿي وي جي هر بليٽن ۾ ڪشمير جي جنگ جون

مقرر ڪري دارالخلافہ ڪي دمشق کان موٽائي وري عراق آندو ويچي ها. جيئن حضرت علي جي اهميت خاطر مديني کان ڪوفي طرف پاور ٽرانسفر ڪيو ويو هو. پر مجوسي دشمن جي اساوره سمرقند جي زير زمين تحريڪ بہ خطرناڪ حد تائين حساس هئي. انهن جانشيني جي اجلاسن وارن ڏينهن ۾ ڏهين محرم جو. (حضرت عمر ڪي قتل ڪرڻ جي منصوبي ٺاهڻ واري هرمزان جي پٽ) باجان بن هرمزان ڪوفي جي دارالامارت ۾ رات جي انڌيري ۾ حملو ڪري گورنر حسين بن علي ڪي قتل ڪري سر ڌڙ کان جدا ڪري ڇڏيو ۽ سيڪورٽي نہ هجڻ جو فائدو وٺي هي بہ پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ميزان الفارس جي مصنف علامہ حجت الله موسوي لکيو آهي تہ انهيءَ باجان بن هرمزان سن ۴۶ ۾ حضرت حسن تي بہ سندس امارت واري دور ۾ قاتلانو حملو ڪيو هو. جيڪو ناڪام تہ ٿيو هو پر حضرت حسن ڪي ستر تي ان وار جو زخم ٿيو هو. علامہ مسعودي جي تحقيق مطابق باجان باقي زندگي ۾ حضرت عبدالله بن زبير ڪي قتل ڪرڻ لاءِ سرگرم رهيو ۽ سن ۷۰ هجريءَ ۾ ابن زبير ڪي شهيد ڪرڻ جي ڪوشش دوران مارجي ويو. باجان پنهنجو اسلامي نالو بلال بن يوسف مشهور ڪيو هو. خميني انقلاب کان پوءِ شاهہ ايران جا ڪجهہ مضمون هتي اخبار جنگ ۾ ڇپيا هئا پوءِ شايد جنگ پبليڪيشن وارن ٺي اهي ڪتابي شڪل ۾ ڇپرايا ۽ اهو ڪتاب اڄان بہ مارڪيٽ ۾ موجود آهي ان ۾ شاهہ ايران بہ ابو مسلم خراسانيءَ ڪي سارهايو آهي. تہ ان بنو اميہ کان اقتدار ڪسي بنو عباس ڪي خلافت ڏياري اسان جي حق ۾ وڏو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو.

پر اندروني طور اها اقتدار جي منتقلي ڇڻ تہ عربن کان فارس وارن ڏي ٿي هئي اصل ۾ حربن عبدالرحمان، عبدالجبار قرامطي ۽ حجة الله موسوي ۽ ٻين متي ڄاڻايل محققن جي انڪشافن ۽ تاريخ جي واقعن سان اصحاب رسول جي زماني ۾ سندن وچ ۾ تاريخ جي ٻين حوالن سان مشهور ڪيل جنگين حضرت علي ۽ بي بي عائشہ جي وچ ۾ جنگ جمل، علي ۽ معاويہ وچ ۾ جنگ صفين، يزيد ۽ حسين جي وچ ۾ جنگ ڪربلا وغيره ۽ ٻيا واقعا بہ جيڪي حديثن جي حوالن سان مشاجرات صحابہ جي نالي سان مشهور آهن انهن سين جي نفي ۽ انڪار ٿي ويچي ٿي، ۽

هتي لکيل هي نوان غير مشهور تاريخي انڪشاف قرآن حڪيم جي اصحاب رسول بابت ڪرايل تعارف سان بلڪل موافق آهن ان ڪري مون هي حوالا ۽ انڪشاف هن ڪتاب ۾ هن خاطر آندا آهن، تہ قرآن حڪيم جي ڏس خلاف جيڪڏهن ڳالهيون ۽ واقعا سب ڪو جابي ۽ واعظن ۾ بيان ڪري تہ قرآن جي موافق تاريخي حقيقتن جو بہ حق اهي تہ اهي بہ عوام اڳيان علمي ميدان ۾ اچڻ گهرجن، قرآن حڪيم جو اصحاب رسول بابت سورت انفال جي آيت نمبر ٦٣ ۾ سرٽيفڪيٽ آهي تہ والف بين قلوبهم لو انفقت مافي الارض جميعا ماالفت بين قلوبهم ولاڪن الله الف بينهم انه عزيز حڪيم● يعني رب پاڪ تنهنجي سائين جي دلين ۾ ايترو تہ ڳانڍاپو قرب ۽ پٽي وجهي ڇڏي آهي جو جيڪڏهن تون ڌرتي جا سب خزانا گڏ ڪري ڪنهن پارٽي وارن ۾ اتحاد قائم ڪرين تہ جيڪر توڪان اهڙي پٽي قائم نہ ٿي سگهي پر الله انهيءَ جماعت صحابہ جي دلين ۾ ميلاپ پٽي ۽ ڳانڍاپو ڪري ڇڏيو آهي جو اهو الله غالب بہ آهي ۽ ان جي حڪمت جي تقاضا بہ اها آهي، تہ هتي تاريخ جا الميہ ۽ رڪارڊ جو پيو پاسو جي عنوان هيٺ نقل ڪيل تاريخي حوالا سورت انفال جي مٿين آيت جي عين مطابق آهن ۽ مارڪيٽ ۾ مشهور جنگين وارا سب حوالا مٿين قرآني آيت جي سراسر خلاف آهن هونئن تہ حضرت حسين بن علي جي شهادت بابت سنڌ جي هڪ وڏي ۽ محقق عالم مخدوم بصر دين سيوهاڻيءَ جي بہ هڪ نرالي تحقيق آهي مخدوم صاحب جي شخصيت ۽ علميت جو احوال سنڌ جي بزرگ سياستدان سائين جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سان" ۾ بہ ڪيو آهي مخدوم صاحب جي تحقيق هي آهي تہ سيدنا حسين سائين جي شهادت، ڪربلا جي مشهور ڪيل واقعي کان ست اٺ سال اڳي قسطنطنيہ جي جنگ دوران ٿي آهي ۽ ان جاءِ تي مقام شهادت حسين جي تختي لکيل رهي آهي، مخدوم صاحب علم الحساب ۽ علم تقويم جو وڏو ماهر هئو مخدوم صاحب جي زندگي ۾ دهلي جي هڪ ڪاليج جو مشهور پروفيسر مرزا حيرت دهلوي سيوهڻ اچي مخدوم صاحب سان سندس انهي تحقيق تي بحث ڪيو هو ۽ مخدوم صاحب ان کي ميجايو ۽ قائل ڪيو هو مرزا صاحب ان تحقيق کان فني ۽ علمي طور

مطمئن ٿيو ۽ واپس دهلي وڃي ان ڪتاب الشهادت نالي سان ڪتاب لکيو جنهن ۾ مخدوم صاحب جي پوري تحقيق دليلن سان لکي اٿس هونئن مون اهو ڪتاب مدرسہ مظهر العلوم کڏي ڪراچي جي لائبرري ۾ پڙهيو هئو ۽ تازو وري ڪنهن نئين سر ڇپرايو آهي جيڪو مارڪيٽ ۾ اهي هونئن مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب مدير ماهوار رسالہ شريعت، جڏهن سنڌ جي چوڏهين صدي ۾ فوت ٿيل عالمن جي تعارف تي مشتمل رسالي جو اسپيشل نمبر ڇپايو هئو تہ مولانا صاحب سڄي سنڌ جي فوتي عالمن جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ انهن جي پوئرن سان معلومات وٺڻ لاءِ دورو ڪيو هئو. سو سيوهڻ ۾ مخدوم صاحب جي خاندان جي وڏي حڪيم محمد مراد صديقي صاحب جن سان بہ مليو هئو ۽ ان مخدوم صاحب جي لائبرري بہ ڪيس ڏيکاري هئي ان ۾ مخدوم صاحب جي قلمي ڪتابن ۾ شهادت حسين بابت سندن تحقيق پڙهيائون ۽ مولانا چاچڙ صاحب پنهنجي ان رسالي ۾ مخدوم صاحب جو اهو موقف بہ اختصار سان لکيو آهي. اصل ۾ مون سان مخدوم صاحب جو تفصيلي تعارف بزرگ پيرشريف وارن مولانا عبدالڪريم قريشي مرحوم صاحب جن ڪرايو هو. اهو هن حوالي سان مخدوم صاحب مولانا پير وارن جي والد محترم جو دوست هوندو هئو. سائين پير وارن مون سان اهڙيون سڀ ڳالهيون پنهنجي والد صاحب جي حوالي سان ڪيون هيون. اهي سڀ تہ آئون هت نٿو لکي سگهان البت هڪڙي آخري ملاقات واري ڳالهہ لکان ٿو سائين جن فرمايو تہ مخدوم صاحب جي وفات کان ٿورو اڳ منهنجو والد سائڻ ملڻ سيوهڻ ويو تہ مخدوم صاحب چيس تہ آئون پنهنجي موت مهل پاڻ سان کڏ هڪ حسرت کنيو وڃان ٿو. تہ منهنجي والد پڇين تہ ٻڌايو اها ڪهڙي، جواب ۾ مخدوم صاحب فرمايو تہ مون علم جي وڏي پنڊار لائبرري جوڙي آهي خبر ناهي منهنجي مرڻ کان پوءِ ان جو ڇا ٿيندو تہ جواب ۾ بزرگن جي والد صاحب چيس تہ توهان غم نہ ڪيو ڪي اڃا ماڻهو اڄ لاهڻ لاءِ چشمي کي ڳولي لهندا ۽ اوهان جي علمي ڪاوشن جو قدر ٿيندو.

بهرحال منهنجي نظر ۾ انهيءَ چشمي تي ڪو اڃو ڪو نہ بهتو آهي باقي مخدوم صاحب جي تحقيق مون پاڻ ڪانہ پڙهي آهي ان ڪري

اُئون شهادت حسين تي ان جي پيٺ ۾ مٿين حوالن کي ترجيح ڏيان ٿو ان ڪري جو حربن عبدالرحمان جي ڊائري سياسي آهي.

تاريخ جي طالب علمن کي ياد هوندو تہ عباسين جي پهرئين خليفي سفاح پنهنجي اقتدار وٺڻ کان پوءِ پهرين تقرير ۾ اهل فارس وارن کي چيو هو تہ اسان جي حڪومت اصل ۾ اوهان جي حڪومت آهي، اوهين اسان جا قوت بازو آهيو. پوءِ تہ هارون رشيد تائين سڀ ڪم جون وزارتون برمڪين وٽ هيون ۽ مامون رشيد تائين تعليمي ادارن ۾ نصاب تعليم ۾ شش امامي علم وارو نصاب پر پکيڙڻ شروع ڪري چڪو هو. هارون رشيد جي ماءُ خيزران مجوسي پارسڻ هئي، مامون رشيد جي ماءُ بہ پارسڻ هئي، هوئن هارون پنهنجو ولي عهد تہ عربياڻي زال مان ڄاول وڏي پٽ امين کي بنايو هئو ۽ اهو پيءُ جي مرڻ کان پوءِ خلافت تي ويٺو پر هارون رشيد جي پارسي زال ايراني بيوروڪريسي جي مدد سان امين کي قتل ڪرائي پنهنجي پٽ مامون کي امارت ڏياري، اُئون مٿي ويهين صدي جي نامور ايراني مؤرخ حسين ڪاظم زاده مصنف تجليات روح ايران درادوار تاريخ جو هي اعتراف لکي آيو آهيان تہ انهن جي وڏڙن خليفي ثاني (حضرت فاروق اعظم) جي دور ۾ سعد ابن ابي وقاص هٿان فتح ايران جو بدلو ٻن مرحلن ۾ وٺي مڪمل ڪيو. هڪ بنو اميہ کان اقتدار کسي ظاهري طور تہ عباسين کي خلافت ڏيارڻ. پر اندروني نموني جڻ ايران وارن کي ئي پاور مليو هئو. ٻيو چنگيز جي وارث هلاڪو جي زماني ۾ اسلامي انقلاب جي ست سئو سالن کان پوءِ آخري عباسي خليفي مستعصم بالله جو وزيراعظم نصيرالدين طوسي اصل اختيارن جو مالڪ هو جيڪو عجائب التاريخ جي مصنف ياقوت حمدي جي تحقيق مطابق تہ ظاهر ۾ تہ اثنا عشري هئو، پر اصل ۾ هو پارسي هئو ۽ ٻئي طرف منگولن جي حڪمران هلاڪو خان جو وزيراعظم بہ نصر نوشير ابن علقمي بہ فارس جو مجوسي هئو، طوسي صاحب، ابن علقمي جي ذريعي هلاڪو خان کي تيار ڪيو تہ هو بغداد تي حملو ڪري، خلافت عباسيہ جي پوري انتظامي مشنري هلاڪو خان کي مدد ڪندي، منگول حقيقت ۾ تہ صرف ڌاڙيل قسم جا حڪمران هئا. انهن جو ڪنهن بہ علم فلسفي ۽ نظريي سان ڪابہ

دلچسپي ڪانـ هئي، پر نصيرالدين طوسي جي رهنمائيءَ ۾ عباسي خلافت جي سموري ايراني بيوروڪريسيءَ هي پلان ٺاهي تيار ڪيو هئو تـ مسلمانن جو جيڪو بـ علمي ورثو ۽ ۽ ذخيرو آهي، اهو هن حملي جي بهاني ختم ڪرڻو آهي ۽ هن جنگ جي بهاني مسلم دنيا ۾ اهو فزيڪل آپريشن ڪرڻو آهي، جنهن سان اسلام جي قرآن واري ورثي جا سڀ عالم دانشور قتل ڪرائي ڇڏجن، پوءِ دنيا جي تاريخ شاهد آهي تـ بغداد ۾ صدين ڪان قائم ڪيل ديني ڪتابن جون لائبرريون ۽ انهن ۾ رکيل ڪروڙين ڪتاب جيڪي قرآني علمن تي لکيل هئا اهي سڀ دجلـ درياءَ ۾ اڇلايا ويا هونئن نـ تـ جاهل منگولن جو ڪتابن سان ڪهڙو جهيڙو، هو تـ ڏاڙيل هئا انهن کي تـ دولت کپندي هئي، پر اسلامي رياست جي اندروني مشنري تـ ڄاڻي پئي تـ مسلمانن جو قرآن وارو علمي ورثو ڪيڏو تـ طاقتور آهي ۽ ڪيڏو نـ سگهارو آهي جو ان کي پڙهندڙ ۽ سمجهندڙ ڪنهن بـ وقت اٿي پون تـ هارايل راند کي بـ اٿلائي فتح ۾ بدلي ڇڏيندا، سو نصير الدين طوسي جي سموري بيوروڪريسي پنهنجي پائي بند ۽ هلاڪو خان جي ايراني وزيراعظم نصر نوشير ابن علقمي جي ملي ڀڳت سان سلطنت اسلاميہ جا چونڊ نظرياتي ۽ فڪري عالم ۽ دانشور قتل ڪرايا هئا ۽ تاريخ ٻڌائي ٿي تـ انهن مقتولن جي منڍين جو بغداد ۾ منارو ٺاهيو ويو هو. هن ٻہ طرفي آپريشن ۾ هدف، قرآني علمن وارن ڪتابن ۽ انهن جي عالمن کي بڻايو ويو هو، ميزان الفارس جي مصنف حجة الله موسوي لکيو آهي تـ ڪتابن ساڙڻ ۽ لوڙهڻ مهل هي معيار نظر ۾ رکيو ويو هئو تـ جيڪي ڪتاب عجمي اسلام جي نمائندگي ڪن پيا انهن کي بچائڻو هو. باقي رکڻو هو، ۽ ڪتاب تصوير ڪان دوسرا رخ جي مايہ ناز مصنف علامہ تمنا عمادي بـ پنهنجي ڪتاب ۾ اهائي ڳالهہ لکي آهي تـ علقمي ۽ طوسي جي نگرانيءَ ۾ منگول فوجين گهرن مان ۽ مدرسن مان ڇاپا هڻي رکو ڪتاب ٺي پٺي ڪنيا جيڪي دجلہ دريا جي حوالي پيا ڪندا ويا، علقمي ۽طوسي جو اهو آپريشن بـ عجيب هئو جو ان ۾ ابن جرير رستم طبري جي تاريخ الامم والملوڪ ۽ تيهن جلدن وارو تفسير تـ هنن کي درياءَ ۾ اڇلائڻ لاءِ هٿ اچي نـ سگهيا باقي ابو مسلم اصفهاني ۽ ابوالقاسم

بلخي جهڙن اسڪالرن جا ڪتاب جن جو نالو ۽ نشان به گم ڪري ڇڏيائون ۽ موجود علمي ذخيرن ۾ هزارين اهڙن ڪتابن جا حوالا ته ملن ٿا پر اهي ڪتاب ڪنهن نه ڏٺا آهن نه ٻڌا آهن. يقين سان اهي دجله درياءَ ۾ لڙهي ويا هوندا. تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪتاب ايترا ته گهڻا هئا جو دريا مٿان ڄڻ پل ٺهي وئي هئي ۽ لهواري طرف ڪتابن جي مس سان سڄو پاڻي رنگ بدلائي چڪو هو. انهيءَ کان پوءِ اڄڪلهه طبري جي طرز تي جيڪي تاريخ جا ڪتاب، حديثن جا ڪتاب، تفسيرن جا ڪتاب، اسلامي علمي ورثي جي نالي سان امت مسلمه وٽ موجود آهن. انهيءَ ذخيري ۾ پڙهندڙن کي خبر هوندي، انهن ٻڌو هوندو ته حديثن جي ڪتابن مان بخاريءَ کي اصح الڪتب بعد ڪتاب الله سڏين ٿا ڪي وري مسلم کي اهو درجو ڏين ٿا. بهرحال حديثن جي ڪتابن مان ڇهه عدد ڪتابن بخاري، مسلم، ترمذي، ابودائود، نسائي، ابن ماجه، انهن کي ملائي صحاح سته سڏين ٿا ۽ ديني مدرسن جي درس نظامي ۾ پڙهندڙن کي سمورن علمن پڙهڻ کان پوءِ آخري سال ۾ اهي علم حديث جي نالي وارا ڇهه عدد ڪتاب پڙهائي پوءِ انهن کي علم جي پڳ پارائين ٿا جنهن کي دستار فضيلت به سڏيندا آهن.

### هن ڪتاب ۾ منهنجو حديث تي تنقيد جو اصول

عام حديث جي ڇنڊڇاڻ لاءِ علماء ڏين، اصول حديث جو مستقل فن جوڙيو آهي، جنهن جا به مک قسم آهن، هڪ روايت ٻيو درايت، حديثن جي صحيح ۽ غلط جي پرکڻ لاءِ انهن ٻنهي قسمن مان اڄ تائين روايت جي قسم ۽ ڪسوٽي ذريعي حديثن کي گهڻي ڀاڱي چيڪ ڪيو ويو آهي، پرکيو ويو آهي. روايت جو مطلب ته نبي سائين جن کان وٺي ڪتابي شڪل ۾ علم حديث کي قلم بند ۽ مدون ڪرڻ تائين وچ واري زماني ۽ دور جا راوي ۽ ٻڌندڙ پهرئين ماڻهوءَ کان وٺي ڪتاب جي ترتيب ڏيڻ واري ۽ حديثن کي ڪنهن مجموعي جي شڪل ۾ محفوظ ڪرڻ واري تائين جيڪي به نقل ڪرڻ وارا ماڻهو اچي وڃن ٿا. انهن سڀن، روايت کي ٻڌي ٻئي ٻوئين ايندڙ ماڻهوءَ تائين پهچائڻ وارن جي شخصيت، علميت، دينداري، ايمانداري، تقويٰ ۽ جنهن کان حديث نقل

قبولیت کانهي. ماکان للنبي والذين آمنوا واري حکم سان امڙي مطالبي ڪرڻ جي بہ رسول ۽ ان جي ساٿين مٿان بندش لاڳو ڪئي وڃي ٿي. غورفرمايو وڃي تہ هنن آيتن مان هي چڱي طرح ثابت ٿئي ٿو تہ جيڪي حديثون صحيح ثابت ۽ سچيون آهن اهي بہ جيڪڏهن درايت جي ڪسوٽيءَ تي پاس نٿيون ٿين تہ اهي بہ رد قرار ڏنيون ويون آهن. پيو تہ نهيو پر خود صاحب حديث رسول کي حڪم ڪيو ٿو وڃي تہ وري اهڙي ڳالهہ ئي نہ ڪندو ڪر يعني اهڙي حديث تي ئي بندش لاڳو ڪجي ٿي. سورت توبہ جي آيت نمبر ۴۳ مان رسول سائين ﷺ جي هڪڙي حديث ثابت ٿئي ٿي ۽ ملي ٿي تہ پاڻ ڪريمن کان مديني ۾ رهندڙ منافقن عذر بهانا ڪري جنگ ۾ هلڻ ۽ شريڪ ٿيڻ کان معافي گهري، موڪل ورتي، جنهن تي رسول سائين جن انهن جي عذر ۽ بهانن کي سچ سمجهي انهن کي معافي ڏيئي ڇڏي تہ اهي پلي گهرن ۾ رهن ۽ جنگ ۾ شريڪ نہ ٿين جڏهن تہ انهن اهي ڪوڙا بهانا ٺاهيا هئا. ان تي قرآن حڪيم ۾ رب پاڪ رسول سائين کي فرمايو تہ تو انهن کي معافي ڏئي اهو چڱو نہ ڪيو آهي، توکي انهن جي آزمائش وٺڻ گهرجي ها، سچ ۽ ڪوڙ جي جاچ حاصل ڪرڻ گهرجي ها. تو بغير تحقيق جي انهن کي گهرن ۾ ويهڻ جي ڇو موڪل ڏني، هي پيرو اسان توکي درگزر ڪيون ٿا معاف ڪيون ٿا. اڳتي ائين ٿيڻ نہ گهرجي آيت آهي عفاالله عنک لم اذنت لهم حتيٰ يتبين لک الذين صدقوا و تعلم الڪاذبين. غور فرمايو! تہ رسول سائين جي فيصلي ۽ حديث کي قرآن حڪيم پنهنجي درايت واري ڪسوٽي تي آڻي رد ڪيو، ۽ تنبيهہ بہ ڪئي تہ اي رسول تو اهڙو فيصلو ڇو ڪيو، تہ انهن حقيقتن کي سامهون رکي سمجهڻ گهرجي جيڪڏهن ڪابہ حديث روايت جي اصولن ۽شرطن تي پوري بہ اچي وڃي تہ پوءِ بہ ان کي درايت جي ڪسوٽي سان پيتائڻو آهي، صرف روايت جي شرطن مان پاس ٿيڻ ڪافي ناهي ۽ درايت جي ڪسوٽي آهي قرآن حڪيم جا قانون، حڪمتون ۽ فلاسافي، انهيءَ ڪري مون پنهنجي ڪتاب قرآن مهجور ۾ قرآن کي مهجور بنائڻ واري علم حديث جي حديثن مٿان جيڪا بہ تنقيد ڪئي آهي اها علم درايت جي آئيني سان ڪئي آهي، ۽ هر قسم جي علم لاءِ مستقل طور اهائي ڪسوٽي آهي،

افسوس جي ڳالھہ آهي جو اڄ تائين علم حديث جي پرک لاءِ روايتن جي ڪسوٽي کي گھٽو ڪتب آندو ويو آهي هي جدا ڳالھہ آهي تہ اسماءِ رجال جي فن ۾ دين جي هڏ ڏوکي عالمن وڏي جاکوڙ ڪري ڏاڍا چور پڪڙيا آهن جن ڪوڙيون حديثون رسول سائينءَ جي نالي طرف منسوب ڪري اسلام جا بخيائي اديڙي ڇڏيا آهن. پر ماڻهن جو بہ عجيب ذوق آهي جو ديني علم جي نصاب ۾ انهن چور قسم جي حديثون ٺاهيندڙن جون قرآن دشمن حديثون تہ امت جي اولاد کي پڙهائڻ لاءِ نصاب ۾ شامل ڪيون آهن. پر موضوع ۽ هٿ ٺوڪيون حديثون جن تي وڏا وڏا ڪتاب لکيا ويا آهن اهي نصاب ۾ پڙهايا نٿي ڪونہ ٿا وڃن. سنڌ ساگر اڪيڊمي جي صلاحڪار دوستن جي خواهش آهي تہ مثبت نموني قرآني درايت کي عام ڪرڻ لاءِ اشاعتي ڪم ڪجي پر منهنجي ساٿين جي خدمت ۾ درخواست آهي تہ علم حديث معرفت قرآن حڪيم کي ناقص ۽ اٻپورو سڏڻ، مختلف ۽ متضاد، ثابت ڪرڻ لاءِ حديثون ٺاهيندڙن جيڪي ڪلور ڪيا آهن اهي سڀ تفصيل ڪتابي شڪل ۾ سنڌي ٻولي ۾ حديث، قرآن جي ضد ۾، نالي سان آڻڻ گهرجن. امام ابوداڻود سجستاني جي پٽ حافظ ابوبڪر عبدالله بن ابو داڻود متوفي ٣١٦ هجري جيڪو ڪتاب المصاحف جي نالي سان ڪتاب لکي سڄي قرآن ۾ ڪوڙين حديثن سان شڪ پيدا ڪيا آهن انهن کي عوام اڳيان وائکو ڪرڻ گهرجي ۽ ان ۾ آندل سين حديثن جي راوين جي لسٽ ٺاهي پوءِ انهن راوين جي ٻين قسم جي روايتن کي گڏ ڪري، پوءِ فيصلو عوام کان ونجي تہ هنن راوي صاحبن قرآن کي جڏهن ناقص ۽ متضاد سڏيو آهي تہ پوءِ هنن صاحبن جي ٻين حديثن ذريعي، جيڪو علم دين ماڻهن کي مليو آهي ان جو ڇا ٿيندو قرآن تہ هڪ وڏي طاقتور هستيءَ پنهنجي ذميداريءَ سان ۽ طاقت سان صحيح سالم ۽ محفوظ رکيو آهي پر جن سڄ ڏي منهن ڪري ٽڪون اڇليون آهن انهن کي تہ عوام جي عدالت ۾ آڻڻ گهرجي.

امام ابن ابي داڻود جي ڪتاب المصاحف کي هڪ عيسائي مستشرق عالم آرٿر جيفري انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري دنيا وارن کي ٻڌايو آهي تہ ڏسو تہ مسلمان تورات ۽ انجيل کي تحريف ڪيل ۽ اصلي

الامر فاتبعها تي ڪوبہ عمل ڪونہ ٿو ڪري، ان ڪري ئي تہ قرآن ۾ آهي تہ رسول سائين قيامت ۾ الله وٽ فريادي ٿيندو تہ منهنجي هن امت قرآن کي مهجور بنائي ڇڏيو هو يعني ڦٽو ڪري ڇڏيو هو.(1)

## قرآن مهجور ڇو؟

هن ڪتاب جي نالي، عنوان ۽ سرخيءَ هيٺ آئون بہ ڳالهيون سمجهائڻ گهران ٿو. هڪ تہ جيئن اوهان پڙهي آيا تہ رسول سائين ﷺ جن رب تعاليٰ جي حضور ۾ فريادي ٿيا آهن تہ اي منهنجا پالڻهار! منهنجي قوم هن قرآن کي ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي، اڇلائي ڇڏيو آهي، يعني هن ڪتاب کي ڇڻ تہ هلڪو، معمولي ۽ غير اهم قرار ڏيئي ڇڏيو آهي، تہ هن فرياد ۽ ڪيس جو پس منظر ڇا آهي ۽ حقيقت ڇا آهي؟ ۽ اها نوبت ڇو آئي ۽ ٻي ڳالهہ تہ ايڏي وڏي عظمت واري ڪتاب ۽ اهميت واري ڪتاب کي انقلاب دشمن ڪهڙين حرفتن سان هنرمندين سان، چالاڪين سان ۽ اک جي پڪائيءَ سان مهجور بنايو. انهن مان پهرين ڳالهہ تہ اهو ڪتاب انسانن ڪان مسلمانن ڪان هن ڪري ڇڏايو ويو، ڪسيو ويو، جو اهو ڪتاب توحيد ۽ وحدانيت جي تعليم سان دنيا ۾ معاشي ۽ معاشرتي وحدت قائم ڪرڻ جي تعليم ڏئي پيو. جنهن سان سماج مان جاگيرداريت، سرمايہ داريت، پاپائيت، آقا ۽ غلام، برهمڻ ۽ اڇوت جا طبقا ۽ ڪلاس ختم ڪيا وڃن، اهڙي نموني جو اڳتي هو ڪڏهن بہ جنم وٺي نہ سگهن، تہ توحيد جهڙي عظيم مقصود ۽ مطلوب کي قائم ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ قرآن پاڪ هڪ ڪامياب ۽ بهترين ڏس ۽ نسخو "ختم نبوت" جو جيڪو عطا فرمايو، جنهن جو مطلب هي هئو تہ قرآن جي مڪتب فڪر ۽ اسڪول جا شاگرد هاڻي علمي لحاظ سان وحي واري تعليم سان خود ڪفيل ٿي ويا ۽ پاڻ پيرا ٿي ويا. هاڻي انهن کي ڪنهن بہ مراقبي واري ڪان علم پڇڻ جي محتاجي ڪانہ ٿيندي، هاڻي ڪنهن کي بہ ڪنهن خانقاهہ واري ڪان يا الهام ۽ القاء جي دعويدار ڪان پنهنجي مونجهارن جي حل پڇڻ جي ضرورت نہ

(1) هن مضمون جي معلومات ۽ ماخذ ڊاڪٽر شبير احمد جو ڪتاب ڪربلا کي حقيقت مان ورتل آهي ان جو پتو انٽرنيٽ جي ويب سائيٽ هي آهي www. glaxy das tak. com

پوندي، هاڻي پوپن ۽ سجاده نشينن جي پاپائيت بند سمجهي وڃي، هي دور ختم نبوت جو دور آهي، جنهن جي قرآن پاڪ تعليم ڏني ته علم بالقلم يعني استقراء ۽ حقيقتن جي سچائي سان انهن کي ذريعو ۽ وسيلو بنائي "ڪل يوم هوفي شان سان سائنسي معاشرو جوڙيو، سائنس کي ڪلچر بنايو. ۽ يسئلونڪ ماذا ينفقون قل العفو سان توحيدي ۽ اشتراڪي معاشرو قائم ڪيو.

ختم نبوت جو ترجمان ۽ نقيب ڪتاب قرآن مجيد ولاتتبع اهواء الذين لايعلمون سان حڪم ٿو ڏئي ته جاهلن ڄڻن ۽ اڻ ڄاڻن پٺيان نه هلو. ختم نبوت جي ذريعي قرآن حڪيم جي فڪرن، نظرين ۽ اصولن جي ابديت، دائميت ۽ جامعيت ثابت ٿئي ٿي، ۽ختم نبوت سان قرآن حڪيم جي تعليم ڪائناتي، آفاقي، بين الانساني ۽ عالمگير ثابت ٿئي ٿي. ۽ختم نبوت جي ترجمان ڪتاب، لاينال عهدي الظالمين جي اصول سان خانداني برڪتون، موروثي بنيادن تي فضيلتن، نسلي آڌار تي درجي بندي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا (نوٽ: منهنجو ارادو آهي ته توحيد ۽ ختم نبوت تي قدري تفصيل سان مضمون لکندس هت اهي اشارا ڪافي آهن) سو قرآن حڪيم انساني معاشرن مان مٿي ڄاڻايل ناسورن کي ختم ڪرڻ لاء جيڪي احڪام لاڳو ڪيا، انهن کي ٽوڙڻ لاء اهل فارس جا حديثن ٺاهيندڙ امام باب اقطاع الارض جي روايتن سان جاگيرداري جي جواز لاء قرآن حڪيم جي مقابلي ۾ آيا. حضرت عبدالرحمان بن عوف حضرت عثمان بن عفان ۽ ٻين ڪيترن ئي اصحاب رسول لاء تمام گهڻي مال ملڪيت رکڻ جون ڪوڙيون حديثون انهن ڏي منسوب ڪري سرمائيداري جي جواز لا هڪ طرف حيلو ڪيو آهي ته ٻئي طرف ڄڻ رسول سائين جي تمام ويجهن انقلابي ساٿين مٿان به هي الزام هڻي ڇڏيو ته اهي قرآن حڪيم جي معاشي نظريي جا مخالف ۽ منڪر هئا ۽ ڪافي تعداد ۾ اهڙيون حديثون گهڙي پنهنجي ڪتابن ۾ لکيون اٿن ته اصحاب رسول مختلف بيمارن مٿان قرآن جون مختلف سورتون ۽ آيتون پڙهي دم ڪندا هئا. ڦيٿي ۽ شوڪاري سان ماڻهن جو علاج ڪندا هئا. بلڪه اها حديث به ٺاهي اٿن ته رسول سائين کي ڪنهن بت وڌو جادو ڪيو. تعويذ ڪيو وغيره ته هنن اهڙين حديثن سان خانقاهي ڪاروبار ۽

نامڪمل تي پيو ۽ ابن ماجہ واري لکيو آهي تہ بي بي عائشہ جو پاليل ڇيلو (يا ٻڪري) وٽس پيل آيت رضاعتہ ڪبير واري کائي ويو. جيڪا آيت ڪجهي جي پن تي لکيل هئي ۽ اها بہ قرآن ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي وئي، يعني قرآن ان آيت جي کاڄي وڃڻ سبب ناقص ۽ اڻپورو ٿيو، ۽ بخاري صاحب پنهنجي ڪتاب جي ڪتاب الاحڪام جي باب يستحب للڪاتب ان يڪون امينا عاقلا ۾ سورت توبہ جي آخري ٻن آيتن کي متواتر جي حد مان ڪڍي، خبر واحد جي زمري ۾ آڻي ڇڏيو آهي، انهيءَ حديث جي گهڙيندڙن ۾ ابن شهاب زهري جهڙو زهر کان پريل راوي موجود آهي. روايت ۾ آهي تہ زيد بن ثابت چيو تہ مون عمر ۽ ابوبڪر جي چوڻ تي جمع قرآن جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ۽ قرآن کي ڳولڻ لاءِ ڪجهي جي پنن، چمڙن ٺڪرين ۽ ماڻهن جي سينن مان گڏ ڪيم ۽ سورت توبہ جي آخري آيت لقد جاء ڪم رسول من انفسڪم، پڇاڙيءَ تائين خزيمہ يا ابوخزيمہ وٽان مليون، پوءِ مون انهن کي سورت توبہ سان آخر ۾ ملائي ڇڏيو. هنن روايت سازن هي ڏک بہ وهائي ڪڍيو تہ قرآن جي ترتيب بہ نبي سائين جي حيات مبارڪ ۾ ڪانہ ڏني وئي هئي جو زيد بن ثابت جيڪو عمر جي لحاظ سان ٻار بہ هئو اهو ٿو چوي تہ اهي آيتون مون سورت توبہ پڻيان ڳنڍي ڇڏيون. حضور ﷺ جن جڏهن مڪي کان مديني طرف هجرت فرمائي آهي ان وقت زيد بن ثابت جي عمر يارهن سال آهي، جنگ بدر ۾ مڪي جي قريشي قيدين لاءِ جيڪو آزادي واسطي فيصلو ٿيو هو تہ هو مديني جي انصاري ٻارن کي لکڻ پڙهڻ سيکارين تہ اهو انهن جو فديو ٿيندو ۽ ان بدلي هو آزاد ڪيا ويندا ۽ هڪ هڪ قيدي تي ڏهن ماڻهن کي پڙهائڻ لکائڻ سيکارڻ جو انگ مقرر ڪيو ويو هو زيد بن ثابت ان عرصي ۾ ۽ ان عمر ۾ سکيو آهي سو ان جي نبي سائين وٽ بخاري جي روايت ۾ ڄاڻايل ايڏي اهميت ڪا تي ٿهي سگهي هوندي، جو نبي سائين وٽ قرآن حڪيم جي ڪاتبن جي ڪابہ کوٽي ڪانہ هوندي هئي، اصل حقيقت ۾ مهاجر صحابہ توڙي انصار صحابہ سڀ جو سڀ وڏي تعداد ۾ لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا نہ صرف ايترو پر نبي سائين پاڻ بہ لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا ايترو جو خود دشمن بہ شاهدي ڏين ٿا تہ قالوا اساطير الاولين اڪتتبها فهي تملي عليہ

بڪرة واصلا يعني پيغمبر پهريائين گهر ۾ قرآن پاڻ لکي اچي ٿو پوءِ ٻاهر پنهنجي مجلس ۾ مسجد ۾ باقائدي صبح شام قرآن لکائڻ جا ڪلاس هلائي ٿو ۽ ان جا ساٿي لکندا وڃن ٿا ۽ نبي انهن کي لکائيندو رهي ٿو ۽ دشمن کان سواءِ خود رب سائين انهي لکڻ واري جماعت لاءِ سورت عبس ۾ فرمائي ٿو ته في صحف مڪرمة مرفوعة مطهره بايدي سفرة ڪرام برره يعني قرآن لکيل صحيفن جي مانائتن بلند شان وارن، پاڪ هٿن ۾ آهي جيڪي سڀ جو سڀ قرآن جا شان وارا هز ايڪسيلينسز ۽ سفير آهن، جيڪي وڏا نيڪوڪار به آهن، پوءِ رب سائين اڳتي فرمائي ٿو ته قتل الانسان ما اڪفره انهن کي ڪا مار پوي جيڪي پيغمبر جي اهڙن فضيلت ڀرين پارٽي ورڪرن کي لکڻ پڙهڻ کان اڻ ڄاڻ ۽ جاهل سمجهن ٿا ۽ قرآن کي ڪتابي شڪل ۾ لکيل محفوظ ميڄڻ جا انڪاري آهن. صحيفو لکيل ڪتاب لاءِ ئي عربي ٻوليءَ ۾ چيو ويندو آهي جيئن سورت اعلىٰ جي آخري آيت ۾ صحف ابراهيم و موسىٰ چيو ويو آهي ته اهي صحيفا انهن جا لکت ۾ مڪمل ڪتاب ئي هئا. ته اهڙن قسمن جي اڻ ڳڻين حيلن ۽ بي شمار بهاني بازين سان دشمن، قرآن بابت ماڻهن ۾ شڪ شبها پيدا ڪيا جنهن سبب مسلمانن مان زندگيءَ جي ضروري مسئلن لاءِ قرآن حڪيم کان رهنمائي وٺڻ بند ڪرائي وئي آهي، منهنجي دوست سنڌيڪا اڪيڊمي جي ايم ڊي جناب نور احمد سنڌي صاحب مون سان ڳالهه ڪئي ته منهنجي ڳوٺ پريالي کان منهنجي عزيزن پنهنجي خانداني فوتي شخص جي وارثن جو تفصيل موڪليو ۽ چيائون ته ڪراچي جي عالمن ۽ مفتين کان ورثي ترڪي جي تقسيم جي تحرير ۽ فتويٰ وٺي اسان ڏي موڪل ته ان مطابق اسان عمل ڪيون، سو اها سوال واري استفتا مدرسي نيو ٽائون وارن ڏي ڪٿي ويس ۽ انهن جواب ٺاهي لکي ڏنو آهي جنهن ۾ فتويٰ جي مختلف ڪتابن ۽ فقهه جي مختلف مسلڪ وارن امامن جا حوالا عام جام آهن پر قرآن جو حوالو هڪ به ڪونهي ۽ سنڌي صاحب مون کي جيڪو سوال ۽ جواب پڙهايو ته اهو بنوري مدرسي جا عالمن وارو جواب مون کي پڙهي پٽ قرآن جي احڪام ميراث، خلاف نظر آيو، مون هي مثال ان ڪري عرض ڪيو ته قرآن حڪيم کي مسلمانن مهجور بنائي ڇڏيو

آهي، ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي، وساري ڇڏيو آهي، ڇڏي ڏنو آهي، بجا طور رسول سائين جي فرياد رب سائين جي حضور ۾ برحق آهي، سچ آهي، سو مون يوسف جي خريدارن جي قطار ۾ بيهڻ لاءِ هي رنڊا روڙ شروع ڪئي آهي، مون هي بانگ ڏني آهي، آذان ڏني آهي تہ؛

*اچا رچ مان رڙ اچي پئي اچي پئي،*
*متان ائين سمجهين مٺا مور سارا.*

خاڪساران جهان رابحقارت منگر توجہ داني ڪہ درين گرد سوار باشد، قران حڪيم جي فڪر ۽ نظريي واري نظام لاءِ جن خدمتگذارن پنهنجون حياتيون کپائي جانين جا نذرانا ڏنا آهن، انهن جي سٿ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مالڪ سائين کان هر وقت هي دعا گهرندو رهان ٿو تہ؛

*سنا هي ڪل تيري در پر هجوم عاشقان هو گا*
*اجازت هو تو آ کر مين بهي شامل ان مين هو جائون*

مد تيست کہ آوازه منصور کهن شد،
من از سرنو جلوه دهم دار رسن را
بجرم عشق تو مي کشند، غوغائيست
تو نيز برسر بام آ، چہ خوش تماشائيست
نہ شبم نہ شب پرستم کہ حديث خواب گويم
منم غلام آفتاب، حديث از آفتاب گويم
هرچہ باد آن باد ماڪشتي در بحر اندا ختيم

مون سان ڪا نہ هلي، هر ڪا پاڻي پلي،
اندر جنين جو اڇ، ڏونگر سي ڏوريندين.

**- عزيز الله ٻوهيو**

## اسان مسلمانن وٽ قرآن ته مهجور آهي
## پر الله جي نظر ۾ علم حديث ته قرآن ئي آهي

لفظ حديث جون ٻه معنائون آهن هڪ لغوي يعني اصلي، ٻي اصطلاحي، (اصطلاحي جو مقصد هوندو آهي ته ڪنهن به فن جا ڪجهه ماهر ۽ ڄاڻو ماڻهو ڪنهن لفظ جي اصلي ۽ لغوي معنيٰ کي ڪجهه مناسبت جي آڌار تي ڪنهن وسيع ۽ واڌاري مفهوم لاءِ طئه ڪن، يا پاس ڪن، يا مقرر ڪن، ته ان لفظ جي اها معنيٰ، اصطلاحي معنيٰ سڏي ويندي آهي) ته اصلي ۽ لغوي معنيٰ آهي ڳالهه، گفتگو، ڪهاڻي، افسانو وغيره ۽ اصطلاحي معنيٰ جيڪا اسان وٽ مشهور آهي، اها هيءَ ته رسول ﷺ جي هر قسم جي گفتو ۽ ڳالهيون، حديثون آهن ۽ اهي معاملا ۽ ڪم يا مسئلا جيڪي سندن زندگيءَ ۾ سندن سامهون ٿيا ته پاڻ انهن کي رد نه ڪيو يا غلط قرار نه ڏنو ۽ انهيءَ ڳالهه يا ڪم کي ٿيندو ٻڌي ۽ ڏسي چپ ڪيائون يا رد به ڪيائون ته ان کي به حديث رسول مان ڳڻيو وڃي ٿو، اها آهي حديث جي مروج ۽ مشهور اصطلاحي معنيٰ ۽ حديث جي ڪتابن وارن رسول سائين جي اصحابن جي ڳالهين ۽ گفتگو کي به حديث جي درجي ۾ آڻي، پنهنجي ڪتابن ۾ حديثون ڪري پيش ڪيو آهي ۽ ان لاءِ آثار صحابه جي اصطلاح به جوڙيل آهي جنهن ۾ اصحاب ڪرام جي سامهون ڪا ڳالهه ٿئي ته اهي ڳالهيون به آثار جي زمري ۾ شامل ڪيون ويون آهن ۽ علم حديث جي انهيءَ اصطلاح مقرر ڪرڻ ۽ طئه ڪرڻ مان مقصد شريعت جي اصولن مان علم حديث کي هڪ اصول ۽ ماخذ قرار ڏيڻ آهي، جيئن ته هن اصطلاحي معنيٰ ۽

مفهوم مان ۽ اصطلاح ناهن مان مقصد انهيءَ قسم جي سموري گفتگو
کي اسلامي قانون ۽ فقهہ جو اصل ۽ ماخذ قرار ڏيڻ مقصود آهي، سو
انهيءَ لاءِ قرآن حڪيم مان انهيءَ جي ڪابہ تائيد ڪانہ ٿي ملي. بلڪ
اجا بہ هيءَ ڳالهہ ملي ٿي تہ ثم جعلناڪ علي شريعة من الامر فاتبعها
ولاتتبع اهواء الذين لايعلمون (سورت جاثيہ آيت ۱۸) يعني اي رسول
اسان تنهنجي ذمي شريعت عطا ڪئي آهي، هاڻ تون انهيءَ جي تابعداري
ڪجانءِ ڄتن ۽ اڻ ڄاڻن جي پٺيان نہ هلجانءِ، هن آيت مان ثابت ٿيو تہ
شارع پاڻ الله آهي ۽ رسول سائين ان مليل شريعت جو تابع آهي ۽ هن ئي
سورت جاثيہ جي آيت نمبر ۱۳ ۾ آهي تہ شرع لڪم من الدين ماوصي
به نوحا. (آيت جي پڇاڙي تائين) يعني ڊڪليئر ڪيو ،هي الله توهان جي
لاءِ انهيءَ دين کي جنهن جي وصيت ڪئي هئائين نوح کي ۽ جيڪو
اسان وحي ڪيو تنهنجي طرف ۽ جنهن جي وصيت ڪئي ابراهيم کي
موسيٰ کي عيسيٰ (عليهم السلام) کي تہ قائم ڪري ڏيکاريو دين کي،
انهي ڪان پوءِ هن ئي سورت جاثيہ جي آيت نمبر ۲۱ تي غورفرمايو
جنهن ۾ فرمان آهي تہ ام لهم شرڪاء شرعوالهم من الدين مالم ياذن
به الله. يعني ڇا انهن ماڻهن الله جا ڪي شريڪ ۽ ڀائيوار ٺاهيا آهن ڇا؟
جيڪي انهن کي دين مان ڪي قانون ٺاهي ڏين تا مون الله جي پرمنٽ
ڪان سواءِ، هنن وضاحتن سان چڱي طرح ثابت ٿي وبو تہ دين صرف ۽
صرف الله ئي جاري فرمائيندو ۽ جو بہ شخص دين جي ماخذ ۽ حاصل
ڪرڻ لاءِ الله ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي کي مجاز ۽ اٿارٽي تصور ڪندو تہ
اهو ڄڻ تہ رب پاڪ سان، ان ٻئي کي شريڪ بنائي رهيو آهي، ۽ هاڻي
جڏهن جو لارطب ولايابس الافي ڪتاب مبين يعني ڪائي سائي سڪي
شيءِ اهڙي ڪانہ رهائي آهي جيڪا اسان هن پڌري ڪتاب ۾ آندي نہ
هجي، تنهن جي ڪري اي مخاطب ٻڌي ڇڏ! وڪذالڪ انزلناه حڪماً
عربيا ولئن اتبعت اهوائهم بعد ماجائڪ من العلم مالڪ من الله من ولي
ولا واق سورت رعد آيت نمبر ۳۷ يعني جهڙي طرح تہ عربيءَ ۾ اسان
حڪمرانيءَ جو قانون نازل ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن تون انهن
(جاهلن) جي خواهشن پٺيان علم (قرآن) ملڻ ڪان پوءِ بہ تابعداري

ڪندي تہ الله جي قانون کان بچائڻ وارو بہ ڪونہ ملندئي ۽ نہ ئي ڪو دوست ملندئي. (هيءَ تمام مختصر گذارش هئي تہ موجوده وقت ۾ جيڪو مروج علم حديث کي دين جو اصل ۽ ماخذ سمجهيو وڃي ٿو. ان جي رد جي باري ۾ ۽ غلط هجڻ بابت ۽ اڳتي اسان عنوان ۾ ڄاڻايل دعويٰ جي ثبوت ۾ دليل پيش ڪيون ٿا تہ الله جي نظر ۾ علم حديث جنهن کي دين جو اصل ۽ ماخذ مڃجي اهو صرف قرآن ئي آهي) سورت القلم جي آيت نمبر ۴۴ ۾ رب سائين فرمائي ٿو تہ فذرني ومن يكذب بهذا الحديث سنستدرجهم من حيث لايعلمون يعني رب سائين قرآن مجيد کي حديث جي نالي سان سڏي، پوءِ فرمائي ٿو تہ اي رسول ۽ اي قرآن پڙهندڙ (تون پنهنجي ڪم سان ڏيوٽي سان مشغول رهہ) باقي مون کي ۽ منهنجي قرآني حديثن کي ڪوڙو سمجهڻ وارن کي ڇڏ تہ اسان انهن تي ڏاڪي بڏاڪي اهڙي تہ چڙهائي ڪنداسون جو خبر ئي نہ لڳندن تہ هي مصيبت ڪٿان ڪڙڪيءَ هيءَ آيت صاف صاف نموني ٻڌائي ٿي تہ الله وٽ حديث جو علم توهان واري اصطلاحي تصور ۽ مفهوم ۾ بہ صرف قرآن مجيد هجڻ گهرجي ڇو تہ آيت ۾ بهذا الحديث جو جملو قرآن کان سواءِ ٻئي پاسي وڃڻ ئي نٿو ڏئي، پر جيڪڏهن ڪو اڃان بہ ضد ٿو ڪري تہ نہ نہ قرآن حديث ناهي ۽ نبي سائين جي وفات کان پوءِ ٽي سئو سالن گذرڻ واري زماني ۾ ماڻهن کان ذهني يادگيرن تي بنا لکت نموني سان محفوظ ڪرڻ جي، عن فلان عن فلان ڪري جيڪي ايراني ماڻهن دين جي بنياد لاءِ حديثون گڏ ڪري ڏنيون آهن اهوئي علم حديث آهي، اهوئي دين جي اصل ۽ بنياد لائق آهي، تہ اهڙن ماڻهن کي الله سائين چئلينج ڪندي فرمائي ٿو تہ فليا توا بحديث مثله ان كانوا صادقين (سورت الطور آيت ۳۴) يعني جيڪڏهن ڪير قرآن کي حديث مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي تہ پيلا قرآني حديثن جهڙي هڪڙي حديث تہ ڪٿان آڻي ڏيکاري، الله تعاليٰ چڱي طرح حديث ساز گروهہ کي ڄاڻي پيو. هنن سين امامن جي ڪوڙن گهڙڻ جي الله سائينءَ کي سڀ خبر هئي تہ اهي منهنجي رسول جي وفات پڄاڻان ان جي نالي تي ڪهڙا نـاهہ نـاهڻ وارا آهن، ان ڪري اڳوات ئي مـالڪ سـائينءَ

مسلمانن جو ڏيان ڇڪائي ڇڏيو تہ مان ڪان حديثا يفتري ولاڪن تصديق الذي بين يديه و تفصيل ڪل شيءِ وهدي ورحمة لقوم يومنون (سورت يوسف آيت ١١١) يعني قرآن جيڪي تاريخي ڳالهيون ۽ قصا اوهان کي ٻڌائي ٿو انهن ۾ وڏي عبرت ۽ نصيحت آهي. قرآن جا اهي قصا انهن ڪوڙين حديثن وانگر ڪونہ آهن جيڪي هٿرادو نموني ٺاهڻ وارا ٺاهيندا آهن. پر انهن جي مقابلي ۾ قرآني قصن کي هسٽاريڪل آرڪيالاجيڪل شهادتون بہ تائيد ڪنديون آهن. قرآني حديثن ۾ هر شيءِ جو تفصيل هوندو آهي (جيئن اوهان هاڻ يوسف ۽ ان جي ڀائرن جي قصي ۾ پڙهيو) ۽ قرآن ايمان وارن لاءِ رحمت آهي، رب سائينءَ سورت نجم ۾ زمين آسمانن ۽ انهن جي وچ تي جي وڏي سنسار جون عقل حيران ڪندڙ ڳالهيون سائنس، سماجيات تاريخ ۽ معاشيات تي ۽ قومن جي عروج ۽ زوال بقا ۽ فنا تي ڳالهائيندي پڇاڙيءَ ۾ يعني آيت نمبر ٥٩ ۽ ٦٠ ۾ فرمائي ٿو تہ افمن هذا الحديث تعجبون و تضحڪون ولاتبڪون يعني قرآن جي هنن حديثن تي، ڳالهين تي، تعجب ٿا ڪيو ۽ کلو ٿا، انهن تي تہ روئڻ گهرجي! توهان چو نٿا رئو؟ وري سورت الواقعہ ۾ جنت جو جهنم جو ۽ قيامت جو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ ايگريڪلچر سائنس تي ڳالهائيندي قرآن فرمايو تہ اانزلتموه من المزن ام نحن المنزلون ٦٩-٥٦ يعني سمونڊ ۾ اسان بوائلر فٽ ڪري انهن مان اسٽيم پيدا ڪري ان ٻاڦ کي مٿي ڪٺي وياسين ۽ جيئن تہ سمونڊ جي کاري ۽ ڪوڙي پاڻي هجڻ ڪري ان مان نهندڙ بارش واري پاڻيءَ سان اوهان جي زمين فصل پيدا نہ ڪري سگهي ها ۽ خود زمين بہ ٿوٽ ڪلر بنجي وڃي ها. ان ڪري سمونڊ مان مٿي آيل ٻاڦ کي کاري ۽ ڪوڙي ذائقي کي بدلائي مٺو بنائي پوءِ توهان جي مٿان مٺي پاڻيءَ جي مينهن وسائڻ لاءِ اسان مٿي خلا ۾ فضائن ۾ ليبارٽريون ٺاهي وڏا وڏا پلانٽ جوڙي ڇڏيا آهن (اوهان کي خبر هوندي تہ اهي پلانٽ جيڪي کاري پاڻي کي مٺو بنائين، ايڏا تہ قيمتي ۽ مهانگا آهن جو گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان جهڙو ملڪ بہ سنڌ جي سيرابيءَ ۽ ڪراچيءَ لاءِ سمونڊ مٿان اهڙو پلانٽ نٿو هٿائي سگهي) وري قرآن انساني ضرورت لاءِ ٻاهر جي

پيدا ڪرڻ واري سائنس جو ذڪر فرمائي پوءِ چوي ٿو تہ اهو سڀ ڪجهہ مون بڪايلن جي بک ختم ڪرڻ لاءِ انتظام ڪري سامان جوڙيو آهي، پر اوهان انهن بکين کي وڏيڪ بک ۾ رکي منهنجي عطا ڪيل شين مٿان ذاتي ملڪيت جا بند ٻڌي ڇڏيا ۽ افبهذا الحديث انتم مدهنون وتجعلون رزقكم انكم تكذبون (الواقعہ آيت ٨١-٨٢) يعني منهنجي هن قرآني حديثن سان سمجهايل حياتي ۽ معاش واري فلسفي کي پنهنجي ڪوڙين هٿ گهڙين حديثن سان رد ڏيئي، انڪار ڪري، پنهنجو گذر سفر ٺي ڪوڙ تي ٺاهيون ويٺا آهيو!! ۽ اي رسول منهنجي قرآن وارين حديثن سان جيڪي مداهنت ڪن ٿا ذرني ومن يكذب بهذا الحديث، تون وچ ۾ نہ اچ آئون انهن جي پاٽيهي خبر وٺندس فلعلك باخع نفسك علي آثارهم ان لم يؤمنوا بهذا الحديث اسفا (سورت ڪهف آيت نمبر ٦) شايد تون هن جي قرآن وارين حديثن مٿان ايمان نہ آڻڻ ڪري پاڻ کي پنهنجي جان کي هن مٿان ايندڙ عذاب جي غم ۾ ڳاري ڇڏيو آهي.

تلك آيات الله نتلوها عليك بالحق فباي حديث بعد الله وآياته يؤمنون (سورت جاثيہ آيت ٦) اهي ٺي الله جون آيتون آهن جيڪي تنهنجي مٿان حق سچ ڪري، نازل ڪيون آهن هي ماڻهو، الله جي انهن آيتن کي ڇڏي ٻين ڪنهن جي ڳالهين کي حديث جو درجو ڏئي ان تي ايمان آڻيندا؟ رب سائينءَ قرآن جي آيتن کي علم الحديث قرار ڏيڻ لاءِ ايترو تہ ورائي ورائي سمجهايو آهي جو ڪوبہ پوئتي لاءِ شڪ شبهو نہ ڇڏيو اٿس، تہ ڪوئي فرد يا گروهہ اٿي اعلان ڪري يا دعويٰ ڪري سگهي تہ هدايت جي اصول ۽ مرڪز لاءِ قرآني آيتن جي مقابلي ۾ ۽ قرآني آيتن هوندي ڪوئي ٻيو علم بہ علم حديث بنجي سگهي ٿو ۽ انهيءَ هوندي بہ جيڪڏهن ڪا جماعت يا گروهہ قراني آيتن جي مقابلي ۾ ڪنهن ٻئي علم کي علم الحديث قرار ڏيندو تہ اهي ماڻهو الله جي هن سوال جي گرفت ۽ مواخذي جي جواب جي تياري ڪن فباي حديث بعده يؤمنون (سورت اعراف آيت ١٨٥- سورت مرسلات آيت ٥٠) ۽ قرآن واري علم حديث جون قرآن حڪيم اهي خوبيون سمجهائي ڏنيون آهن

جو جيڪڏهن ڪنهن کي اهي خوبيون ٻئي علم ۾ لڀن ته اهو ڀلي انهيءَ ڏي هليو وڃي، قرآن کي ڪابہ پرواهہ ڪانهي. فرمان آهي ته الله نزل احسن الحديث ڪتابا متشابها مثاني تقشعر منه جلود الذين يخشون ربهم ثم تلين جلودهم وقلوبهم الي ذڪر الله ذالڪ هدي الله يهدي به من يشاء ومن يضلل الله فماله من هاد● (سورت الزمر آيت ٢٣) يعني الله عزوجل جيڪي حديثون نازل ڪيون آهن اهي هر لحاظ سان هر پهلوءَ سان سهڻيون، مناسب ۽ متناسب آهن، سي بہ اهڙي ڪتابي شڪل ۾ جنهن ڪتاب جا اصول ۽ انداز استدلال هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ آهن، يعني انهن ۾ ڪوبہ ٽڪراءُ ۽ مونجهارو ڪونهي ۽ قرآن جي انهي تعليم ۽ سمجهائڻ جي طريقي ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ تقابلي انداز بہ آهي، جنهن کي تعرف الاشياء باضدادها چيو ويندو آهي يعني شيون پنهنجي ضد ۽ مفهوم مخالف سان بہ سڃاتيون ويندڀون آهن، جيئن گرمي جو ضد سردي ۽ رات جو ضد ڏينهن، پاڇي جو تقابل اس سان وغيره ۽ متشابهہ مثاني جي لفظن جي ٻي معنيٰ هي بہ آهي تہ متشابهہ معنيٰ هن ڪتاب جي تعليم اڳين نبين ۽ ڪتابن جي تعليم سان ملندڙ ۽ مثاني معنيٰ وري ٻيو ٻيرو تڪرار سان قرآن ۾ آندل، پوءِ جيڪي ماڻهو هن ڪتاب متان غور فڪر ڪري تحقيق ڪن ٿا، ريسرچ ڪن ٿا، تہ انهن کي اندازو لڳي وڃي ٿو، خبر پئجي وڃي ٿي تہ هن ڪتاب جي نافرمانيءَ سان ڪيتري نہ تباهي اچي ويندي، پوءِ اهي تصور ڪندي ئي انهن جا لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا، پوءِ خوف وچان قرآن متان عمل ڪرڻ لاءِ انهن جا عضوا ۽ بت ورڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو ۽ دليون بہ الله کي ياد ڪرڻ ۾ لڳي وڃن ٿيون ۽ اها ئي الله جي هدايت واري واٽ آهي، جنهن سان هدايت حاصل ڪرڻ جي چاهت واري کي هدايت نصيب ٿيو وڃي ٿي، پر جيڪو شخص چاهت ئي نہ رکندو ۽ قرآن کي ۽ ان جي آيتن کي علم الحديث ئي نہ مڃيندو ۽ قرآن جهڙي احسن الحديث علم کي ڇڏي ان جي مقابلي ۾ فارس جي حديث ساز راوين جي ڳالهين کي رسول جو قول ۽ گفتا قرار ڏيندو تہ فماله من هاد، پوءِ اهڙي ماڻهوءَ کي ڪٿان بہ هدايت ڪانہ ملندي، ماڻهن ۾ فارس جي امامن جي ڪتابن ۾ گڏ ڪيل

سمورو جو سمورو رسول سائين، سڀن کان پهريائين اسان کي چئي ٻڌايو آهي، اجا تہ هي جيڪو مشهور آهي ۽ چيو ويندو آهي تہ قرآن الله جو قول آهي ۽ حديثون رسول جو قول آهن، اهو سراسر غلط آهي بلڪ قرآن سمورو قول رسول آهي ۽ حديثون تہ راوين جا قول آهن ۽ قرآن کي الله جو قول سڏڻ جو ثبوت ۽ دليل قرآن مان تہ هڪ پيرو بہ ثابت ڪونهي، ۽ قول جي معنيٰ ئي جڏهن اها آهي تہ جيڪي گفتا ٻن چئن وچان نڪتا هجن سو چپن جي تمثيل الله ڏي ڪرڻ تہ ليس ڪمثلہ جي خلاف ٿيندي، قرآن حڪيم ۾ انا اوحينا اليڪ جا الفاظ ملن ٿا يعني قرآن وحي خداوندي آهي، قرآن ۾ اهو ڪٿي بہ ڪونهي تہ هو الله جو قول آهي، قرآن الله وٽان رسول سائين کي وحي جي طريقي، وحي جي شڪل ۾ مليو آهي، تہ لفظ وحي جي معنيٰ آهي تيز اشارو تہ پيغمبر سائينء کي قرآن جا الفاظ الله سائينء جي قول ۽ گفتگو جي صورت ۾ نہ مليا آهن، بلڪ اشاري جي طريقي سان مليا آهن، ان ڪري هي جيڪو مشهور آهي تہ قرآن پڙهڻ مهل قال الله چئبو آهي يا قرآن کي قول خداوندي سڏيو وڃي ٿو ان کي ڪنهن غلط قسم جي اصطلاح ۽ محاوري جي حد تائين تہ سڏي سگهجي ٿو، باقي قال ۽ قول جي اصل معنيٰ سان الله ڏي نسبت ۽ خدا جي اسان ماڻهن وانگر ڳالهائڻ لاء قرآن مان ثابتي ڪانہ ٿي ملي/ پر جيڪڏهن اجان ڪنهن کي ضد هجي تہ رسول سائينء جي گفتن مبارڪن کي ۽ اقوال مبارڪن کي ئي حديث سڏبو تہ قرآن تہ اهڙو پڪو پختو يقيني ۽ محفوظ مجموعو آهي جو صرف ۽ صرف ان کي ئي اقوال رسول جي دليل جي روشني ۾ علم حديث سڏجي ۽ اجان بہ ڪنهن کي تسلي نہ ٿيندي هجي تہ قرآن حڪيم ۾ اندازاً ۽ لڳ ڀڳ بہ سئو ڀيرا پيغمبر سائينء کان قل جي امر ۽ حڪم سان احڪام ڏياريا ويا آهن، ڳالهيون چورايون ويون آهن، مسئلا بيان ڪرايا ويا آهن، امت کي ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن کي سمجهايا ويا آهن، پوء پيلا گهٽ ۾ گهٽ فارسي حديثن وارا شوقين تہ انهن قل سان شروع ٿيندڙ قرآني آيتن ۽ احڪامن کي تہ پيغمبر جي اقوال مبارڪ ۾ شامل ڪري بطور حديث تسليم ڪن پر ڪنهن بہ حديث جي امام

پنهنجي مجموعي کي انهن ۾ سئو قرآني حديثن کي پنهنجي ڪتابن ۾ جڳهه نه ڏني آهي ۽ حديث ڪري تسليم نه ڪيو آهي، جڏهن ته اهي مستند اقوال رسول ۾ آهن ۽ هنن جي تشريح ۽ تعريف تي به پوريون ۽ فٽ آهن، پر الائي ڇو انهن امامن انهن کي حديث نه ڪوٺيو آهي، لڳي ٿو ته اهي حديثون قرآن واري روٽ سان مليون آهن ۽ هنن جو قرآن سان مڙيئي واسطو جهڙو تهڙو آهي، پر جي اسان هنن جي چوڻ تي هنن هٿان مليل حديثن کي وحي خفي تسليم ڪيون ۽ قرآن جو مثله معه وانگر مثل مڃئون، بلڪه شيعن سنين سڀن وٽ پنهنجون پنهنجون حديثون آهن، بلڪه اهل حديثن ۽ قاديانين کي به پنهنجون حديثون آهن ۽ جعفري فقه سميت سنين جي چئني امامن جي فقهن جو بنياد به گهٽي ياگي فارس جي امامن وارين حديثن تي آهي، ٻيو ته ٺهيو پر خانقاهي ادارا ۽ تصوف جي جهان وارن کي به القاء ۽ الهام جا دروازا حديثن مان ئي کلي مليا آهن، جيڪو هڪ طرح سان وحي واري ڪلام سان ٽڪر ۽ مقابلو آهي ۽ الهام کي مڃڻ سان ختم نبوت جو انڪار ٿي وڃي ٿو ۽ ختم نبوت جو نظريو ٽٽي وڃي ٿو، پوءِ جڏهن امت جو وڏو حصو هنن فارس وارن جي وحي خفي ۽ قرآن جي مثل واري علم تي ڪاربند آهي ۽ هنن وٽ نبي سائين جي سند به موجود آهي، ته اهي ان جي امانت جا وارث ۽ علمبردار آهن، ته پوءِ رسول سائين الله وٽ پنهنجي امت کي جوابدار قرار ڏيئي هي فرياد ڇو ڪندو، ۽ ڪيئن ڪندو ته وقال الرسول يا رب ان قومي اتخذ وا هذا القرآن مهجوراً (سورت فرقان آيت ٣٠) يعني فرياد آهي ته اي منهنجا پالڻهار تحقيق منهنجي امت منهنجي قوم، هن قرآن کي ڇڏي ڏنو هو ۽ ٿڦو ڪيل ۽ وساري ڇڏيل، اڇلائي ڇڏيل ڪتاب بڻائي ڇڏيو هو، پر امت ته وحي خفي کي چنبڙي پئي آهي ۽ مثل قرآن وارين حديثن سان هرڪو پيو تسبيون پڙهي وضيفا پڙهي چلا ڪڍي، رسول الائي ڇو پيو فرياد ڪري، جڏهن ته اها ايف آئي آر خود به قول رسول آهي.

الحدود واري قسم جون سڀ حديثون آهن، صرف هڪڙي، ڪتاب جي پهرين حديث کي عنوان تہ پاڻ ڏنو اٿس محآرب ۽ مرتد جو، پر ان کي ثابت نہ ڪري سگهيو آهي ۽ پنهنجي ڳالهہ کي ثابت نہ ڪري سگهڻ، شايد ان ڪري وسري ويو اٿس جو هڪڙي حديث تي چار عدد باب لکي هڪ ۾ نبي سائين کي بي رحم متشدد ۽ ماڻهن کي چڇلائي چڇلائي ماريندڙ ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي عنوانن ۽ ترجمة الباب جي ڪوڙي ثابت ٿيڻ جو بہ خيال لهي ويو اٿس، اهو مذڪور اوهان گذريل مضمون ۾ پڙهي چڪا هوندا تہ هاڻ هن ڪتاب ۾ ٩٧٩ نمبر باب بخاري صاحب لکيو آهي رجم الحبلي من الزنا اذا احصنت. جي نالي سان يعني شادي شده عورت تي زنا سان پيٽ ٿيڻ تي سنگسار ڪرڻ، هن باب ۾ تمام وڏي ۽ ڊگهي حديث لکي اٿس هونئن تہ سند جي روائن ۾ ابن شهاب زهري جهڙو نامي گرامي راوي بہ موجود آهي جيڪو امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها جي شان خلاف افڪ واري جڙتو ۽ بدنام روايت جو خالق آهي، هن حديث ۾ بخاري صاحب ترجمة الباب يعني جيڪو عنوان لکيو آهي، انهيءَ جو اهڙي ڪنهن ڪيس ۽ واقعي سان تعلق ڪونهي تہ ڪو اهڙو فيصلو آيو هو جنهن ۾ حاملہ عورت ۽ شادي شده تي زنا ثابت ٿي هجي ۽ ان کي سنگسار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هجي، بهرحال هي هڪڙو اختراع آهي، گهاڙيتن جي گهاڙگهڙيل آهي، جيڪا ابن عباس کان شروع ڪرائي اٿن تہ اهو مهاجر صحابہ مان ڪن کي پڙهائيندو هئو، جن ۾ عبدالرحمان بن عوف بہ هئو (هن موقعي تي عرض آهي تہ هي واقعو حضرت عمر جي شهادت کان هڪ سال اڳ جو ڏسين ٿا يعني نبي سائين جي ايامن کان پوءِ حضرت صديق اڪبر جي خلافت جي عرصي کان پوءِ ۽ حضرت عمر سائين جي خلافت جي يارهن سالن گذرڻ کان پوءِ بہ حضرت عبدالرحمان بن عوف جيڪو حڪومت اسلاميہ جي پولٽ بيورو جو ميمبر آهي، اهو اجا پيو حضرت ابن عباس وٽ ٽيوشن پڙهي، سا بہ سفر ۾) هي جماعت مهاجرين، مديني مان حج لاءِ مڪي آيل هئي ۽ هي ڳالهہ ايام منيٰ ۾ رهائش جي موقعي جي راوي صاحبن جوڙي آهي، تہ مني ۾ حضرت ابن عباس ٽيوشن پڙهائڻ لاءِ

ڳالهين جي ترديد عرض ڪيان ٿو، جو اسان جي ڪسوٽي قرآن آهي، هوئڻ هن ڪان اڳي مون پنهنجي ڪتاب آيات بينات ۾ جمع القرآن تي قرآن حڪيم جي محفوظ ۽ ڪامل مڪمل هجڻ بابت قدري تفصيلي مضمون لکي ڇپرائي ڇڏيو آهي، انهيءَ هوندي بہ هت مختصر طور ڪجهہ لکجي ٿو جنهن سان فارسي امامن جي گهڙيل ڪوڙ جي ترديد ٿئي ۽ امام ابن شهاب زهري کي موٽ ۾ ڪجهہ زهر ڏئي ڇڏجي، زهري صاحب هن روايت ۾ پاڻ جيڪو زهر تاريخ ۾ شامل ڪيو آهي اوهان روايت جي گذريل مختصر ٽڪرن ۾ محسوس ڪيو هوندو، جي اوهان جو ڌيان ان طرف نہ ويو هجي تہ آئون گذارش ڪري انهن الفاظن تي وري غور ڪرڻ لاءِ اوهان کي زحمت ڏيان ٿو، اهو هي تہ مني ۾ حضرت عبدالرحمان بن عوف حضرت عمر کي جهلي ٿو تہ هت اوهان اهو مسئلو نہ ڇيڙيو جو هتي عوامي ميڙاڪو آهي، ماٺهو بات جو بتنگڙ ۽ ڳالهہ مان ڳالهيڙو نہ بنائين ۽ مدينو شهر، دارالهجرت والسنة آهي اتي فتخلص باهل الفقہ واشراف الناس يعني نجي نموني نويڪلائي ۾ سمجهدار ۽ اشراف ماڻهن ۾ اها ڳالهہ پيش ڪر، حديث جي عبارت گهڙڻ واري زهري، مفهوم مخالف واري صنعت ۽ ڪاريگريءَ ۾ وڏو الزام هٽي ڇڏيو آهي تہ جڻ مديني شهر تي مهاجرن جي مونوپولي آهي، اهي ئي سمجهدار ۽ اشراف آهن، انهن لفظن سان روايت گهڙيندڙ، عبدالرحمان بن عوف کان مديني کان ٻين علائقن وارن کي غير اشراف چورائي ويو، سڏائي ويو، ٻين غير مهاجرن ۽ غير مدني ماڻهن کي، غير اشراف ڪوٺرائي ويو، اهو آهي روايت گهڙيندڙ، زهري صاحب جو زهر ۽ هي بہ تاثر ڏئي ويو تہ اڳتي لاءِ خلافت تي ڪير وهندو، ڪنهن جي بيعت لاءِ ماحول ٺاهڻ گهرجي، اهڙي مسئلي کي هتي مڪي ۾ مني ۾ حج جي ميڙاڪي ۾ ڪٿڻ سان گڙٻڙ ٿي سگهندي، عوام ان جو مطلب اسان جي موقف جي خلاف بہ وٺي سگهندا ۽ ان جي پيٽ ۾ مدينو دارالهجرت آهي، اتي هلي سمجهدار ماڻهن اڳيان اهو مسئلو پيش ڪجي، معنيٰ تہ خلافت جهڙي مسئلي لاءِ روايت گهڙيندڙ مديني شهر کي هڪ هتي واري لحاظ سان سازشن جي شهر هجڻ جو تاثر ڏيڻ

ڳهرن تا ۽ دارلهجرت ۾ فتخلص جا لفظ ٻڌائين ٿا تہ حديث گهڙڻ واري، خلافت ۽ حضرت عمر جي وفات کان پوءِ لاءِ جانشين بابت هڪ سال اڳيئي عبدالرحمان بن عوف کي اڻ تڻ ۽ مخصوص ذهنيت وارو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حديث جي علم جي ڄاڻو ماڻهن کي خبر هوندي ۽ ياد هوندو تہ هنن حديثن جي لحاظ سان، حضرت عمر قاتل جي حملي کان پوءِ ۽ وفات جي وچ ۾ جيڪا جانشين طور خليفي چونڊڻ لاءِ ڇهہ رڪني ڪاميٽي ٺاهي هئي، ان ۾ حضرت عبدالرحمان بن عوف کي وڏي حرفت سان حضرت علي کي ڏاج ڏيئي، عثمان کي خليفي بنائڻ جي جيڪا ڪارگذاري ڏيکاري آهي، لکي آهي، ان جي پسمنظر تيار ڪرڻ لاءِ هيءَ حديث ٺاهي اٿن، هونئن تہ هن حديث جي عبارت ۽ متن ۾ هڪ تير سان زهري صاحب ڪيئي شڪار ڪيا آهن.

امام زهري صاحب جي زهر جو وڏيڪ مثال بہ عرض ڪري ڇڏيان تہ روايت ۾ جنهن وقت حضرت عمر کي مديني ۾ اچڻ سان جمعي ڏينهن واري تقرير ڪندي، راوي صاحب يا زهري صاحب ڳالهہ مڙيئي هڪڙي آهي، پيش ڪري ٿو تہ تقرير جي بهاني حضرت عمر جي واتان هي الفاظ ٺاهي لکيا آهن تہ ثم انه بلغني ان قائلا منكم يقول والله لومات عمر بايعت فلانا فلايغترن امر ۽ ان يقول انما كانت بيعة ابوبكر فلتة و تمت الاوانها كانت كذالك ولاكن الله وقي شرها. يعني مون کي خبر ملي آهي تہ ڪو چوڻ وارو چوي ٿو تہ قسم آهي تہ جيڪڏهن عمر مري ويو تہ آئون (ان جي جاءِ تي خليفي ٿيڻ لاءِ) فلاڻي جي هٿ تي بيعت ڪندس، توهان کي ڪو بہ ماڻهو هي چئي ڌوڪو نہ ڏئي تہ ابوبڪر سان ڪيل بيعت ڪا اتفاقي ۽ ناگهاني هئي ۽ اها گذري وئي، خبردار! اها هئي اهڙي (جيئن چوندڙ چوي ٿو) پر الله ان جي شر کان بچايو. هاڻي پڙهندڙ حضرات غور فرمائين تہ هن آخري جملي جو ڪهڙو مطلب تہ الله ان جي شر کان بچايو ۽ اهو هئو بہ اهڙو اوچتو. جهڙو چوندڙ چوي ٿو، پوءِ وري عمر سائين کان روايت گهڙيندڙ چوائي ٿو تہ ۽ توهان ۾ ڪو اهڙو ماڻهو بہ ڪونهي جيڪو ابوبڪر جي فضيلت کي پهچي سگهي، اهي متضاد جملا ۽ مختلف معنائن وارا، جن ۾ هر موافق

۽ مخالف کي ٻنهنجي مقصد ۽ دشمني ۽دوستي واري ڳالهہ بہ ملي سگهي، سا بہ حضرت عمر جهڙي ماڻهوءَ جي زبان مان. ۽ پيو سرهندڙ صاحبو! روايت ۾ اوهان هنن الفاظن ڏي بہ غور ڪيو هوندو تہ مڪي ۽ مني ڪان وني، حضرت عبدالرحمان بن عوف جي حضرت ابن عباس سان ڳالهہ ڪرڻ ڪان وني، مديني ۾ پهچڻ ڪان پوءِ حضرت عمر جي جمعي واري تقرير تائين، خلافت جي مسئلي ۽ عمر سائين جي وفات ڪان پوءِ، جنهن ماڻهوءَ سان بيعت ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي ٿي وڃي، ڪنهن جو بہ نالو ڪونہ ٿو ڪنيو وڃي، بس رڳو قال قائل. يعني چوندڙ چيو تہ عمر جي مرڻ ڪان پوءِ فلاڻي جي هٿ تي بيعت ڪندس، زنده ۽ جيئري عمر کي ان جي منهن تي سندس نالو ڪٿي قال قائل چوي ٿو تہ تنهنجي مرڻ ڪان پوءِ، پر جنهن جي هٿ تي هو بيعت ڪندو ان جو روايت ۾ نالو آهي ئي ڪونہ. يعني راوي صاحبن جڻ اها ڳجهارت ڏيئي ڇڏي آهي تہ سيڪو وڃي پاڻ سمجهي، حديث جي ڪمپوزيشن، جزبندي ۽ جوڙجڪ تي تفصيلي تنقيد ۽ آڏي پڇا ڪئي وڃي تہ ان جو مستقل ڪتاب جڙي وڃي، پر اسان جي زماني جا عالم سڳورا ويچارا پنهنجي نيڪ نيتيءَ جي ڪري ۽ مخلص ديندار هجڻ ڪري، هنن امامن جي اهڙين حديثن جون تاويلن واريون معنائون ڪيون، پنهنجي ايمان بچائڻ لاءِ ڏاڍو اگر، مگر، چونڪہ، چناچہ سان لفظن جي ظاهري معنيٰ کان لنوائيندا آهن، پر حديثن جي عبارت ۽ متن جا الفاظ سڌو سنئون تبرا ۽ ڪردار ڪشي واري معنيٰ سان ڳاٽ ڪنيون بيٺا هوندا آهن. عالم سڳورا تہ ٺيا مؤمن مخلص ۽ ويساهہ وارا ادب رکندڙ ماڻهو، پر دنيا ۾ سڀ دوست تہ ڪونہ آهن، جو تاويلون ڪري گارين واري معنيٰ کان لنوائي وڃن، پيو لغت ۽ ڊڪشنري ۽ علم ادب جو فن اهو تہ نہ ڪافر هوندو آهي نہ مسلمان، جنهن لفظ جي جيڪا بہ معنيٰ هوندي آهي لغت ۽ ڊڪشنري اهائي ڏسي ڏيندي آهي، اصل ۾ آئون پڙهڻ جي زماني ۾ ۽ان ڪان پوءِ حافظ محمد اسماعيل مرحوم مهتمم مدرسہ مظهر العلوم کڏي ڪراچيءَ واري جي رفاقت تائين تہ صفا انڌو مولوي ۽ جاهل مولوي هئس، هڪ ڏينهن تہ مون تنظيمي مسئلن تي اڪيلائيءَ ۾ مفتي محمود

صاحب سان حافظ محمد اسماعيل جي شڪايت ڪئي تہ جواب ۾ مفتي صاحب مون کي چيو تہ خبردار تون حافظ صاحب کي نٿو سڃاڻين. هو تمام وڏي علم وارو ماڻهو آهي اسان کي ان جي معاملن ۾ ان کان پڇڻ کان سواءِ ۽ ان جي مرضي خلاف ڪوبہ فيصلو ڪرڻو ناهي، مطلب تہ حافظ صاحب جن مون کي پنهنجي ڪتب خاني مان سندس پسند جا ڪتاب پڙهايا ۽ منهنجي ذهن سازيءَ ۾ هڪ سنّي استاد جو ڪم ڏنو ۽ هر ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ پاڻ ۾ ان بابت تفصيلي بحث مباحثو ڪندا هئاسون. جنهن مان مون کي علم الروايات جي وڏي ڄاڻ ملي، هونئن خصوصيت سان امام ابن شهاب زهريءَ بابت منهنجي مشفق دوست سائين عبدالحڪيم ارشد صاحب جن جڏهن اٽڪل پندرهن سال کن اڳ ۾ سندس ڳوٺ ويو هئس تہ اتي ڪچهري ۾ ڏيان ڇڪايو هئو ۽ ڪجهہ حوالن ذريعي ٻڌايو هئائون تہ زهري صاحب مداهنت ۽ تقيي بازيءَ سان وڏا ڪاٺ هنيا آهن. جو علم حديث جي ذخيري ۾ سندس زهر ڀڪيڙيل آهي، پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ عرض آهي تہ سائين عبدالحڪيم ارشد کي صرف ماستر ۽ اديب شاعر نہ سمجهيو وڃي، هو ديني علمن ۾ ڪنهن بہ مستند عالم کان گهٽ ڪونهي، پاڻ ديني مدرسي جي تعليم ان وقت کان پير جهنڊي ۾ شروع ڪئي هئائون جڏهن اتي امام انقلاب عبيدالله سنڌي جلاوطني کان موٽڻ مهل پڙهائيندا هئا. مون اڄ ڪلهہ عمر جي لحاظ سان موٽڻ مهل جيڪو قلم ذريعي ڪو ڪم ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي، اهو سڀ ڪجهہ سائين عبدالحڪيم جي مهرباني آهي، جنهن مون کي تمام سختي سان جنجهوڙي هي حوصلو ڏياريو ۽ فرمايائون تہ منهنجو توکان ۽ عبدالواحد آريسر کان هي مطالبو آهي تہ ڪجهہ لکي ڏئي وڃو ۽ مون لکڻ لاءِ جيڪي موضوع منتخب ڪيا آهن. اهي سڀ سائين عبدالحڪيم ارشد جي ڪچهرين ۽ ليڪچرن جو ئي تفسير آهن.

مٿي ڄاڻايل حديث ۾ زهري صاحب حضرت عمر کان جمعي ڏينهن جي فرضي خطبي ۽ تقرير ۾ قرآن مان ٻن آيتن جي رهجي وڃڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي. هڪ رجم جي سزا جي آيت ٻيو پنهنجي ابن ڏاڏن

جي طريقن کان ڦري نہ وڃجو واري آيت. آئون ڀهريائين انهن کي قرآن حڪيم جي حوالي سان رد ڪيان ٿو. پوءِ ٻئي مسئلي خلافت بابت گذارش ڪندس. زهري صاحب هن ڪوڙي روايت سان جيڪو تاثر ڏيڻ گهري ٿو ۽ ثابت ڪرڻ گهري ٿو تہ قرآن هڪ غير محفوظ ڪتاب آهي ۽ حضرت عمر جي دور تائين بہ آيتون گم ٿي ويون آهن. قرآن ۾ جمع ڪرڻ کان لڪايون ويون آهن. تہ پوءِ اڄ تائين پندرهن سئو سالن ۾ بہ اهو سلسلو گمشدگي جو هليو هوندو. جڏهن تہ خلفاء راشدين جي ڀلاري دور ۾ قرآن مان آيتون گم ٿي سگهن ٿيون تہ پوءِ ڇو ڪونہ اهڙيون وارداتون ٿي سگهيون هونديون. ان الزام ۽ ڪوڙ جي جواب لاءِ پڙهندڙن کي سورت حجر جي آيت نمبر ۹ ڏي ڌيان ڇڪايان ٿو. فرمان آهي تہ انانحن نزلنا الذڪر وانالہ لحافظون يعني رب تعاليٰ فرمائي ٿو تہ بيشڪ اسان نازل ڪيو آهي قرآن کي ۽ اسان ئي ان جا محافظ آهيون. هاڻي جنهن ڪتاب جو محافظ. ضامن. چوڪيدار الله عزوجل پاڻ هجي ان مان ہ آيتون تہ ڇا پر ہ عدد ٽيڪا بہ ڪير نٿو چورائي سگهي يا گم ڪري سگهي. يا ابن ماجہ جي روايت مطابق تہ رضاعة ڪبير واري آيت بي بي عائشہ جي ٻڪري کائي وئي. اهو ٿي نہ ٿو سگهي. اهي سڀ ڪوڙ آهن. الله جنهن شيءِ جو محافظ هجي ڪنهن جي مجال ناهي جو ان کي ڪوئي گم ڪري سگهي/ ٻئي هنڌ سورت واقعہ جي آيت نمبر ۷۸ ۾ وڏن قسمن کڻڻ کان پوءِ فرمائي ٿو تہ انہ لقرآن ڪريم في ڪتاب مڪنون يعني اهو شرف ۽ فضيلتن وارو قرآن آهي. جيڪو محفوظ ڪتاب ۾ موجود آهي. تہ جنهن جي حفاظت لاءِ رب پاڪ شاهدي ڏئي تہ اهو قرآن محفوظ ڪتاب ۾ آهي. تہ ان جي پيٽ ۾ فارس جي روايتن گهڙيندڙن جي، ٻن آيتن جي گم ٿي وڃڻ واري حديث کي ڪيئن صحيح سڏي سگهبو. قرآن سچو آهي. هنن ماوراء النهر وارن جون حديثون ڪوڙيون آهن. اسان جو ايمان قرآن تي آهي هنن جي گهڙيل حديثن تي ڪونهي. اڳتي آخر ۾ آئون سورت بروج جي آيت نمبر ۲۱ ۽ ۲۲ طرف ڌيان ڇڪائيندس فرمان آهي تہ بل هو قرآن مجيد في لوح محفوظ يعني اهو قرآن تمام شرف عزت ۽ مان مرتبي وارو

آهي، جيڪو پنهنجي مرڪز ۾ ته محفوظ قسم جي تختيءَ تي لکيل آهي، پر هتي دنيا ۾ ڪتاب جي ڪاغذن تي به حفاظت سان محفوظ آهي، يعني جيڪڏهن قرآن مان ڪي آيتون چوري ڪيل هجن ها، يا گم ڪيل هجن ها، ته ان ڪي الله سائين مجيد جي لقب سان متعارف نه ڪرائي ها، مجيد. مجيد تڏهن هوندو آهي جيترري تائين ان خلاف ڪنهن چور ۽ لچ لوفر ڪا خيانت نه ڪئي هجي، ان مان ڪا شيءِ ضايع نه ڪئي هجي، چوري نه ڪئي هجي، جيڪڏهن ڪنهن دشمن جي خيانت ۽ دست اندازي، مجيد شيءِ ۾ ثابت ٿي وڃي ته مجد ختم، عزت ۽ مرتبو ختم، ۽ جيڪڏهن مجيد ڪتاب مان چوري ثابت ٿي ۽ ان جون ڪي آيتون گم ٿيل ثابت ٿي وڃن ته رب سائينءَ قرآن حڪيم جي شان ۽ مرتبي لاءِ جيڪي به شاهديون ڏنيون آهن ته انه لقرآن ڪريم في ڪتاب مڪنون لايمسه الا المطهرون، ٨٠-٧٧-٥٦ ۽ في صحف مڪرمة، مرفوعة، مطهرة بايدي سفرة ڪرام بررة، ١٦-١٣-٨٠، اهي سڀ جو سڀ اعزاز، القاب، ضمانتون، بي معنيٰ ۽ ڪوڙ ٿي وينديون، سو مؤمن، مسلمان ڪان، قرآن مثان، ايمان جي باري ۾ پڇيو ويندو، ۽ قرآن ڪي چوري ٿيل ڪتاب، ڀڪري ڪاڌل ڪتاب، ان جي آيتن ڪي گم ٿيل ڏسڻ واري حديث جي علم بابت قرآن حڪيم صاف صاف نموني حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ته اتبعو اماانزل اليڪم ولاتتبعوا من دونه اولياء يعني قرآن کان سواءِ ٻئي ڪنهن به علم جي تابعداري نه ڪيو ۽ ان ڪري به جو اهو قرآن جي غير محفوظ هجڻ جي پروپيگنڊا ڪري رهيو آهي.

امام ابن شهاب زهري صاحب پنهنجي هن تخليق ۾ حضرت عمر سائين جي جمعي جي فرضي تقرير ۽ خطبي ۾ نبي سائين جي وفات کان پوءِ اهو به چورائي ٿو ته اصحابن جي جماعت ۾ خلافت جي مسئلي تي اختلاف ٿي پيو، انصاري صحابي سقيفه بني ساعده ۾ پنهنجو ميڙ ڪوٺائي، اتي پنهنجي هڪ ساٿي سعد بن عباده کي خلافت جي عهدي واسطي بيعت ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي ويا هئا، ته حضرت عمر، حضرت ابوبڪر ۽ ڪن ٻن ٽن ٻين مهاجر اصحابن کي ساڻ وٺي انصار صحابه

جي ميڙاڪي واري هنڌ، سقيف نبي ساعده تي پهتو ۽ هتي جي اتي پهچڻ کان پوءِ انصارين جو هڪ خطيب اٿي بيهي خطاب ڪرڻ لڳو جنهن ۾ ان چيو تہ اسين الله جا مددگار آهيون ۽ اسلام جو لشڪر آهيون ۽ اي مهاجرو! توهان تہ اسان جي گروهہ ۽ ٽولي جا ماڻهو آهيو جو بک کان اچي اسان وٽ خانہ بدوش ٿي پهتا ۽ هاڻي آيا آهيو اسان جي پاڙ پٽڻ ۽ اسان جي حڪومت اسان کان کسڻ. پوءِ جڏهن هن تقرير پوري ڪئي تہ مون ارادو ڪيو تہ هاڻي آئون ڳالهايان ان لاءِ آئون تياري بہ ڪري آيو هئس تہ اڄ ابوبڪر جي سامهون انصارين کي هي هي ٻڌائيندس، پر ابوبڪر مون کي روڪيو ۽ پاڻ ڳالهائڻ شروع ڪيائين. جيڪو سندس خطاب منهنجي سوچيل مقالي کان وڌيڪ سوبر ۽ اثرائتو هيو. جنهن ۾ هن انصار صحابہ کي چيو تہ جيڪو اوهان پنهنجي باري ۾ چيو آهي، اهو سڀ درست آهي ۽ توهان انهيءَ جا اهل آهيو پر. ولن يعرف هذا الامر الالهذا الحي من قريش هم اوسط العرب نسبا ودارا يعني هن حڪمراني ۽ خلافت جو جيستائين سوال آهي تہ اها صرف ۽ صرف هن قبيلي قريش لاءِ مخصوص آهي ان ڪري جو قريش عرب خاندانن ۽ قبيلن ۾ مرڪزي نسب وارا آهن تہ اهڙي نموني گهراڻن، ۽ پاڙن ۾ بہ هي مرڪز گهراڻي جا ماڻهو آهن. (حديث تمام ڏگهي آهي آئون صرف ايتري تي پنهنجون گذارشون محدود رکان ٿو) حديث جي هن حصي ۾ آئون صرف ٻن ڳالهين طرف پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪايان ٿو. اصحاب رسول جو پاڻ ۾ جهيڙو جهڳڙو. ٻيو حضرت ابوبڪر جي زبان مان حديث گهڙيندڙن خلافت حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو دليل پيش ڪيو آهي. انهن ٻنهي ڳالهين جو رد قرآن مان ثابت ڪرڻ کان پوءِ آئون پنهنجي ذميداريءَ کان فارغ ۽ آجو ٿيندس، هونئن تہ اصحاب رسول جي شان ۾ قرآن حڪيم ۾ تمام گهڻيون آيتون ملي وينديون، پر منهنجي لاءِ سڀن جو احاطو مشڪل ٿيندو. آئون صرف حديث جي قرآن جي مقابلي ۾ هجڻ ۽ قرآن جي رد ڪرڻ ۽ قرآن جي ضد ۾ اٿڻ کي ثابت ڪندس ۽ بس. زهري صاحب پنهنجي ڳهاڙ گهڙيندي خلافت جي مسئلي تي هڪ تہ حضرت علي ۽ زبير جو اختلاف ڏيکاريو آهي، ٻيو مهاجر ۽ انصار صحابہ جي

وچ ۾ اختلاف ذيڪاريو آهي. آئون پهريائين رسول سائينءَ جي سيني اصحابن جي پاڻ ۾ محبت ۽ بڌيءَ لاءِ قرآن حڪيم کان پڇي بڌايان ته اهو ڇا ٿو چوي سورت انفال جي آيت نمبر ٦٣ ۾ رب پاڪ فرمائي ٿو ته والف بين قلوبهم لوانفقت مافي الارض جميعا ماالفت بين قلوبهم يعني اي قرآن پڙندڙ. اي قرآن جا مخاطب! رب تعاليٰ اصحاب رسول جي دلين ۾ ايترو ته ڳانڍاپو ۽قرب محبت وجهي ڇڏي هئي جو جيڪڏهن تون روءِ زمين جي دولت خرچ ڪري، ڪنهن پارٽيءَ جي ميمبرن ۾ پڌي قائم ڪرڻ گهرين ته جيڪر انهن جي دلين ۾ ايتري محبت قائم ڪري نہ سگهين. غور فرمايو ته هن آيت ۾ بہ ڳالهيون اچي ويون هڪ ته اصحاب رسول جي دلين کي پاڻ ۾ رب پاڪ ڳنڍي ڇڏيو هو يعني انهيءَ ڳانڍاپي سبب سين جي سوچ هڪ جهڙي، ذوق هڪ جهڙو، فڪر هڪ جهڙو، عمل هڪ جهڙو هو ۽ قرآن حڪيم بي ڳالهہ سان دنيا وارن کي چئلينج بہ ڪري ڇڏي ته ڪير ڏن ۽ دولت لٽائڻ سان منهنجي محمد جي ساٿين جهڙي پاڻ ۾ پريت ته قائم ڪري ڏيکاري! آئون اميد پانيان ٿو ته اصحاب رسول جي باري ۾ قرآن جي هن شاهديءَ کان پوءِ زهري ۽ بخاريءَ جي حديث کي درست ميڻ سان قرآن جو انڪار ثابت ٿيندو. سو گهٽ ۾ گهٽ آئون ته اعلان ڪيان ٿو ته قرآن جي ڏنل فڪر ۽ نظريي سان ٽڪر کائيندڙ حديث يا ڪنهن بہ اهڙي بئي علم جو انڪار ڪيان ٿو، انڪار ڪيان ٿو، انڪار ڪيان ٿو. پر متان ڪو چوي ته اها آيت الف بين قلوبهم واري اجمالي آهي مبهم آهي امام زهري ۽ امام بخاري وڏا ماڻهو آهن هنن جيڪا حديث هٿ ڪئي آهي ته مهاجر صحابہ ۽ انصار صحابہ جي وچ ۾ ۽ دلين ۾ ويڇوٽيون هيون. سو قرآن مان بہ جيڪا اصحابن جي پاڻ ۾ دوستي جي ڳالهہ هجي ان ۾ کولي ڪري مهاجرن ۽ انصارين جي دوستيءَ جو نالن سان ذڪر هوندو ته پوءِ قبول ڪنداسين، نہ ته زهري ۽ بخاري بہ ڪا گهٽ ڳالهہ ته ڪونہ آهن. ته انهن جي لاءِ بہ عرض آهي تہ سورت انفال جي آيت نمبر ٧٢ ۾ رب پاڪ فرمائي ٿو ته ان الذين آمنوا وهاجروا وجاهد وا باموالهم وانفسهم في سبيل الله والذين آووا ونصروا اولائڪ بعضهم اولياء بعض يعني

تحقيق اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ پنهنجي جانين ۽ ملڪيتن سان بہ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو، ۽ اهي ماڻهو جن انهن (هجرت ڪرڻ وارن مجاهدن کي پناهہ ڏني مدد ڪئي، نصرت ڪئي، (انصاري بنيا) اهي سڀ هڪ ٻئي جا دوست آهن. (ترجمو ختم) منهنجي خيال ۾ حديث ناهيندڙن جي ڪوڙ کي قرآن پاڪ چڱي طرح ڪوڙو ثابت ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي هرڪو آزاد آهي بخاري ۽ زهري جي ڪوڙي حديث تي وتي اصحاب ڪرام کي پاڻ ۾ ويڙهائيندو يا قرآن تي اعتبار ڪري نبي جي جان نثار ساٿين بابت پنهنجا ويچار درست ڪري.

آخر ۾ آئون زهري صاحب جو حديث جي آڙ ۾ قرآن حڪيم جي سمجهايل استخلاف في الارض، يعني حڪمرانيءَ جي استحقاق ۽ حڪمران بنجڻ جي اهليت واري معيار ۽ ڪسوٽي جي مقابلي ۾ ساڳيو دقيانوسي، خانداني ۽ شخصيت پرستي وارو معيار ۽ ڪسوٽي حديث جي نالي سان مسلمان امت کي مٿي ۾ هڻڻ جي جيڪا سازش ۽ چال آهي، ان کي پڌرو ڪيان ٿو ۽ ثابت ڪيان ٿو. حديث گهڙيندڙ حضرت ابوبڪر جي زبان مان خلافت جي استحقاق لاءِ دليل پيش ڪن ٿا تہ ولن يعرف هذا الامر الالهذا الحي من قريش، يعني هي حڪمرانيءَ جو معاملو قبيلي قريش کان سواءِ ٻئي کي ملي نٿو سگهي، اهو قرآني فلسفي جي خلاف آهي، وري انهيءَ لاءِ بہ دليل ڏسو تہ ڪيڏو نہ اڻ سڌريل ۽ بدبودار آهي تہ اهو ان ڪري جو اهي قريش، هم اوسط العرب نسباودارا، يعني قريش قبيلي ۽ پاڙي جي لحاظ سان مرڪزي حيثيت جا مالڪ آهن، انهيءَ جي معنيٰ اها ٿي تہ وڏي گهراڻي ۽ خاندان وارن کي اقتدار ڏجي ۽ قبائلي وڏ ماڻهپ ئي حڪمران بنجڻ جو معيار آهي ۽ نسلي ۽خانداني شجرو ئي اقتدار حاصل ڪرڻ جو ماپو آهي، هاڻ مناسب ٿيندو تہ قرآن کان بہ معلوم ڪجي تہ ان وٽ ڪنهن عهدي کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙو اصول آهي، ڪهڙو فلسفو آهي، ڪهڙي لاجڪ آهي، سو ان قرآني فلاسافي جي شروعات، مٿي حديث ۾ پيش ڪيل معيار جي جواب سان پيش ڪيون ٿا ۽ ان کان پوءِ باقي ٻيا شرط ۽

معيار ماپا. حضرت ابراهيم عليہ السلام انساني تاريخ جو وڏو ماڻهو آهي، مون کي هڪڙي بلوچ چيو تہ اسان نمرود جي اولاد آهيون حضرت ابراهيم جو پيءُ آذر بہ نمرود جي سوناڻ مان ۽ ڏاڏنگ مان هو. جنهن کي نمرود پنهنجو وزير مذهبي امور بنايو هئو. بهرحال اها ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي يا غلط آهي. آئون حضرت ابراهيم عليہ السلام جي وڏي ماڻهو هجڻ جو دليل قرآن حڪيم جي هن معيار کي قرار ڏيان ٿو تہ قرآن حڪيم ان جي باري ۾ ٻڌايو تہ واذا بتلىٰ ابرهيم ربه بكلمات فاتمهن قال اني جاعلك للناس اماما (بقره آيت ١٢۴) يعني رب پاڪ جڏهن ابراهيم عليہ السلام کي امتحاني مرحلن ۾ آندو ۽ ابراهيم انهن سڀن کي ڪٽي ورتو ۽ پاس ٿي ڏيکاريائين. پوءِ انهيءَ پڄاڻان الله ابراهيم کي هي منصب ۽ عهدو ڏيڻ جو اعلان ڪيو تہ اني جاعلك للناس اماما يعني اي ابراهيم اسان توکي انسانن جي قيادت ۽ ليڊرشپ جو عهدو عطا ڪيون ٿا تہ انهيءَ اعزاز ۽ منصب ملڻ کان پوءِ ابراهيم درخواست ڪئي تہ سائين، ومن ذريتي يعني اهو اعزاز منهنجي اولاد کي بہ ملڻ گهرجي، تہ رب سائين جواب ۾ فرمايو تہ لاينال عهدي الظالمين، يعني اي ابراهيم منهنجون عطائون موروثي ۽ خانداني ڪونہ هونديون آهن! مون وٽ جو وهي سو لهي، هتي ميرٿ تي ئي ڪجهہ ملي سگهندو، منهنجا عهدا ظالمن کي ڪو نہ ملندا، نااهلن کي ڪونہ ملندا، پوءِ ڪٿي تنهنجا پٽ چو نہ هجن، پهريائين صلاحيت، پهريائين امتحانن ۾ ڪاميابي، پوءِ عهدا، هي مثال ۽ قرآني دليل تہ هئو ابن شهاب زهري جي ناهيل هترادو ۽ ڪوڙي حديث جي رد جو تہ قريش، قبيلي ۽ ذات جي زور تي اقتدار ۽خلافت جا حقدار ٿئا ٿي سگهن، اها حديث قبائلي ۽ نسلي معيار کي اهميت ڏيئي اسلام ۾ شخصيت پرستي ڦئملي پرستي جا جراثيم پيدا ڪندي، بلڪہ حديثن پٺيان هلڻ ڪري هاڻ اهي جراثيم مسلمانن ۾ وڏي وڻ ٿي ويا آهن، بلڪہ اسلام جي وڻ کي بي پاڙي ول وانگر چنبڙي سڪائي نوٽ ڪري چڪا آهن، منهنجون هي ڪاوشون انهيءَ جي پاڙ کي پٽي رهڙي، اسلام جي ٻوٽي کي صاف ڪري تروتازه بنائڻ لاءِ آهن، هاڻ ٻيو دليل قرآن مان ڏجي ٿو جنهن ۾

ڪنهن بہ مرتبي حاصل ڪرڻ لاءِ جنرل قانون ٻڌائجي ٿو. سورت انعام جي آيت نمبر ۱۳۲ ۾ آهي تہ ولڪل درجات مماعملوا يعني هرهڪ انسان کي گريڊ ۽ مرتبا ان جي عمل جي آڌار تي ڏنا ويندا. يعني سينارٽي سسٽم ۽ نسلي ترجيحون ختم. ان جي بدلي ۾ سيڪو ڪارڪردگي ثابت ڪندو وڃي ۽ مٿي ڪان مٿي درجن تي فائز ٿيندو وڃي. اڃا هنن دليلن کان بہ وڌيڪ تفصيلي ۽ جامع قسم جو دليل تہ حڪومت جو حقدار ڪير ٿي سگهي ٿو. حڪمراني جي لائق ڪير آهن. سڄي آيت ۾ چئڻ تہ ان جو پورو جواب آهي. آئون حوالو لکان ٿو سڀ ڪو پنهنجي گهر ۾ ترجمي واري قرآن تي کولي اهو تفصيل پڙهي ڏسي. ڪيترا معتبر سڏجندڙ ماڻهو چوندا آهن تہ قرآن اجمالي ڪتاب آهي. مبهم ڪتاب آهي. قرآن ڪنهن ٻئي علم حديث وغيره کان سواءِ سمجهڻ ڏکيو آهي. ايتري تائين جو قرآن جي نالي تي سرمائيدار طاقتن کان پئسا وٺي لگزري لائيف سان رهڻ واري ڊاڪٽر اسرار کي مون ٽيليويزن تي اهو چوندي ٻڌو تہ قرآن ۾ اجمال آهي. چڱو ڀلا اوهان گهر وڃي قرآن کولي، اتي پڙهڻ کان اڳ هاڻ هتي ئي پڙهو تہ هو ڪيئن نہ ڪنهن مسئلي کي کڻي ٿو ۽ پنهنجي تصريف آيات جي فن سان کولي کولي بيان ڪري ٿو. سورت نور جي آيت نمبر ۵۵ ۾ فرمان آهي تہ وعدالله الذين آمنوا منكم وعملوا الصالحات ليستخلفنهم في الارض كما استخلف الذين من قبلهم وليمكنن لهم دينهم الذي ارتضي لهم وليبد لنهم من بعد خوفهم امنا. يعبدونني لايشركون بي شيئا ومن كفر بعد ذالك فاولائك هم الفاسقون يعني (اڳين آيت ۾ جن کي چيو هو تہ الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪيو ۽ ان جي قانونن تي پروسو ڪيو) انهن سان هي واعدو ڪري ڇڏيو آهي تہ توهان مان جيڪي ايمان آڻيندا ۽ سڌارن وارا عمل ڪندا تہ انهن کي ضرور اقتدار ۽ حڪومت ڏيندا سون زمين مٿان. جيئن اسان اڳين قومن کي بہ (انهن شرطن تي) پاور ڏيئي چڪا آهيون ۽ اسان جو وعدو اهي تہ انهن (ايمان ۽ عمل صالح وارن) جي منشور کي اسين سگهارو بنائيندا سون. جيڪو دين انهن لاءِ پسند ڪري انهن کي ڏنو آهي ۽ انهيءَ سان ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان. هنن

جي خوف ڏپ ۽ هيسجي زندگي گذارڻ واري صورتحال ۽ ڪيفيت کي ختم ڪري، امن ۽ سڪون سان زندگي گذارڻ جو موقعو ڏيون. جنهن سان هو آرام سان بي ڊپا ٿي اسان جي قانون تي عمل ڪن. اسان جي قانونن جي اطاعت ڪن ۽ ڪنهن بہ طاقت جي خوف، رعب ۽ ڊپاءَ ۾ اچي انهن جي فرمانبرداري ڪرڻ سان شرڪ ڪان بچي وڃن (۽ اها امن خوشحالي ۽ بي خوفي واري ڪيفيت، نعمت ۽ سهولت ايتري تائين هوندي جيتري تائين اسان جي قانونن تي عمل ڪندا) پر جيڪي ماڻهو اهڙو نظام قائم ڪرڻ ڪان پوءِ ڦري ويندا ۽ عمل ڪرڻ ڪان يا انهن قانونن جا انڪاري ٿي ويندا تہ پوءِ اهي بدڪارن مان بڻجي ويندا. ۽ پوءِ انهن کي اهو امن سڪون ميسر نہ رهندو. پوءِ وري هو خوف ۽ بدحالي جو شڪار ٿي ويندا (اهوئي مطلب آهي ومن ڪفر بعد ذالڪ فاولائڪ هم الفاسقون جو) تہ هاڻ هن آيت چڱي طرح کولي ٻڌايو تہ اقتدار لاءِ ايمان ۽ عمل صالح شرط آهي، يعني ڪنهن بہ رائل فئملي ۽ مرڪزي قبيلي، سردار گهراڻي، اونچي پاڙي، يا بنگلن ۽ ماڙين جي مالڪي کي ڪابہ اهميت ڪانهي ۽ ايمان ۽ عمل صالح ڪان پوءِ جڏهن حڪومت ملي وڃي حالتون سڌري وڃن، امن خوشحالي اچي وڃي، پوءِ بہ حڪم آهي تہ الله جي قانونن جي پوئواري ٿيندي رهي، پر جيڪڏهن ڪا قوم ۽ معاشرو ڪنهن ٻي طاقت کي راضي ڪرڻ لاءِ يا انهن ڪان ڊڃي انهن جي قانونن تي بہ هلندو اهڙي نموني هو ڄڻ تہ شرڪ ڪندو، تہ اهڙي قوم لاءِ بہ اسان جي گارنٽي ختم ٿي، جيڪي انڪاري ٿيندا اسان جي قانونن جا پروگرام جا تہ انهن کي بہ پنهنجي لسٽ مان خارج ڪري ڇڏينداسون. يعني سڀ سڪ، وفاداري ۽ قانونن تي عمل ڪرڻ سان مشروط ۽ ڳنڍيل آهن ۽ ڪنهن بہ خانداني ۽ قومي قبائلي حيثيت کي ڪابہ اهميت ڪانہ ملندي، جيئن مٿين حديث ۾ زهري صاحب مهاجرن جي ترجيح لاءِ قريشي هجڻ ۽ مرڪزي قبيلي وارو هجڻ جي ڳالهہ ڪري قرآن جي فلسفي کي مسخ ڪرڻ جي چال ڪيڏي رهيو آهي، قراني نظريي کي انقلابي سوچ کي، قريشيت جي اهميت ذات پات جي اهميت سان ميٽڻ گهري ٿو، مسلمانن قرآن جي اصولن تي قائم ٿي

روم ۽ فارس جي جابر طاقتن کي جيڪا شڪست ڏني، هي حديثن ناهڻ واري ٽيم مسلمانن کي قرآن حڪيم جي انهن ترقي يافته، ميرٽ وارن اصولن کان هٽائي، شخصيت پرستي ۽ خاندان پرستي ڏي ڪاهي، وري انهن رومين زردشتين ۽ مجوسين هٿان انهن کي موچڙا هڻائڻ گهرن ٿا، غلام بنائڻ گهرن ٿا، خوارڪرڻ گهرن ٿا، بلڪ هيئن به چئي سگهجي ٿو ته مسلمان قرآن جي حڪم ميرٽ، ايمان ۽ عمل صالح کي ڇڏڻ کان پوءِ، حديثن واري خاندان پرستي واري نظريي تي هلڻ کان پوءِ، پنهنجي آزادي جا دور ۽ زمانا وڃي وڃائي ويٺا آهن ۽ اب جو رسو اهين زماني ۾ طارق قرآن هو ڪر يعني حديثن ناهڻ وارن فتح روم ۽ فارس جو بدلو وياج سميت وٺي ڇڏيو، حديث واري فلسفي ڏيڻ وارا ڪامياب ٿي ويا قرآن جي اصولن کان منهن موڙڻ وارا شڪست کائي ويا ناڪام ٿي ويا ۽ اڄ وڏين دولتن هجڻ باوجود خوار آهن. الله تعاليٰ ته سڄي امت مسلم کي امت وسط يعني مرڪزي پارٽي ناهيو هئو هي حديثن وارا صرف قريشن کي هم اوسط العرب نسباودارا پيا بنائين، قرآن حڪيم سورت بقره جي آيت نمبر ۱۴۳ ۾ فرمائي ٿو ته وكذالك جعلنا كم امة وسطا لتكونوا شهداء على الناس ويكون الرسول عليكم شهيدا يعني اسان اوهان کي مرڪزي امت (پارٽي) بنايو آهي هن لاءِ ته اوهان انسان ذات جي (معاملن ۽ مسئلن لاءِ انهن) مٿان نگران بنجو، چوبدار ۽ محافظ بنجو ۽ رسول اوهان جو نگران بنجي، پر هتي هن حديث ۾ امام زهري قرآن جي طرفان سڄي امت کي امت وسط يعني مرڪزي بنائڻ کان پوءِ امت جي اندر ميرٽ جو بنياد قومن ۽ قبيلن کي پيو بنائي ۽ سورت انبياء جي آيت نمبر ۱۰۵ ولقد كتبنا في الزبور ان الارض يرثها عبادي الصالحون يعني اسان زبور ۾ به هي قانون بڌائي ڇڏيو هئو ته زمين جا وارث منهنجي ٻانهن مان اهي ٿيندا جن ۾ صلاحيت هوندي، هاڻي قرآن جي هنن ڪليل حڪمن کان پوءِ به، پڙهندڙ ماڻهو حديثن بابت فيصلو پاڻ ڪن، ۽ فيصلي وقت منهنجي هي گذارش ذهن تي رهي ته ڇا رسول الله ﷺ ۽ ان جا اصحاب ڪرام قرآن حڪيم جي خلاف ڪا ڳالهه ڪري سگهندا، جن کي قرآن ڪاميابي ۽ قبوليت جا سرٽيفڪيٽ به ڏئي ڇڏيا آهن.

## قرآن جي ڪن حڪمن کي منسوخ سڏڻ جي سازش

امام مسلم قدس سره پنهنجي ڪتاب جي ڪتاب الايمان ۾ هڪ باب ڏنو آهي باب بيان تجاوز الله تعاليٰ عن حديث النفس والخواطر بالقلب اذالم تستقر يعني الله سائين درگذر ڪري ٿو ماڻهن کي انهن جي دلين جي ڳالهين ۽ ويچارن کي جيستائين جو اهي ويچار ۽ ڳالهيون ٿي آهن. انهيءَ باب هيٺ امام مسلم قدس سوره هڪ حديث آندي آهي ته جڏهن آيت لله مافي السماوات وما في الارض وان تبدوامافي انفسکم اوتخفوه يحا سبکم به الله فيغفر لمن يشاء ويعذب من يشاء والله علي کل شي قدير نازل ٿي ته اها آيت رسول جي اصحابن تي ڏاڍي ڳري گذري جنهن آيت جو مختصر مطلب هي آهي ته توهان پنهنجون اندر جون ڳاليهون ظاهر ڪيو يا لڪايو. الله اوهان جو هر حال ۾ حساب ڪندو سو انهيءَ آيت اچڻ ڪان پوءِ صحابہ جو وفد نبي سائين وٽ ڏاچين تي لڏو رکي اچي پهتو ۽ چيائون ته اي الله جا رسول اڳيئي اسان تي اسلام جي عملن نماز، روزن، جهاد ۽ صدقي ڏيڻ اسان سان گهٽي ڪئي آهي، جيڪا تڪليف ڪاني رهيا هئاسون ته هاڻي وري هيءَ آيت بہ نازل ٿي آهي تہ اسان سان دلين جي ڳالهين جو بہ حساب تيندو، تہ نبي سائين انهن کي سمجهايو تہ توهان اهل ڪتاب وارن جهڙا نہ ٿيو، مڙس ماڻهو ٿي فرمانبردارن مان بنجو نافرمان نہ ٿيو، پوءِ هو راضي ٿيا ۽ قبول ڪيائون تہ ڀلا اوهان جي نصيحت مطابق اطاعت ڪندا رهنداسون، پوءِ الله بہ ڏٺو تہ همراهہ نرم ٿيا آهن، پوءِ خدا سائين اڳيون آرڊر ڪينسل ڪري وري ٻيو نرم حڪمنامو موڪليو تہ لايکلف الله نفسا الاوسعها لها ماکسبت وعليها ما اکتسبت يعني ماڻهن

ڪي الله انهن جي طاقت ۽ سگهه کان مٿي ڪابه تڪليف ڪونه ڏيندو بس ايترو جيترو ڪندا اوترو لوڙيندا. انهيءَ تي وفد وارا راضي ٿي موٽيا. انهيءَ کان پوءِ انهي باب ۾ انهيءَ مناسبت سان ڏهاڪو کن اهڙيون حديثون مسلم صاحب آنديون آهن جو ڄڻ گناهه ڪرڻ لاءِ دل ۾ ويچار ڪري پوءِ اهي گناهه نه ڪرڻ تي به الله سائين کان ان سوچيندڙ کي اجر ۽ ثواب وٺي ڏنو اٿس. هر ماڻهو پاڻ وڃي پڙهي ڏسي سگهي ٿو اڄڪلهه مسلم به اردو ترجمي سان به ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي چڪي آهي. آئون اهي سڀ حديثون هتي نقل ڪرڻ وڏي ڊيگهه سمجهان ٿو صرف هڪڙي ننڍڙي حديث مختصر عبارت هجڻ ڪري نموني خاطر لکان ٿو انهيءَ جي روايت به شروع واري حديث وانگر ابوهريره کان ڪيل آهي قال رسول الله ﷺ ان الله عزوجل تجاوز لامتي عما حدثت به نفسها مالم تعمل اوتتكلم به يعني بيشڪ الله سائينءَ منهنجي امت تان ان جي دل جون ڳالهين جو حساب معاف ڪري ڇڏيو آهي جيتري تائين اهي زبان تي نه آئي يا عمل ۾ نه آئي آئون انهن آيتن جي سمجهاڻي بابت ڪجهه گذارش ڪيان ٿو جنهن سان اميد آهي ته اهي آيتون هڪ ٻئي جي ضد ۽ ناسخ منسوخ هجڻ بدران هڪ ٻئي جو تفسير بنجي وينديون. قرآن تمام وڏي فڪر ۽ تدبر وارو حڪيم ڪتاب آهي هن ۾ ڪاٺياواڙي مارڪيٽ واري ڪابه بارگيننگ ۽ گو ان ٽيڪ ڪانهي ٿيندي ته هيءُ ڇڏ هيءُ وٺ. هيءُ ڏي نه ته منهنجو لڏو ڏاچيءَ تي. هونئن ته خود پهرين آيت ۾ به ڪو جبر ۽ مشڪل مسئلو ڪونهي اندر جي لڪل ويچارن تي مخفي سوچن تي پڪڙ ٿيڻ سان اها ڳالهه ته تمام ڀلي آهي. انساني عملن جو بنياد ئي سوچن ۽ اندر جي اسڪيمن تي جڙندو آهي. قرآن حڪيم جيڪا نصيحت ڪندو آهي ته گناهه ته وڏي ڳالهه آهي گناهه ڏي ويجهو ڪندڙ شين ڏي به ويجهو نه وڃو ته انسان جون اندر جون سوچون ۽ وسوسا ئي ته آهن جيڪي اڳتي پڇائين ٿا. ڪوبه برو يا چڱو ڪم اڳواٽ سوچڻ کان سواءِ ته ٿيندو ئي ڪونهي. سو انهيءَ آيت ۾ هڪ تعليم آهي ته پنهنجي سوچن ۽ اندر جي ويچارن تي به ڪنٽرول ڪيو. سنئيون ڳالهيون سوچيو

ويچاريو ۽ برين ڳالهين جي ويجهو بہ نہ وڃو. اهڙي تعليم سان تہ قرآن جڻ انسانن کي ننڍي ٻار وانگر آگر کان وٺي پيو هلائي تہ متان ڪاتي نوڪر نہ ڪائي. پيءُ ماءُ بہ اولاد لاءِ اهو سوچيندا آهن تہ جيتري تائين هنن کي ٻري ڀلي جي تميز ٿئي ايتري تائين هنن کي هر ضرورت پاڻ پوري ڪري ڏجي باقي ڌن دولت ۽ هر قسم جي ٻڌي چوڙي هنن جي حوالي نہ ڪجي. متان جواني ۽ ناتجربيڪاري سبب گهر ٻاري ڏياريون نہ ملهائين. تہ پهرين آيت ۾ ٿي آهي تہ يغفرلمن يشاء ويعذب من يشاء يعني الله جو قانون مشيت چائي ٿو تہ دلين جي ظاهري سوچ ۽ لڪل سوچ کهڙي ماپي ۽ مقدار جي آهي، کهڙي سزا لائق آهي، کهڙي سزا لائق ناهي، الله جا قانون ڪنهن احتجاجي جلوس ۽ ڌرڻي هڻڻ سان ڪينسل ڪونہ ٿيندا آهن. جيئن امام مسلم قدس سره پيو ڪوڙين حديثن سان قرآن جي آيتن کي منسوخ ڪرائي، جيڪڏهن الله ائين ڪنهن جلوس ۽ ڌرڻي سان پنهنجا حڪم واپس وٺي ٿو. پوءِ هو عليم ڇا جو ٿيو، اهو حڪيم ڇا جو ٿيو، اهو قدير ڇا جو آهي، جنهن آيت کي بخاري ۽ مسلم جون ۽ انهن استاد راوين جون ڪوڙيون حديثون ناسخ ٻڌائين ٿيون، اها آيت تہ رب پاڪ هنن فارس جي امامن جي پروپيگنڊه ۽ نيتن کي اڳيئي ڄاڻندي تہ اهي ماڻهن ۾ مغالطا ڦهلائيندا. ان ۾ انهن جي جواب طور فرمايو تہ سوچن متان حساب ڪتاب جو حڪم پنهنجي لاءِ ڳرو نہ سمجهو. لايڪلف الله نفسا الاوسعها يعني الله ڪنهن کي بہ ان جي سگهہ کان مٿي بيجا طور تڪليف نہ ڏيندو آهي. هي فارسي امام هن آيت لاءِ جيڪو ڪوڙ هڻن ٿا تہ اها اڳين کي منسوخ ڪري تہ ڀلا ڀي آيت بہ نوٽ ڪري ڇڏيو ان السمع والبصروالفواد ڪل اولائڪ ڪان عنه مسئولا (بني اسرائيل آيت نمبر ٣٦) ڪنن اکين ۽ دلين جي معاملن بابت بہ سوال ڪيو ويندو، سو دلين تي بہ لغام چاڙهي رکڻ ضروري آهي، اهو حڪم منسوخ ڪونهي بحال آهي.

## بخاري ختم نبوت جو انڪاري آهي

امام بخاري صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ ڪتاب لکيو آهي الرؤيا يعني خوابن جي باري ۾ ان ۾ ڪوڙ سارا باب آندا اٿس ۽ جن ۾ مختلف خوابن واريون حديثون لکيون اٿس ۽ خود خوابن لاءِ نبي سائين ڏي منسوب ڪندي روايتون آنديون اٿس ته پاڻ ڪريمن فرمايو ته سٺو خواب نبوت جي ڇائيتاليهين پتي آهي، نبوت ڪي حصن پتين ۾ ورهائي ۽ ڇائيتاليهين پتي صالح قسم جي خوابن کي قرار ڏيڻ واريون بخاري صاحب چار عدد حديثون آنديون آهن، اٿون هت انهن جو صرف نمبر لکان ٿو ١٨٧١ نمبر حديث جيڪا عبدالله بن ابي طلحه روايت ڪري ٿو انس بن مالڪ کان، هي حديث لاءِ خود بخاري صاحب باب ۾ انهي مفهوم لاءِ پاڻ جوڙيو اٿس باب الرؤيا الصالحة جزء من ستت واربعين جزئا من النبوة يعني صالح خواب ڇائيتاليهون حصو آهن نبوت جو، ان ۾ ٽي عدد مختلف سندن سان حديثون لکيون اٿس ته نبي سائين جن فرمايو ته نيڪ صالح خواب، نبوت جو ڇائيتاليهون حصو آهن، انهي باب کان پوءِ يڪدم لاڳيتو هڪ حديث لاءِ مستقل باب لکيو اٿس المبشرات جي نالي سان، اها هڪڙي حديث زهري صاحب جي سعيد بن المسيب کان روايت ڪئي آهي ان ابوهريره کان ان رسول الله کان ٻڌو ته نبوت مان هاڻي صرف خوشخبريون بشارتون وڃي رهيون آهن (ته مجلس ۾ موجود ماڻهن سوال ڪيو ته يا رسول الله) مبشرات ڇا آهن ته جواب ۾ فرمايائون الرؤيا الصالحة هن حديث جو نمبر آهي ١٨٧٨ هاڻي ٻنهي بابن جي روايتن کي ملائڻ سان ڳالهه ته ساڳي ٿي ثابت ٿئي ته صالح قسم جا خواب نبوت جو ڇائيتاليهون حصو آهن،

انهيءَ مفهوم وارين ٽن حديثن تي بخاري صاحب جو ترجمة الباب جيڪو سندس اجتهاد ۽ فقهي مسلڪ طور سڏيو ويندو آهي، اهو هي ثابت ڪري ٿو ته بخاري پاڻ به اهو عقيدو رکي ٿو ته صالح خواب نبوت جو ڇائيتاليهون حصو آهن ۽ ٻئي باب جي هڪڙي روايت ۾ هيءَ ڳالهه آئي ٿو ته نبوت جو ٻيو ته سلسلو ختم ٿي ويو آهي سواءِ مبشرات جي يعني صالح خوابن جي انهي سچي صغريٰ ڪبريٰ جي حد اوسط ۽ نتيجو هي وجي نڪتو ته نبوت جو ڇائيتاليهون حصو باقي آهي ۽ جاري آهي، ڇو ته صالح قسم جي خوابن مٿان نه بندش آهي نه ئي اهي ختم ٿيا آهن، بلڪه اهي جاري آهن، معنيٰ ته نبوت ڪي جيڪڏهن ڇائيتاليهن حصن ۾ ورهائجي ته بخاري صاحب جي فقهه جي روشنيءَ ۾ هي ثابت ٿئي ٿوته نبوت جا پنجيتاليهه حصا ختم ڪيا ويا آهن البت ڇائيتاليهون اجا باقي آهي ۽ جاري آهي ۽ اڳئين باب ۾ بخاري صاحب مبشرات کي نبوت جي ڇائيتاليهن حصن مان آخري حصي جي طور جيڪو باقي قرار ڏنو آهي يعني مبشرات جاري رهندا ته ڇا توهان سمجهو ته بخاري صاحب انهن حديثن ۽ انهن مٿان پنهنجي فقهي استدلال واري ترجمة الباب سان ختم نبوت جي محل ۾ ڪاٽ هڻي آخرڪار سرنگ لڳائي ڏني ۽ اها به اهڙي خطرناڪ جو جيڪڏهن مثال جي طور ايئن ڪٿي سمجهجي ته نبوت جي قلعي کي بند ڪرڻ لاءِ ڇائيتاليهه دروازا هجن ۽ انهن مان پنجيتاليهه بند رکيا وڃن ۽ هڪڙو يعني ڇائيتاليهون در کليل رکيو وڃي ۽ ان ۾ آمدرفت جاري رکي وڃي ته پوءِ ڪيئن چئبو ته نبوت تائين پهچ ۽ ان جو حاصل ڪرڻ بند ڪيو ويو آهي، ختم ڪيو ويو آهي، ڇو ته بخاري ۾ لکيل حديث ته ان تائين پهچڻ لاءِ خوابن جو چور دروازو کولي ڏنو، اسان جي دور کي ويجهو دور ۾ خطهءِ پنجاب جيڪو ختم نبوت تي راتاهو هڻي هڪ عدد ميڻان گور داسپور قادياني نبي سپلاءِ ڪيو آهي، ان جي لکيل ڪتابن ۾ مضمونن کي پڙهي ڏسو ته اهو به پنهنجي خوابن کي وحي ۽ الهام سان تعبير ڪري ٿو ۽ ان جي نبوت جا گهڻا سارا احڪام ان جي خوابن تي مشتمل آهن، پوءِ گهڻ ۾ گهڻ حديثن جي ڪتابن کي دين جو بنياد

قرار ڏيندڙ مسلمان ۽ اهي مسلمان جيڪي اڪيلي قرآن کي دين جي بنياد لاءِ تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ چوندا آهن تہ قرآن سان گڏ حديث بہ لازمي آهي تہ اهڙا ماڻهو جن حديثن جي ڇهن ڪتابن کي اصح الڪتب قرار ڏيندي، صحاح ستہ جي اصطلاح سان انهن ڪتابن جي ترتيب ڏيڻ وارن فارس وارن کي پنهنجو امام سڏين ٿا. انهن شش امامي فرقي جا مسلمان گورداسپوري قادياني مدعي نبوت کي ڪيئن ڪافر ۽ مرتد قرار ڏيئي سگهندا. جيڪڏهن هو حديثن ۽ انهن جي امام بخاري جي مٿي ڄاڻايل فقهي مسلڪ تہ نبوت جي ڇائيتاليهن حصن مان صرف پنجيتاليهہ حصا بند ڪيا ويا آهن البت اڃا ڇائيتاليهون حصو ڪليل آهي ۽ اڳتي هميشہ لاءِ جاري رهندو پوءِ جيڪي انهيءَ عقيدي کي درست مڃن ٿا ۽ انهن حديثن کي صحيح مڃن ٿا ۽ بخاري ۽ ان جي استاد راويان حديث کي صحيح مڃن ٿا ۽ انهن کي منڪر ختم نبوت نٿا سڏين تہ پوءِ ڏوهہ بہ صرف مهاراڻي ملڪہ وڪٽوريا جي تاج برطانيہ واري حڪومت بچائڻ واري پنجابي نبي سڏائيندڙ ڪيو. جنهن جي نبوت جو وڏو دارومدار بخاري صاحب جي رؤياءِ صالحہ ۽ مبشرات تي آهي، جيڪڏهن مرزا غلام احمد قادياني مرتد ۽ ڪافر آهي تہ ان جي نبوت کي جواز جو بنياد فراهم ڪري ڏيڻ وارو فقهہ الحديث جوڙي ڏيندڙ ۽ ڇائيتاليهون در کولي ڏيندڙ بخاري صاحب لاءِ عالم سڳورا ٻڌائين تہ انهن کي ڇا چئجي؟ پڙهندڙن جي اطلاع لاءِ عرض آهي تہ اهي ٻئي حديثون تہ صالح خواب نبوت جو ڇائيتاليهون حصو آهن امام مسلم صاحب بہ پنهنجي ڪتاب ۾ آنديون بلڪہ ان صاحب تہ هڪ روايت اهڙي بہ آندي آهي جنهن ۾ لکي ٿو تہ رؤيا صالحہ نبوت جو پنجيتاليهون حصو آهن. انهي کي اردو وارا چوندا آهن تہ بڙي ميان تو بڙي ميان ڇوٽي ميان بهي سبحان الله ۽ پڙهندڙ صاحبان جيڪڏهن گهرائي سان غور فرمائن حديثن وارن امامن هي جيڪو ڇائيتاليهون نبوت جو دروازو خوابن کي قرار ڏنو آهي، ان جو وزن ماپ تور ۽ پڪيڙ پنجيتاليهہ دروازن کان وڌيڪ ٿي لڳي، ڇو تہ اهو بہ وحي جو مقابلو ٿي ويو ۽ وحي لاءِ تہ ڪير دليل بہ پڇي سگهندو ۽ وحي جي نزول جي ڪيفيت ۽

مشاهدي جو مطالبو بہ ڪري سگهندو ۽ جڏهن تہ وحي جي علمي عقلي حيثيت تي بحث جي بہ قرآن پرمنٽ ڏني آهي تہ لم يخروا عليها صما و عميانا يعني خود نبي ڪان سندس وحي تي انڌو ۽ گونگو ٻوڙو ٿي ڪري ڪري نہ پئبو بصيرت جي ڪسوٽي تي پرکي پوءِ قبول ڪبو، تہ خوابن لاءِ معيار ڪيڏالهن آٿيون ۽ بخاري صاحب حديث ۾ چيو تہ جڏهن شيطاني خواب ڏسو تہ ڪاٻي پاسي منهن ڪري ٿو ٿو ڪري ڇڏيندا ڪيو، ڇا هي سڌو سنئون خانقاهي انداز ناهي؟ تہ خوابن ذريعي ختم نبوت جي خاتميت تہ هنن حديثن سان ٿئي ويئي، نبوت جي قلعي جي بند ٿيل دروازن مان هڪ دروازو حديثن وارن کولي ڏنو.

## رب سائين سان ملڻ لاءِ هر وقت تائيم آهي
## ۽ هو هر وقت ٻانهي سان گڏ آهن

باب الدعاء والصلواة من آخر الليل● عن ابي هريرة رضي الله عنه ان رسول الله ﷺ قال ينزل ربنا تبارک و تعالي کل ليلة الي السماء الدنياحين يبقي ثلث الليل الآخر يقول من يدعوني فاستجيب له من يسالني فاعطيه من يستغفرني فاغفرله (بخاري)

" هي باب آهي پوئين رات جو دعا گهرڻ ۽ نماز پڙهڻ بابت" بخاري صاحب هن ۾ حضرت ابوهريره جي روايت سان حديث آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته رب سائين هر رات جي پوئين ٽهاڙ مهل دنيا واري آسمان تي لهي ٿو ۽ فرمائي ٿو ته ڪير ٿو مون کان دعا گهري ته ان کي جواب ڏيان ۽ ان جو سڏ ورنايان، ڪير ٿو مون کان سوال ڪري ته ان کي ڏيان، ڪير ٿو بخشش گهري مون کان ته آئون ان کي بخشي ڇڏيان. ٿوري علم وارا به ڄاڻن ٿا ته آسمان، زمين کان لکين ڪروڙين ميل پري آهي قرآن حڪيم جي سورت ق جي آيت نمبر ١٦ ۾ آهي ته و نحن اقرب اليه من حبل الوريد ● يعني رب سائين فرمائي ٿو ته اسان پنهنجي ٻانهي کي سندس ساهه کڻڻ واري رڳ کان به وڌيڪ ويجها آهيون ۽ سورت بقره جي آيت ١٨٦ ۾ آهي واذا سالک عبادي عني فاني قريب اجيب دعوة الداع اذادعان يعني جڏهن منهنجا ٻانها توکان (اي رسول) منهنجي باري ۾ سوال ڪن ته تون انهن کي ٻڌائج ته آئون ويجهڙو آهيان، سڏيندڙ جنهن به وقت سڏي ٿو آئون ان جي ورندي ڏيان ٿو. غور فرمايو ته قرآن حڪيم رب سائين جي سندس ٻانهن سان هر وقت ويجهڙائيءَ جي ڪيڏي نه کليل ڳالهه ڪري ٿو ته

هو پنهنجي پانهي کي هر وقت ان جي سامهون ڪٿڻ واري رڳ کان به وڌيڪ ويجهو آهي ۽ بخاري صاحب ۽ ان جا پيا راوي استاد هڪ طرف رب سائين کي دنيا واري آسمان تي ڪروڙين ميل پري تا ڏسين پيو رب پاڪ لاءِ جيڪو لامڪان آهي يعني هر هنڌ حاضر ناظر آهي ان لاءِ دنيا واري آسمان تي لهي اچڻ جو هنڌ ۽ مڪان متعين ڪن ٿا ۽ روايت مان هي به ثابت ٿي رهيو آهي ته رات جي پوئين ٽئين حصي مهل دنيا واري آسمان تي لهي اچي ٿو، معنيٰ باقي اڳيون وقت رب پاڪ اجا مٿين آسمانن تي پيو گذاري يا ڪنهن ٻئي هنڌ وغيره بخاري صاحب جي حديث جو سڄو سنئون مٿي بيان ڪيل قرآني آيتن سان ٽڪر آهي، خدا بابت قرآن حڪيم جي ٻڌايل تصور جي هي حديث سراسر خلاف آهي، پرهندڙ سوچين ته بخاري ۽ ان جي استادن ائين ڇو ڪيو آهي، ان روايت جي سند ۾ هڪ راوي ابن شهاب زهري به آهي ان بابت روايت افڪ ۾ ان جو تعارف پڙهندا، هي اهل فارس جا زردشتي هڙيٺي هڪ ٻئي کان اڳيرا آهن، هنن جو مک مقصد مسلمانن کان قرآن کسڻ آهي، قرآن واري تعليم کسڻي آهي، هي سڀ حيلا انهيءَ لاءِ آهن ته حديث رسول جي نالي مسلمان کان ڪين ملڻ الله به ڪسي ونون، پڙهندڙن کي ياد هوندو ته فتح ايران کان پوءِ قيد ٿي آيل تستر جي گورنر هرمزان کان جڏهن حضرت عمر سوال پڇيو ته هرمزان ڪر خبر اڳي ته اوهان جي اسان عربن جي مٿان اک ٿي ڪانه ٻڌندي هئي اسان سان لڙڻ به اوهان پنهنجي توهين سمجهندا هئيو، هن پيري اوهان شڪست ڪيئن کاڌي، جواب ۾ هرمزان چيو ته عمر! هن پيري اوهان سان خدا به جنگ ۾ گڏ هئو، ان ڪري اوهان کٽي ويا، اسان شڪست کائي وياسون، سو هرمزان جي نشاندهي مطابق مٿين حديث ۾ قرآن حڪيم جي حڪم ته جنهن وقت خدا کي سڏيندو ته هو توهان جو سڏ ورنائيندو جي ابتڙ ان سان ائين پهر رات جي آخري ٽهاڙ مهل ملڻ جو ٽائيم ڏسيو ٿو وڃي، جنهن وقت خاص ڪري ڪو تغاري ڪٽندڙ پورهيت يا ڪو پيو محنت وارو پورهيو ڪندڙ ماٺهو جاڳي به نه سگهي ۽ سورت اعراف جي آيت نمبر ٢٠٥ ۾ رب پاڪ پنهنجي ياد ڪرڻ لاءِ ٻانهن کي جيڪي هدايتون

ڏنيون آهن انهن ۾ بالغدو والآصال ولاتڪن من الغافلين يعني ياد ڪر
تون پنهنجي پالڻهار کي صبح شام ۾ وري پاڻ ئي صبح شام جي تفسير
فرمايائين تہ ولاتڪن من الغافلين يعني اهڙي نموني جو توتي ڪابہ گهڙي
غفلت واري نہ اچي، انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ رب جي رحمت هر وقت هر
گهڙيءَ بانهي جي طرف متوجهہ آهي دنيا واري آسمان جيترو پري نہ
بلڪہ ساهہ جي رڳ کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي.

تقاه يعني دشمن جي ڏاڍ کان بچڻ لاءِ ڪنهن چوڻڪاري واري راهه ڳولڻ جي قرآن پاڪ اجازت ڏيئي يڪدم فرمايو تہ ويحذ رڪم الله نفسه يعني اهڙي موقعي تي ڪنهن حيلي جي تلاش وقت الله جي قانونن جو خيال ڪجو جيئن انهن جي پڪڙي نہ تئي، نہ تہ پوءِ والي الله المصير يعني ڦري گهري الله وٽ ئي ايندو متان اتي ڦاسي نہ پؤ پر شايد بخاري صاحب ۽ ان جا قدس سره جي لڏي وارا همنوا، انهن کي الله ڏي موٽي هلڻ جو پؤ، ڪونهي، جو الا ان تتقوا منهم تقاه جي معنيٰ ڪوڙ ڳالهائي جان ڇڏائڻ ڪن ٿا. جيڪڏهن تقيو ڪرڻ ۽ طاقتور دشمن اڳيان ڪوڙ ڳالهائي جان ڇڏائڻ جائز هجي ها تہ رب سائين فرعون جي جادوگرن ۽ ان جي زال جو مثال ئي قرآن ۾ نہ ڏئي ها تہ انهن فرعون جي سزا قبول ڪئي ۽ ايمان تان هٿ نہ کنيائون ۽ تقيو نہ ڪيائون، پر بخاري صاحب کي ايڏو تہ وڏو ماٺهو بنايو ويو آهي جو ان جي تقيي بازي تي ڪنهن بہ شيخ الحديث تنقيد ڪانہ ڪئي آهي، آئون تہ روپلي ڪولهي ۽ هيمون ڪالاڻي کي جس ڏيان ٿو جو انهن انگريزن اڳيان تقيو ڪونہ ڪيو، ۽ ڦاسي جي رسي کي چمي ڏيئي پوءِ ڳچيءَ ۾ وڌائين. مخدوم بلاول کي بہ سلام آهي ان بہ ترخانن اڳيان تقيو ڪونہ ڪيو ۽ گهاڻي ۾ پيڙهجڻ کي قبول ڪيائين.

## بخاري صاحب جو قرآن جي قانون شهادت
## سان اختلاف ۽ استثنا

بخاري صاحب قدس سره پنهنجي مجموعي جي كتاب التمني ۾ هڪ باب جوڙيو آهي هن نالي سان ته حديث جي قسم خبر واحد سان ديني فقهي مسئلا ثابت ڪرڻ، بيان ڪرڻ، جائز آهن، خبر واحد جي سمجهائڻ لاءِ ڪجهه گذارش آهي ته قرآن حڪيم عورت متان تهمت جي معاملي کان سواءِ ٻين معاملن ۽ عدالتي فيصلن ۾ ٻن عادل ماڻهن جي شاهدي کي ضروري قرار ڏنو آهي، اڄڪلهه گهڻو ڪري هر هنڌ قرآن پاڪ جي شاهدي واري قانون مطابق شاهدن جو ٻه عدد هجڻ وارو انگ هلي پيو، علماء دين هي فيصلو ڪيو آهي ته حديث جي علم ۾ ٻه محدثن جو پنهنجي راوي استاد کان وٺي حضور ﷺ تائين هر مرحلي ۾ ٻن شاهدن جي روبرو ۽ هڪ ئي وقت ۾ گڏجي، اها حديث ٻڌڻ جي ثابتي ڏيندا، ته اها حديث قابل حجت ۽ اعتبار جوڳي هوندي نه ته ڪنهن به مرحلي ۾، ڪنهن به دور ۾، نبي سائين جن کان آخري ٻڌندڙ تائين جيڪڏهن ٻن شاهدن بدران، هڪ شاهد تي ويو ته اها روايت خبر واحد سڏي ويندي ۽ خبر واحد سان ڪنهن به مسئلي ۾ فتوٰي ڏئي نه سگهبي ۽ خبر واحد قسم جي حديثن کي علماء محدثين شهادت جي قرآني ڪورم موافق تسليم نٿا ڪن، ته ان ۾ ڪنهن به مرحلي ۾ ڪٿي به راوي هڪڙو تي وڃڻ سبب اها حديث، حجت ۽ دليل لائق نه رهي آهي. (خبر واحد بابت سمجهاڻي ختم) امام بخاري قدس سرة هتي هن باب ۾ پنهنجو اجتهاد پيو هلائي ته هڪڙو راوي حديث جي سند ۾ جيڪڏهن سچو ماڻهو آهي ته ان جي شاهديءَ تي اعتبار ڪندي ان خبر

واحد قسم جي حديث مان نماز، روضو، بانگ، فرائض ۽ احڪام ثابت ٿي سگهن ٿا. بخاري صاحب پنهنجي ان اجتهاد جي ثبوت لاءِ دليل ٿو ڏئي تہ قرآن حڪيم ۾ آهي تہ فلو لانفرمن ڪل فرقة منهم طائفة ليتفقهوا في الدين ولينذروا قومهم اذا رجعوا اليهم لعلهم يحذرون يعني هر گروهہ مان هڪ طائفو (ٽولو) جو نہ ٿو دين سمجهڻ لاءِ وڃي، ۽ دين سمجهڻ کان پوءِ موٽي اچي پنهنجي قوم وارن کي ڊيڄاري، تا تہ اهي پنهنجي معاملن ۾ ڊڄن، خوف ڪن. احتياط ڪن. بخاري صاحب پنهنجي اجتهاد سان قرآن حڪيم جي قانون شهادت ۾ تہ شاهدن جو هر معاملي ۾ تعداد بہ هجڻ ضروري آهي، ان ۾ ترميم ڪري رهيو آهي، بلڪ تبديل ڪري رهيو آهي، ان سان مقابلو ڪري رهيو آهي، ٽڪر کائي رهيو آهي ۽ استثنا ڪري رهيو آهي تہ قرآن جو اهو قانون تہ هر ڳالهہ جي ثابتيءَ لاءِ بہ شاهد هجڻ ضروري آهن! هو بين ڳالهين ۾ بہ شاهد پلي هجن، باقي نماز روزي بانگ، فرائض ۽ احڪام جي ڳالهين ۾ هڪڙي سچار ماڻهوءَ جي شاهدي قبول ڪري سگهجي ٿي، جو تہ مٿين آيت ۾ قرآن جيڪو حڪم ڪيو تہ هر جماعت ۽ قوم مان هڪ طائفو وڃي دين سکي ۽ سکڻ کان موٽڻ بعد اچي پنهنجي قوم وارن کي ڊيڄاري تہ طائفو هڪ ماڻهوءَ کي بہ چئبو آهي، فرد واحد کي بہ چئبو آهي، جيئن قرآن ۾ آهي تہ وان طائفتان من المؤمنين اقتتلوا يعني مؤمن مان جيڪڏهن بہ طائفہ پاڻ ۾ وڙهي پون، تہ هتي طائفہ جيئن ٽولي گروهہ جي معنيٰ ۾ پڙهجي ٿو تہ اهڙي نموني جيڪڏهن بہ ماڻهو پاڻ ۾ وڙهي پوندا تہ اهي بہ هن قرآني جملي طائفتان جي معنيٰ ۾ اچي سگهندا. تہ هاڻي هن آيت ۾ طائفہ جي معنيٰ ۾ جيڪڏهن رجل واحد يعني هڪ شخص شامل ڪري سگهجي ٿو تہ مٿين آيت ۾ جيڪو حڪم ڏنو ويو آهي تہ توهان مان ڪو طائفو جو نہ ٿو وڃي دين جو علم پرائي ۽ موٽي اچي پنهنجي قوم وارن کي ڊيڄاري تہ اتي بہ جيڪڏهن هڪ ماڻهو پڙهڻ لاءِ ويندو ۽ موٽي اچي پنهنجي قوم وارن کي اهي علم جون سکيل ڳالهيون سيکاريندو تہ انهيءَ شخص واحد کي، فرد واحد کي، اڪيلي ماڻهوءَ کي گهٽ ۾ گهٽ ان جي سکيل تعليم مان روزي،

لاءِ پڻ شاهدن واري حڪم جي تعميل لاءِ وتئون هڪ هڪ حديث لاءِ ٻہ ٻہ شاهد ڳوليندا. انهيءَ ڪي سنڌيءَ ۾ چئبو آهي تہ چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک ءِ هيءَ چوٽي بہ انهن لاءِ ئي آهي تہ دال ۾ ڪارو ڪارو (جهڙي مک) آئون بخاري صاحب سان وڌو جهڳڙو تہ ڇا پر ننڍو جهيڙو بہ ڪونہ ٿو ڪيان. جو هو وڏي نالي وارو آهي ۽ بخاري صاحب جي تحقيق تہ طائفہ جي معنيٰ ۾ رجل واحد ۽ هڪ شخص اچي سگهي ٿو. ان ڪري توهان مان جيڪو طائفو دين سکي ايندو اهو شخص اڪيلو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هاڻي اهو پنهنجي استادن کان سکيل ڳالهيون اڪيلي بنياد تي ماڻهن کي ٻڌائيندو سو انهيءَ اڪيلي جي ٻڌائڻ وانگر. حديثن جو اڪيلو راوي بہ قبول ڪرڻ گهرجي (انهيءَ کي اردو وارا چوندا آهن بڙي دور کي کوڑي لايا) ڇاڻ گهرجي تہ قرآن حڪيم جنهن علم لاءِ اوهان کان ماڻهو گهريا آهن. انهي علم جو نصاب مقرر آهي، پاس ٿيل آهي، مجيل آهي، تصديق ٿيل آهي، ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي ضمانت سان جاري ٿيل آهي، فارس جي حديث ساز ٽڪسالن وانگر هوا ۾ لٽيون لڳل ڪونہ آهن. بخاري صاحب سورت توبہ جي آيت نمبر ١٢٢ وماڪان المؤمنون لينفروا ڪافة فلو لانفرمن ڪل فرقة منهم طائفة ليتفقهوا في الدين مان طائفہ لاء شايد ماڻهن کي اهو ٻڌائڻ ٿو گهري تہ اهي طائفا گڏجي نماز بانگ روزن وغيره جا مقرر مسئلا نفل فرض واجب ۽ مستحب ياد ڪري ايندا ۽ ماڻهن کي پنهنجي علائقي ۽ ملڪ وارن کي ٻڌائيندا. ڇاڻ گهرجي تہ فقهہ ۽ تفقهہ جي معنيٰ آهي، غور ويچار ڪرڻ، سوچڻ، پروڙڻ، قرآن جنهن فڪر غور ويچار ۽ تدبر جي دعوت کان ڀريو پيو آهي اهو بخاري واري معنيٰ بانگ نماز روضو ناهي غور فڪر جا تمام گهڻا پهلو ۽ زاويا آهن. متين آيت ۾ جيڪو حڪم آهي تہ ليتفقهوا في الدين اتي دين مان مراد قانون آهي سورت يوسف جي آيت نمبر ٧٦ ۾ آهي تہ ماڪان لياخذ اخاه في دين الملڪ يعني يوسف کي بادشاهہ مصر جي قانون سبب ڀاءُ کي اتين وٺي وڃڻ جي اجازت نہ هئي، تہ دين جي هڪڙي معنيٰ قانون بہ آهي ۽ سورت نور جي آيت نمبر ٻہ ۾ آهي تہ ولاتاخذڪمؔ رافة في دين الله يعني الله جي قانون

لاڳو ڪرڻ ۾ نرمي نہ ڪيو سست نہ ٿيو، تہ ان جاءِ تي بہ دين قانون جي معنيٰ ۾ آيو آهي تہ سورة توبہ ۾ جيڪو حڪم آهي تہ سڀ جو سڀ فوج ۾ ڀرتي نہ ٿيو. بلڪہ هر علائقي ۾ قوم گروهہ مان چونڊ گروپ مرڪز طرف موڪليو. جيڪي ليتفقهوا في الدين يعني هو قانون قرآن جي نفاذ بابت غور ويچار ڪن، فڪر ڪن. هر علائقي ۽ قوم جي پنهنجن پنهنجن مزاجن ريتن رسمن لاءِ جدا جدا بائلاز تيار ڪن. تفقهہ في الدين معنيٰ قانون ۾ غور ڪرڻ، اهو مئجسٽريٽي جو ٽريننگ ڪورس هوندو آهي. اهو اجتهاد ۽ غور فڪر لاءِ قرآن پاڪ رياست جي مختلف علائقائي تهذيبي ثقافتي ڪلچرن مٿان قرآن کي نافذ ڪرڻ لاءِ، لا اينڊ آرڊر وارن، ضرورتن ايڊمنسٽريٽر تيار ڪرڻ ۽ مئجسٽريٽ تيار ڪرڻ وارن جو ڪورس آهي، تفقهہ في الدين ۾ قانون جي نفاذ لاءِ وڏي حڪمت ۽ دانش جي ضرورت آهي. بخاري ۽ ان جي همنوائن تہ پنهنجي حديثن ۾ قرآن جي آيتن ۽ سورتن کي ڪاڏل ماڻهن تي ڦيٽي طور پڙهڻ ۽ ان جي مزوري هديو ۽ نذرانو وٺڻ جون روايتون گهڙي لکيون آهن. بخاري ۽ ان جا همنوا تہ گهرن تا قرآن کي پوپن جي ڪورس جي ڪتاب طور متعارف ڪرائن. مون کي هن ڪتاب جي غير ضروري طور ضخيم ٿي وڃڻ جو خوف آهي تہ تہ هنن حديثن جي شش امامي ٽولي وارن قرآن کي جن تعويذين ۽ علميات لاءِ ڪوڙين حديثن سان متعارف ڪرايو آهي، اهي سڀ لکان ها. پر آئون اميد ڪيان ٿو تہ ماڻهو بعثت محمدي جو ڪارڻ يضع عنهم اصرهم والاغلال التي ڪانت عليهم يعني منهنجو محمد انهن غلامن جي ڪچين ۾ غلامي جا جيڪي ڳٽ ۽ طوق پيل آهن انهن کان آزادي وٺي ڏيڻ آيو آهي پڙهندڙ هاڻي قران جي حڪم مان مطلب سمجهي ويا هوندا تہ جيڪي طائفہ. ٽولا يا بخاري صاحب جي چوڻ مطابق فرد واحد اڪيلو ماڻهو بہ ليتفقهوا في الدين وارو ڪورس پڙهڻ ويندو، اهو اتي بخاري اينڊ ڪو. وارن وانگر روايتون ميڙڻ ڪونہ ويندو، اهي اتي مقرر نصاب، معلوم نصاب. قرآن جي نفاذ جي ريسرچ لاءِ ڳڌ ٿيندا ۽ اهي جڏهن واپس ٿي ماڻهن کي اتاهون جون ڳالهيون ٻڌائيندا تہ هنن واريون حديثون عن فلان عن فلان ڪو نہ

هونديون، بلڪ قل هذه سبيلي ادعوا الي الله علي بصيرة اناومن اتبعني جون دانشمندي جون اهڙيون ڳالهيون هونديون. جو اڳلن کي عقل ۽ بصيرت جي روشني ۾ ميجائي سمجهائي قائل ڪرڻو آهي، اتي تومان جي روايتن وارو جبر نہ هلندو. قرآن پاڪ ۾ رسول سائين کان اعلان ڪرايو ويو آهي تہ اسان جو هي پروگرام بصيرت ۽ شعور وارو آهي. ڪنهن خانقاهي پير ۽ ڪرامتي درگاهي سجاده نشين جو مڪريا جبر ڪونهي، اسان جو هي اعلان آهي تہ اسان جو ساٿي بہ اهو آهي ۽ پروگرام جو عيوضي ۽ تابعدار بہ اهو آهي جيڪو بصيرت ۽ عقل واري ڳالهہ ڪندو تہ بخاري صاحب ماڻهن کي سورت توبہ ۾ ڄاڻايل علمي مرڪز بابت غلط ٻڌائي رهيو آهي، تہ ان مرڪز جي تعليم بہ هنن جي شش امامي نصاب وارين حديثن تي مشتمل هوندي. ان لاءِ قرآن پاڪ صاف صاف طور ٻڌائي ڇڏيو تہ ليتفقهوا في الدين معنيٰ قانون خداوندي جو اهو ريسرچ سينٽر آهي، جيئن اڄڪلهہ نيپا ۽ اسٽاف ڪاليج ۾ اهڙا ڪورس ڪرايا وڃن ٿا. ۽ اها سموري تعليم دليلن سان ميجائبي ۽ عقل کي قائل ڪري قبول ڪرائبي، سورت يوسف جي متي پيش ڪيل آيت تي شش امامي ماڻهن کي غور ڪرڻ گهرجي، منهنجي خيال ۾ قرآن جي قانون شهادت سان بخاري صاحب جي هٿ چراند کي ڪنهن حد تائين آئون واضح ڪري سگهيو آهيان بخاري قرآن جي قانون کي بدلائڻ ۽ ان ۾ ترميم تبديل ڪرڻ وارو ڪير ٿيندو آهي، قرآن ڪنهن ياروءَ ناڪوءَ جو ڪتاب تہ ڪونهي، خود رسول سائين پنهنجي لاءِ بہ اعلان فرمائين ٿا تہ مايكون لي ان ابدلہ من تلقاء نفسي ان اتبع الامايوحيٰ الي اني اخاف ان عصيت ربي عذاب يوم عظيم (سورت يونس آيت ١٥) يعني مون کي بہ ڪو اختيار ۽ پاور ڪونهي تہ پنهنجي طرفان قرآن کي بدلائي ان ۾ ڪا ترميم تنسيخ ڪري سگهان، آئون تہ ان جي تابعداري ڪيان ٿو جنهن جو مون ڏي وحي ڪيو ويو آهي، آئون تہ ڊڄان ٿو جيڪڏهن مون کان ڪا نافرماني ٿي وڃي رب جي تہ يوم عظيم قيامت جي عذاب کان، مناسب ٿيندو تہ بخاري صاحب جي فلو لانفر واري آيت مان استدلال کي ختم نہ ڪجي ان تي ڪجهہ اجا بہ لکجي، بخاري صاحب

جو خيال آهي تہ خبر واحد سان يعني هڪ سچي ماڻهو جي شاهديءَ سان بانگ، نماز، روضو، فرائض ۽ احڪام ثابت ٿي سگهن ٿا. بخاري صاحب پاڻ تہ جيڪرو ڪونهي سو ان جي متوسلين ۽ حاملين شش امامي ۽ عالمن کان ادب سان سوال آهي تہ انهن شين کان پوءِ ٻن شاهدن واري قرآني نصاب لاءِ ڪهڙا فيصلا ۽ مسئلا بخاري صاحب بچايا آهن؟ جن لاءِ ٻہ شاهد ڪورٽ کي ڏيڻا پوندا. سو بخاري صاحب جيڪو لکيو آهي تہ هڪ سچو ماڻهو فرائض جي شاهدي لاءِ ڪوڙ آهي تہ آئون صرف قرآن حڪيم کان پڇي پڙهندڙن کي عرض ڪندس تہ فرائض جي مفهوم تي بہ غور ڪيو ۽ بخاري صاحب قرآني نصاب وارن ٻن شاهدن لاءِ باقي جيڪي معاملا بچايا آهن ان تي بہ غور ڪيو. سورت قصص جي آيت ٨٥ ۾ آهي ان الذي فرض عليڪ القرآن لرادڪ الي معاد يعني اي رسول جنهن عظيم هستيءَ تنهنجي مٿان فرض ڪري قرآن ذمي لڳايو آهي تون دلگير نہ ٿي اهو وقت اچڻ وارو آهي جو تون فاتح مڪہ بہ ٿي ويندين. مون کي هت هي عرض ڪرڻو آهي تہ هن آيت ۾ رب سائينءَ قرآن حڪيم جي ٽيهن سيپارن کي رسول الله تي فرض طور نازل ڪيو آهي ۽ ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا قرآن ۾ ناهي، جيڪڏهن بخاري جي چوڻ مطابق تہ فرض سيئي هڪڙي شاهد سان ثابت ٿي سگهن ٿا ۽ سيئي فرض قرآن ۾ آهن. تہ باقي ٻن شاهدن جي ضرورت وارا ڪيس ڪهڙا بچيا؟ مون کي بہ هن وقت بخاري جي موقف جي رد لاءِ قرآن حڪيم مان ٻہ عدد شاهديون پيش ڪرڻيون آهن، هونئن بخاري جي انهي موقف جي رد لاءِ قرآن ۾ تمام گهڻو تفصيل آهي هڪ شاهدي سورت قصص مان اچي چڪي ٻي شاهدي هي آهي تہ رب پاڪ سورة نور ۾ پهرين آيت ۾ فرمايو تہ سورة انزلنا ها وفرضناها وانزلنا فيها آيات بينات لعلڪم تذڪرون يعني ٻين سورتن وانگر اي نبي هي سورت بہ تنهنجي طرف نازل ڪئي آهي ڄان ۾ بيان ڪيل سڀن احڪامن کي بہ فرض ڪيو اٿئون، ۽ ان ۾ پڌريون نشانيون نازل ڪيون آهن تا تہ توهان سمجهي سگهو، چاڻڻ گهرجي، هونئن تہ سجو قرآن قانون جو ڪتاب بہ آهي، پر سورت نور معاشرتي قانونن جي انسائيڪلوپيڊيا آهي

قبول ٿيڻ گهرجن، سو آئون شش امامي فقهہ وارن جي خدمت ۾ عرض ڪيان ٿو تہ فاسق جو صيغو برابر مفرد آهي ان جي معنيٰ برابر شخص واحد ۽ اڪيلو ماڻهو آهي، پر اڳتي فتبينوا واري تفتيشي پراسيس ۾ ساڳيو واشهدوا ذوي عدل منڪم واقيموا الشهادة لله جو نصاب ۽ ڪورم پورو ڪرڻوئي ڪرڻو آهي، فاسق جي خبر هجي يا فارس جي ڪنهن امام جي حديث هجي، ڪوجنا ڪرڻ لازمي آهي، سا بہ ٻن شاهدن ذريعي، هاڻي مناسب سمجهان ٿو تہ بخاري صاحب جي هن ٻئي نمبر استدلال لاءِ منهنجي هي گذارش ڪافي ثابت ٿيندي، هاڻي بخاري صاحب جي ٽئي نمبر دليل تي ڪجهہ گذارش ڪجي بخاري صاحب لکي ٿو تہ نبي سائين جيئن ڀرپاسي وارن علائقن طرف پنهنجا امير موڪليندا هئا جيڪي هڪ هڪ هوندا هئا ۽ هڪڙي ڪان جيڪڏهن ڪا غلطي ٿئي تہ ان کي سنت يعني حديث طرف موڙيو ويندو هئو، يعني غلطي ڪرڻ واري هڪڙي امير جو اصلاح ٻيو امير اچي حديث رسول جي روشنيءَ ۾ ڪندو هئو ۽ اهي سڀ امير هڪ هڪ ٿي وڃي گورنري هلائيندا هئا ۽ انهن جون سنت ۽ حديث بابت ڳالهيون، اهي سڀ خبر واحد جي قسم ۾ اچي ويون، ان ڪري فارس جي امامن کهڙو ڏوهہ ڪيو، انهن جون خبر واحد واريون حديثون بہ گهٽ ۾ گهٽ بانگ صلوة لاءِ تہ قبول ڪيو، بخاري صاحب پنهنجي اجتهاد ذريعي جيڪو قرآن جي شهادت واري قانون کي بدلائڻ ۽ توڙڻ لاءِ آهي، وڏا وس ڀيو ڪري ڀهريان بہ دليل قرآن مان همراهہ ڏنا، هاڻي هي ٽيون دليل حديث مان ڏنو اٿس، ان ڪاريگريءَ کي چئبو آهي علاج بالمثل، يعني خبر واحد کي ثابت ڪرڻ لاءِ بہ خبر واحد، هونئن مون کي حديثن جي قسمن سان تہ ڪا بہ دلچسپي ڪانهي مون وٽ جيڪڏهن قرآن جي مقابلي ڪا متواتر حديث بہ ڪير ثابت ڪندو تہ اتي بہ قرآن جي اوليت فوقيت کي آئون مقدم قرار ڏيندس چو تہ قرآن کي حديث سان منسوخ نٿو ڪري سگهجي. باقي بخاري صاحب جي هن ٽئين نمبر استدلال جي انداز ۽ حيلي مان مون کي ٻڍعيدن اسٽيشن جي لوڪو شيڊ ڪالوني ۾ رهندڙ هڪ پنجابي، جيڪو شڪل شاهت ۾ مڪمل باشرع ۽ پنج وقت نماز

جو پابند ۽ وڏيڪ ديندار بہ هو ياد اچي ٿو، سنڌ ۾ جن ڏينهن ۾ نسلي فساد چوٽ تي هئا ۽ ائنٽي ون يونٽ موومينٽ زور تي هجي تہ اهو پنجابي صبح جو سوير اچي حافظ صاحب پيش امام کي جماعت جي سامهون هڪ روايت ٻڌائيندو هئو تہ سائين منهنجو هڪ سنڌي دوست آهي، جيڪو جي. ايم. سيد جو تمام خاص ماڻهو آهي، اهو تازو تازو رات سن مان سيد سان ملي آيو آهي ۽ تمام خاص راز وارو حڪم بہ سيد ان کي ڏنو آهي، جيڪو ان مون کي بہ ٻڌايو آهي، جي. ايم. سيد سنڌ جي ماڻهن ڏي پيغام موڪليو آهي تہ مهاجرن کي قتل ڪيو ۽ پنجابين کي گاريون ڏيو. سو روايتن کي پنهنجي مفاد ۾ گهڙڻ بہ هڪ فن آهي بهرحال آئون پڙهندڙن سامهون اميرن حڪمرانن حاڪمن ۽ رسول سائين سميت حڪومت هلائڻ لاءِ قانوني ماخذ ڇا هجڻ گهرجي، اهو خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو، فيصلو اوهان پاڻ ڪندا. سورت نساء جي آيت نمبر ٦١ ۾ آهي تہ واذاقيل لهم تعالوا الي ماانزل الله والي الرسول رايت المنافقين يصد ون عنڪ صد ودا يعني جڏهن بہ تون انهن کي چوندين تہ قرآن ۽ رسول جي فيصلن ۽ احڪامن طرف اچو تہ انهن منافقن کي ڏسندي تہ هو تو ڏي اچڻ کان رڪجي ويندا. سورت ق ۾ آيت نمبر ٤٥ ۾ آهي تہ فذڪر بالقرآن من يخاف وعيد يعني اي رسول جن ماڻهن کي خوف خدا آهي تون انهن کي قرآن مان نصيحت ڪر ۽ سمجهاءِ. هي بخاريءَ صاحب جيڪو پنهنجي استدلال ۾ فرمائي ٿو تہ نبي سائين جا موڪليل امير، هڪڙو ٻئي غلطي ڪندڙ کي سنت طرف حديث طرف رهنمائي ڪندو هئو، سو پهريائين قرآن کان تہ پڇجي خود رسول الله لاءِ ڇا حڪم آهي تہ اهو ماڻهن کي قانون جي رهنمائي ڪيئن ڪري، تہ سورت انعام جي آيت نمبر ١٠٦ ۾ فرمان آهي تہ اتبع ما اوحي اليڪ من ربڪ يعني اي رسول تون تابعداري ڪر ان فڪر ۽ پروگرام جي جيڪو تنهنجي طرف وحي ڪيو ويو آهي، سورت مائده جي آيت نمبر ٤٤-٤٧ ۾ حڪم آهي تہ ومن لم يحڪم بما انزل الله فاولائڪ هم الڪافرون- فاولائڪ هم الظالمون- فاولائڪ هم الفاسقون يعني جيڪي، امير يا حڪمران، الله جي نازل ڪيل

ڪتاب جي قانونن ۽ فيصلن جي روشني هيٺ معاملا نٿا هلائن تہ اهي ڪافر، ظالم ۽ فاسق آهن، تہ هاڻي اسان بخاري صاحب واري سنت ڪٿان ڳوليون، منهنجو خيال آهي تہ اجا بہ قرآن کي عرض ڪيون تہ اجا وڏيڪ کولي ٻڌاءِ اسان کي مڙيئي توکان سواءِ ڪنهن ٻئي جي تابعداري ۽ نيازمنديءَ جو بہ شوقڙو آهي، تہ ارشاد فرمايائين تہ اتبعوا ماانزل اليڪم ولاتتبعوا من دونه اولياء (سورت اعراف آيت نمبر ٣) يعني تابعداري ڪيو ان قانون جي جيڪو اوهان جي طرف نازل ڪيو ويو آهي ۽ ٻئي ڪنهن جي بہ ان ڪان سواءِ تابعداري نہ ڪيو سڄڻ سمجهي، منهنجو خيال آهي تہ بخاري صاحب جي ٽئين نمبر استدلال جو بہ جواب اچي ويو آهي ۽ اهو ڪافي آهي.

## حديثن جو تقدير جي معنيٰ ۾ قرآن سان ٽڪر

بخاري صاحب هيءُ حديث پنهنجي ڪتاب جي ڪتاب التوحيد جي باب قوله وڪلم الله موسيٰ تڪليما ۾ پهرين حديث طور لکي آهي حديث جو نمبر آهي ٢٣٦٢ ابن شهاب زهري جيڪو امام مالڪ جو استاد آهي، ان جو مختصر تعارف مسئلي فدڪ جي حديثن ۾ لکي ڇڏيو آهي اتي پڙهندا. باقي هي اطلاع ضروري آهي ته هن حديث جي سند ۾ ٻه مک ماڻهو راوي طور اهو آهي حديث عن ابي هريرة ان النبي ﷺ قال احتج آدم و موسيٰ فقال موسي انت آدم الذي اخرجت ذريتڪ من الجنة قال آدم انت موسيٰ الذي اصطفاڪ الله برسالاته وڪلامه ثم تلومني علي امر قد قدر علي قبل ان اخلق فحج آدم موسيٰ يعني نبي سائين جن فرمايو ته حضرت آدم ۽ موسيٰ پاڻ ۾ بحث ڪيو ۽ موسيٰ عليه السلام، آدم عليه السلام کي چيو ته تون اهو آهين جنهن پنهنجي اولاد کي بهشت مان تڙايو، ته جواب ۾ آدم عليه السلام چيس ته تون اهو موسيٰ آهين جنهن کي الله پاڪ رسالت ۽ هم ڪلام ٿيڻ جو شرف بخشيو، ته موسيٰ جواب ڏنو هائو مان اهو آهيان، آدم چيس ته پوءِ تون مون تي اهڙي ڳالهه جي ملامت ڪرين ٿو جيڪا منهنجي پيدا ڪرڻ کان اڳي منهنجي تقدير ۾ لکي وئي هئي ۽ انهي دليل سان آدم موسيٰ کان بحث کٽي ورتو پڙهندڙ سمجهي ويا هوندا ته زهري صاحب ۽ ان کي پسند ڪندڙ بخاري صاحب هن حديث جي ذريعي ثابت ڪري رهيا آهن ته انسان پنهنجي عملن ۾ مجبور آهي، بي اختيار آهي، تقدير جي تابع آهي، بيوس آهي، سو اچو ته اها ڳالهه پهريائين قرآن کان پڇون ته اهو ڇا ٿو چوي پوءِ ٿا حديث وارن سان ٻولاچاري ڪيون، سورت

انعام آيت نمبر ١۴٨ ۾ آهي تہ سيقول الذين اشرڪوالوشاء الله ماشرڪنا يعني مشرڪ پنهنجي ڏوهہ لاءِ چون ٿا تہ اهو جيڪڏهن الله نہ چاهي ها تہ اسان شرڪ ڪيون ئي ڪون ها. يعني الله ئو اسان کان شرڪ ڪرائي، وري ڪٿي الله سائين کان پڇون تہ ڇا تون ئو انسانن کان سڀ ڪم زوريءَ ڪرائين. سورت حم سجده جي آيت نمبر ۴٠ ۾ رب پاڪ فرمايو آهي تہ اعملوا ماشئتم انه بما تعملون بصير يعني توهان کي جيئن وڻي پنهنجي مرضيءَ تي سيڪجهہ ڪيو، آئون توهان جي مٿان نگراني ڪندس، ڇيڪ ڪندس تہ انهيءَ جواب مان هي پڪي طرح ثابت ٿيو تہ انسان جي مجبور هجڻ جو عقيدو، اهو مشرڪن جو عقيدو آهي، زهري ۽ هي حديثن وارا هٿ وٺي ٿا مشرڪن پٺيان لائين. سورت محمد جي آيت نمبر ٧ ۾ آهي تہ يا ايها الذين آمنوا ان تنصروا الله ينصرڪم ويثبت اقدامڪم يعني اي ايمان وارو! جيڪڏهن اوهان الله جي پروگرام جي مدد ڪندو تہ الله بہ اوهان جي مدد ڪندو ۽ اوهان کي مضبوطي عطا ڪندو، غور ڪيو تہ انسان کي رب پاڪ اختيار جو مالڪ تہ بنايو آهي، پر ان کان مطالبو بہ ڪري ٿو تہ اڳ ۾ تون وڌي اچ تہ پوءِ آئون مدد ڪندس يعني اي ٻانها جيڪڏهن تو قدم نہ کنيو تہ پوءِ آئون بہ تو لاءِ ڪجهہ نہ ڪندس، هن آيت ۾ ثابت ٿئي ٿو تہ ٻانهو مڪمل طور بااختيار آهي، بلڪ رب پاڪ ٻانهي کان اختيار استعمال ڪرڻ جي بہ گهر ڪري ٿو ۽ سورت بقره جي آيت نمبر ١۵٢ ۾ آهي فاذ ڪروني اذڪر ڪم واشڪرولي ولاتڪفرون يعني رب پاڪ پنهنجي ٻانهن کي فرمائي ٿو تہ توهان مون کي ياد ڪيو تہ آئون بہ توهان کي ياد ڪيان ۽ منهنجي نعمتن کي عوام الناس لاءِ کولي رکو انهن کي تالا هڻي پهرن هيٺ بند نہ ڪيو ۽ مون سان ڪفر نہ ڪيو، قرآن پاڪ جي هنن خطابن تي غور ڪري ڏسو تہ خود خدا انسان سان جڏهن ڳالهائي ٿو تہ ان خطاب مان چڱي طرح ثابت ٿئي ٿو تہ انسان پاورفل ۽ بااختيار شخصيت آهي ۽ انسانن مٿان عملن جو شامتون ڪو ناحق ڪون آهن، انسان جا پنهنجا عمل ئي ان مٿان اهڙي رزلٽ آڻيندا آهن، ڪير بہ جهڙي پوکيندو اهڙي لڻندو، اهائي ڳالهہ رب سائين قرآن

تو تہ اسان پنهنجي قسمت کيئن ناهيون، شايد ميز مصاحف سان ميزبان کان معافي وٺڻ کان پوءِ ڳالهہ وچي تڏي تي، والله اعلم بالصواب. تقدير جي مسئلي کي حديثن ناهڻ واري لڏي گهڻو منجهائي پيش کيو آهي، ايترو جو منجهيل سٽ کان بہ وڌيڪ. ان ڪري ڪجهہ تفصيل سان ان بابت منهنجو مضمون منهنجي ڪتاب قرآن جو فرمان ۾ لکيل آهي اهو پڙهندا، ۽ جڏهن متين حديث قرآن حڪيم جي تقدير بابت ۽ نظريي جي خلاف آهي انهيءَ مان سمجهي ويندا تہ امام بخاري هجي يا ان جو آئيڊيل ۽ استاد الاستاد ابن شهاب زهري هجي، ڪيئن نہ اهي ماڻهو اٿو ٻڌيون ٿا وتن تہ قرآني فڪرن ۽ نظرين اڳيان ڪيئن بند ٻڌون ۽ ان لاءِ هو حضور سرور ڪائنات جي نالي کي استعمال ڪندي اهي ڪوڙ ۽ قرآن دشمن فلسفا حديثن جي نالي سان انهن جي ذات گرامي طرف منسوب ڪري پيا مسلمانن کي گمراهہ ڪن، اسان جو هي ايمان آهي تہ قرآن سچو آهي، اسان جو رسول سچو آهي، اهو ڪڏهن بہ قرآن جي خلاف ڪا ڳالهہ نہ ڪندو، انهي ماجرا جي پيش نظر مسلمانن کي باقائدي حق پهچي ٿو ۽ انهن تي لازم آهي تہ هو پنهنجي مذهبي عالمن کان پڇن تہ اهڙا قرآن دشمن حديثن جا ڪتاب توهان مدرسن ۾ چو ٿا پڙهايو، پنهنجي نصاب تعليم مان قرآن دشمن علمن کي چو ڪونہ ٿا ڪڍي ڇڏيو، توهان کي ڪنهن اجازت ڏني آهي تہ اسان جي ٻچن کي اهڙيون ڪوڙيون حديثون پڙهايو، جن ۾ هي لکيل آهي تہ ام المؤمنين بي بي عائشہ نبي سائين جي وفات کان پوءِ ماڻهن کي تڙ ڪرڻ جا مسئلا سيکارڻ لاءِ عملي طور پاڻي گهرائي انهن جي سامهون انهن کي وهنجي ڏيکاريندي هئي، نعوذ بالله، استغفر الله امت جي ماءُ جي شان ۾ اهڙيون گاريون، امت جي اولاد کي حديثن جي نالي تي پڙهائي اسان جي غيرت جو جنازو پيا ڪيو، هونديون اهڙين ڪوڙين حديثن ناهڻ وارن جون مائرون ماڻهن اڳيان وهنجڻ واريون، اسان جي ماءُ جي شان خلاف اهڙين گارين واريون حديثون اسان جي ٻچن کي نہ پڙهايو، اسان کي پنهنجي ماءُ جي عزت جي بدلي وٺڻ جو پورو حق آهي، جيڪو اڳرائي ڪندو ان کي منهن تي هڻي ويندي.

## نبي سائين جن تي جادو ڪرڻ جي حديث

بخاري صاحب ڪتاب طب ۾ هڪ باب جوڙيو آهي تہ هل يستخرج السحر يعني ڇا جادو نڪري سگهي ٿو ۽ ان جو ڪو توڙ بہ آهي، ان باب ۾ هڪ ئي حديث آندي اٿس حضرت عروة جي روايت سان جنهن ڪي بي بي عائشہ صاحبہ ٻڌائي ٿي تہ نبي سائين جن تي جادو ڪيو ويو هو جنهن جو مٿن اثر اهڙو ٿيو جو پاڻ جنهن حساب ۽ معمول مطابق گهر وارين ڏي ويندا هئا، اهو ڪانئڻ وسري ويندو هو، اهو هن طرح تہ پاڻ گهر وارين وٽ رهي بہ ايندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ آئون تہ ڪنهن ڏي ويو ئي ڪونہ آهيان، پوءِ روايت ۾ هيٺ ڏڪهو قصو آهي تہ نبي سائين بي بي عائشہ کي ٻڌائي ٿو تہ خواب ۾ مون کي الله سائين ڏسي ڇڏيو آهي تہ توکي فلاڻي ماڻهوءَ جادو ڪيو آهي ۽ اهو فلاڻي کوهہ وٽ بت پوريل آهي، ڪجي هيٺان وغيره ۽ اهو کوٽي هٿ ڪيائون ۽ اهي ڦٽي ڏيڻ مهل ڪرنڊڙ وار ان ۾ ملايا ويا هئا جيڪي کولي ڪڍي جدا ڪيائون تہ جادو جو اثر ختم ٿي ويو. شايد پڙهندڙ هن ڳالهہ کي معمولي سمجهن، روايت سازن جي لفاظي تمام خطرناڪ آهي، گهري آهي، ان ۾ حملو آهي نبوت تي، رسالت تي، قرآن حڪيم جي هن سرٽيفڪيٽ تي تہ ان هو الاوحي يوحي، يعني نبي دين جي باري ۾ جا بہ ڳالهہ ڪندو آهي اها گفتہ او گفتہ الله بود، گرچہ از حلقوم عبدالله بود، يعني پيغمبر جا دين جي باري ۾ جيڪي بہ فرمودات هوندا ظاهر ۾ تہ اهو پيو ڳالهائيندو آهي، پر حقيقت ۾ اهو مفهوم ۽ معنيٰ ۽ الفاظ الله جا هوندا آهن، جيڪي پيغمبر سائين ٻڌائي رهيا هوندا آهن، پيغمبر سائين ڏي جادوءَ جي نسبت اها رڳو فارس وارن جي حديثن جي گهڙاوت ئي نہ آهي پر نبي سائين جي زماني ۾ رسالت جي منڪرن بہ اهڙي پروپيگنڊا ڪئي هئي، قرآن حڪيم تڏهن ئي رسول سائين جي ڊفينس ۾ ان وقت ئي انهن ڪافرن بابت چيو هئو تہ وقال الظالمون ان تتبعون الارجلا مسحورا (سورت فرقان آيت نمبر ٨) يعني اها ڳالهہ ڪرڻ وارا ظالم آهن جيڪي چون ٿا تہ مسلمانن جي نبي تي جادو ٿيل

آهي، جنهن جي هو تابعداري ڪن پيا. سو هي حديثن گهڙڻ ۽ انهن کي قلمبند ڪري ڪتابي شڪل ۾ پوءِ اچڻ وارن ماڻهن کي پيغمبر کي جادو هنيل چوڻ وارا امام به انهن ظالمن جو تسلسل آهن. اهو انهن ماڻهن جو گروهه آهن جن نبي سائين جي انقلاب کي سندن زندگي ۾ ناڪام ڪرڻ لاءِ مهم هلائي هئي. اهي پيغمبر تي پنهنجي حديثن ۾ جادو جا الزام هڻي ثابت ڪري رهيا آهن ته دور رسالت جي منڪرن جي هي ماڻهو باقيات آهن. ڇا جيڪو ماڻهو هنن حديثن ڳاهيندڙن جي بقول ته پوري رات گهر واري سان گذاري اچڻ ڪان پوءِ به جي ائين چوندو ته آئون رات ان وٽ رهيو ئي ڪونه آهيان. ته اهڙي ذهني ڪيفيت واري ماڻهوءَ جي ٻين قولن ۽ فعلن جي سچائيءَ جي ڪهڙي حيثيت رهندي، ته اهڙي قسم جون حديثون سڌو سنئون رسالت جي مشن تي حملو آهي، قرآن جي سچائيءَ تي حملو آهي. اهڙن الزام هڻندڙن کي انهن جا گهڙيل، سندن ئي منهن تي هڻڻ لاءِ قرآن حڪيم ڏاڍو چوڪس ٿو نظر اچي، جيڪو پنهنجي رسول تي دشمن جو هڪ ڪک به برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، قرآن انهن کي صاف صاف چٽي ڏنو آهي ته وقال الذين ڪفروا للحق لما جائهم ان هذا الاسحرمبين (سورت سبا آيت نمبر ۴۳) يعني جيڪي ماڻهو حق جي رسالت پهچائڻ واري کي جادو ۽ سحر سڏين ٿا اهي ڪافر آهن ۽ سورت يونس جي آيت نمبر ۲ ۾ به رب پاڪ پيغمبر سائين تي جادو جي اثر واري ڳالهه ڪرڻ وارن کي سڌو سنئون ڪافر سڏيو آهي قال الڪافرون ان هذا لسحر مبين ان کان سواءِ اهڙن رسالت جي دشمنن جي پروپيگنڊا خلاف نبي سائين لاءِ رب سائين تمام ٺوس قسم جو ۽ ڏاڍو تسلي وارو پيارو سرٽيفڪيٽ ڏئي ڇڏيو، سورت طور جي آيت نمبر ۴۸ ۾ فرمايائين ته واصبر لحڪم ربڪ فانڪ باعيننا وسبح بحمد ربڪ حين تقوم يعني اي پيغمبر تمام مضبوطي ۽ استقامت سان نظام ربوبيت عطا ڪرڻ واري جي حڪومت کي هلائيندو رهه، تون اسان جي سامهون آهين، تون هر وقت اسان جي نگراني هيٺ آهين، تون اسان جي پهري هيٺ آهين. (ڪنهن به يوپي جي ماءُ کي به طاقت ناهي جو توکي جادو ڪري سگهي ۽ ٻت وجهي سگهي.)

## بخاري ۾ حضور سائينءَ تي ماڻهن مٿان تشدد ڪري مارڻ واريون حديثون

نوٽ: تازو ڪجهه ڏينهن اڳ پشاور جي روزنامه انگريزي اخبار فرنٽيئر پوسٽ ۾ ايڊيٽر جي نالي خطن واري ڪالم ۾ هڪ يهودي نالي بن زاڪ، جو اِي ميل ذريعي هڪ خط ڇپيو جنهن ۾ لکندڙ ڪنهن مسلمان مؤرخ جي حوالي سان قرآن ۽ حضور ﷺ جي شان اقدس ۾ معاذ الله گستاخي ڪندي کين تشدد ڪندڙ يا فاشسٽ قرار ڏيڻ لاءِ نقل ڪفر، ڪفر نبا شد ڀڙڪيون نازي سڏيو آهي ۽ اخبار وارن اهو اِي ميل وارو خط ڇاپي به ڇڏيو پوءِ جلد ان تي جڏهن احتجاج ٿيو ۽ حڪومت به اهڙي ڏوهه جي مرتڪب لاءِ سزا جو اعلان ڪيو ۽ تحقيقاتي ڪاميٽي ويهاري پوءِ اخبار وارن جلد غير مشروط طور تي معذرت ۽ معافي نامو ڇاپيو ته هن قسم جي پس منظر ۾ منهنجو مسلمان امت جي علمي ۽ سياسي اڳواڻ طبقي کي عرض آهي ته اوهان ڪيترا ڏينهن دشمن خلاف جلوس ڪيندا رهندو ڇو نه گڏجي اڪيڊمڪ طريقي سان ڀريائين پنهنجو گهر صاف ڪيون ڇو ته اڄ تائين دشمن جڏهن به اهڙو مواد ڇپرايو آهي انهن ته اسلام جي کاتي ۾ اتارڻي قسم جي پر غير قرآني علمن جي حوالن سان ئي اهڙو گند ڦهلايو آهي سو اسان تي فرض عائد ٿئي ٿو ته اهڙن غير قرآني دوست نما دشمن علمن ۽ عالمن کي واڱکو ڪيون ۽ دنيا وارن اڳيان انهن جي اتارڻي واري حيثيت کان دستبردار ٿي صرف قرآن جي ضمانت وارو مواد اسلام جي بنياد لاءِ تسليم ڪيون، هن مضمون ۾ آئون بخاري جهڙي ڪتاب ۾ آندل مٿئين قسم جي الزام کي هٿي ڏيندڙ ڪوڙي حديث کي مثال طور پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيان ٿو بلڪه هن ڪتاب ۾ ڪيتريون ساريون نالي چڙهين ڪتابن مان اهڙيون حديثون لکي آنديون آهن جيڪي سڀ دشمن کي گستاخي ڪرڻ جو مڪمل طرح سان موقعو ڏين ٿيون. (نوٽ ختم)

بخاريءَ ۾ ڪتاب المحاربين جي منڊ ۾ چار باب بخاري صاحب آندا آهن، هرهڪ ۾ هڪ هڪ حديث آهي، چئني حديثن جو هڪڙي قصي ۽ واقعي سان تعلق آهي، هرهڪ روايت کي جدا جدا بابن ۾ وري وري بخاري صاحب هن لاءِ تڪرار سان دهرايو آهي ته جيئن هر پيري هر باب ۾ پنهنجو نئون فقهه پيش ڪري، پهرئين باب ۾ بخاري صاحب قرآن جي آيت ڏني آهي انماجزاء الذين يحاربون الله ورسوله ويسعون في الارض فسادا ان يقتلوا اويصلبوا او تقطع ايديهم و ارجلهم من خلاف اوينفوامن الارض (مائده آيت ٣٣) پوءِ ان ڪان هيٺ جيڪا روايت آندي اٿس ان جو خلاصو هي آهي ته انس رضي الله عنه روايت ڪري ٿو ته عڪل ڪان ڪي ماڻهو نبي سائين جن جي خدمت ۾ آيا ۽ اسلام قبول ڪيائون (ٽئين نمبر تي هن ئي حديث ۾ آهي ته انهن کي نبي سائينءَ صفہ ۾ رهايو) ۽ انهن ماڻهن کي مديني جي آبهوا راس نہ آئي تہ نبي سائين جن انهن کي حڪم ڏنو تہ هو صدقي جي اٺن واري هنڌ تي وڃي رهن ۽ اتي انهن جو پيشاب ۽ کير پيئندا رهن، پوءِ هي ماڻهو اتي ويا ۽ پيشاب ۽ کير پيئڻ سان ڏاڍا صحتمند ۽ چڱا ڀلا ٿي ويا ۽ پوءِ اتي هو مرتد ٿي ويا ۽ ڏاچين جي چارڻ وارن کي قتل ڪيائون ۽ ڏاچيون ڪاهي پيجي ويا، پوءِ نبي سائينءَ انهن جي پٺيان ماڻهو ڊوڙايا اهي انهن کي هٿ ڪري وٺي آيا ۽ انهن کي سزا طور انهن جا هٿ پير ڪاٽيا ويا ۽ انهن جون اکيون ڪڍرايون ويون، (هٿ پير ڪٽڻ ڪان پوءِ ان زماني ۾ گرم تيل ڪنيل عضون کي لڳائبو هئو تہ جيئن زخم ڇٽي وڃن) جيڪو علاج هنن ماڻهن لاءِ نہ ڪيو ويو، ايتري تائين جو مري ويا، هاڻي انهيءَ ئي حديث تي بخاري صاحب ٻيو نمبر جيڪو ترجمة الباب لکيو آهي، اهو آهي لم يحسم النبي ﷺ المحاربين من اهل الردة حتي هلكوا، يعني نبي سائين انهن جنگ ڪندڙ مرتدن تي گرم تيل وارو علاج نہ ڪرايو، مرڻ تائين. وري اها ساڳي حديث بخاري صاحب ٽيون ڀيرو آڻي انهيءَ مٿان پنهنجو فقهہ ڏسڻ لاءِ لکي ٿو تہ لم يسق المرتدون. المحاربون حتيٰ ماتوا، يعني انهن جنگ ڪندڙ مرتدن کي نبي سائين، پاڻي پيئڻ لاءِ بہ نہ ڏياريو ايتري تائين جو هو مري ويا، وري اها ساڳي حديث چوٿون ڀيرو

بخاري صاحب لاڳيتو آڻي، ان جو اڃا نئون ترجمة الباب لکي ٿو تہ باب سمر النبي ﷺ اعين المحاربين يعني حربي ماڻهن جون نبي سائينءَ اکيون بہ ڪيرائي ڇڏيون. هاڻي هن روايت سان بخاري صاحب جيڪا هڪ عدد نئين ڪربلا قائم ڪرڻ گهري ٿو ۽ پنهنجي هٿ گهڙين مظلومن لاءِ نبي سائين مٿان الهن جون اکيون ڪڍائڻ ۽ پاڻي نہ پيارڻ ۽ تيل جي داغ سان علاج نہ ڪرائڻ سان ڇڄلائي مارڻ جو جيڪو فقهہ بيان ڪرڻ جي آڙ ۾ ماتم ڪري نبي سائين جي شخصيت تي وحشت ۽ بربريت جا الزام هڻڻ ٿو گهري اهو سڄو قصو هنن راوي صاحبن جي ڪرشمي سازي آهي، پهرئين باب جي ترجمة الباب ۾ جيڪا آيت سورة مائده مان آندي اٿس ان کان اڳين آيت ۾ آهي تہ من اجل ذالڪ ڪتبنا علي بني اسرائيل يعني قرآن حڪيم بني اسرائيلين جي نافرمانين جي لسٽ بيان ڪري مٿن لاڳو ڪيل سزائن جو تفصيل بيان ڪري رهيو هو. تہ اهو بخاري صاحب هٿ ڌاڙيون چوري ڪرڻ ۽ ڌنارن مارڻ وارن کي مرتد ۽ محارب جو ايف آءِ آر فٽ ڪري هنن مٿان سزائون لاڳو تہ ڪيون آهن. پر بخاري صاحب جو قياس ۽ آيت مان استنباط عجيب ٿو لڳي، آيت ۾ اکين ڪڍڻ جي سزا ڪانهي، اها هتي هنن راوين نبي سائين جي ڪاتي ۾ وڌي آهي، آيت ۾ پاڻي پيارڻ جي بندش جو حڪم ڪونهي، اهو هنن حديث ناهيندڙن نبي سائين مٿان الزام هنيو آهي تہ ان هنن کي مرڻ تائين پاڻي پيئڻ لاءِ نہ ڏياريو ۽ آيت ۾ هٿ پير ڪاٽڻ کان پوءِ گرم تيل واري علاج جي منع ڪانهي روايتن مطابق نبي سائينءَ هنن لاءِ ان علاج جي بہ بندش وجهي ڇڏي، منهنجي خيال ۾ آئون تڪڙ جي ڪري شايد حديث جا جهول اڌ کان وٺي شروع ڪيا اٿم، قصو تہ پيرائتو منڍ کان تفتيش هيٺ آڻڻ گهرجي، ڇڱو منڍ کان رهيل حصا سوچيون تہ اهي ڪيتري قدر صحيح ٿي سگهن ٿا. سو هي وفد عڪل شهر کان جو آيو ۽ اسلام قبول ڪري مديني ۾ رهڻ لڳو. مون کي تہ خبر ڪانهي تہ عڪل وارو علائقو ڪيترو پري جو آهي جو اتاهون جي آبهوا ۽ مديني جي آبهوا ايتري مٽيل هئي جو همراهہ بيمار ٿي پيا. هلو عڪل تہ انهن راوين کي ٺي صحيح نموني معلوم هوندو تہ ڪٿي آهي،

پر هاڻي حديث ۾ راوي صاحبن طب نبوي جو نسخو ڳولهي ڏنو آهي تہ پاڻ ڪريمن انهن کي ڏاچين جي پيشاب ۽ کير پيئڻ کي علاج لاءِ تجويز ڪيو ۽ صدقي جون ڏاچيون خبر ناهي تہ مديني کان ڪيترو پري بيهاريل هيون. جو اتي مديني کان آبهوا ۽ موسم مٽيل هئي، جنهن سبب هو تندرست ٿي ويا. اڄڪلهہ وڏن شهرن جون پينس ڪالونيون شهرن کان ايترو پري تہ ڪونہ ٿيون رکجن جو شهر ۽ ڪالونيءَ جي ايتري فاصلي سان موسم ئي مٽجيو وڃي، حديثن ۾ طب نبوي جي اندر بيمارن کي اٺن جو پيشاب پيارڻ وارو ڏس پڻ هند تہ ڪونہ لکيواٿن، پيو راوين هنن تي ڏنارن کي قتل ڪرڻ ۽ ڏاچيون چوري ڪرڻ جو ايف آئي آر لاڳو ڪيو آهي ۽ بخاري صاحب انهن کي مرتد ۽ محارب يعني باضابطہ جنگ ۽ لڙائي ڪرڻ وارو ڪافرسڏيو آهي ۽ راوي صاحبن پڻ پاسي هڪ روايت ۾ هنن ماڻهن کي مديني ۾ اچڻ وقت صوفي قسم جي اصحابن سان گڏ صفہ ۾ رهائڻ جي بہ ڳالهہ ڪئي آهي، انهيءَ سان يا تہ هنن ماڻهن جي درويشي لائين ثابت ڪرڻ گهرن ٿا. يا وري اصحاب صفہ وارن جو شان گهٽائي اهو ٿا ثابت ڪرڻ گهرن ٿا تہ انهن سان رفاقت ۽ صحبت ۾ رهڻ وارا ايڏا چور ڌاڙيل ۽ باغي ٿي ويا. يا نبي سائينءَ انهن مٿان ايتريون تہ غير قرآني سزائون لاڳو ڪيون جو هو مسڪين بيواهہ ڪري ماريا ويا. روايت جي چنڊڇاڻ وڃي ٿي شڪ شبهن جا وڏيڪ رستا کوليندي، اڄڪلهہ جيڪي ماڻهو ڀاڳيلا ٿي ڌاڙيل بنجي ويندا آهن. انهن کي بہ مرتد ۽ محارب ڪونہ سڏيو ويندو آهي، جڏهن تہ هن زماني جي ڌاڙيلن جا ڏوهہ انهن عڪل وارن ماڻهن کان تمام وڏا ۽ گهڻا آهن. تڏهن بہ ڄام ساقيءَ پنهنجي لانگ مارچ جي مطالبن جي لسٽ ۾ ڌاڙيلن لاءِ غير مشروط ۽ عام معافيءَ جو مطالبو ڪيو هئو. سو مناسب ٿيندو تہ حديث ۾ ڏيڪاريل سزا کي قرآن حڪيم جي ٻڌايل سزا سان پيٽجي، سورت بقره جي آيت نمبر ١٩٠ ۾ آهي تہ وقاتلوا في سبيل الله الذين يقاتلونكم ولاتعتدوا ان الله لايحب المعتدين يعني جنگ ڪيو الله ڪارڻ، صرف انهن ماڻهن سان جيڪي اوهان سان لڙائي ڪن ٿا. انهيءَ ۾ بہ هي خيال ڪجو، جو زيادتي نہ

ڪجو. جو الله زيادتي ڪرڻ وارن کي پسند نٿو ڪري، وري اڳتي ساڳي سورت جي آيت نمبر ۱۹۴ ۾ فرمان آهي تہ فمن اعتدي عليڪم فاعتدوا عليہ بمثل ما اعتدي عليڪم واتقوا الله ان الله مع المتقين يعني جن ماڻهن اوهان جي مٿان زيادتي ڪئي آهي اوهان بہ انهن مٿان اوتري زيادتي ڪجو، ان کان وڌيڪ نہ ڪجو. ائين ڪرڻ مهل الله جو خوف ڌارجو. جو الله، خوف ڪرڻ وارن سان گڏ آهي، هن حديث ۾ بخاريءَ هڪ روايتن کي چئن بابن ۾ ورائي ورائي آڻڻ سان ثابت ڪيو آهي تہ انهن ماڻهن کي نبي سائين غير قرآني سزا ڏني آهي، انهن جون اکيون ڪڍايون آهن، انهن کي مرتد ۽ محارب ڪافرن مان شمار ڪيو آهي، انهن کي سزا ڏيڻ کان پوءِ پاڻي پيارڻ تي بندش لاڳو ڪئي وئي، انهن جو سزا کان پوءِ علاج جو جيڪو حق هئو اهو ڪين ڏيارڻ مٿان بندش لاڳو ڪئي وئي، مٿي آيت ۾ يهودين لاءِ چئن سزائن جي ڳالہ ڪئي وئي آهي، هڪ قتل ٿيو ڦاهي، ٽيو هٿ پير مخالف طرفن کان ڪٽڻ، چوٿون ملڪ نيڪالي، يعني جيڪو انهن مان جنهن لائق هجي ان کي اهڙي سزا ڏني وڃي، هت هن حديث ۾ ڏسيو وڃي ٿو تہ نبي سائين جن انهن ماڻهن کي هٿ پير ڪٽڻ واري سزا جوڳو ڏوهاري قرار ڏيئي اها سزا ڏني، جڏهن تہ اها سزا ثابت ڪري ٿي (حديثن وارن جي نظريي مطابق) نبي سائين انهن کي مرتد ۽ محارب قرار نٿو ڏئي ۽ بخاري صاحب پنهنجي بابن جي عنوانن ۾ ورائي ورائي عڪل وارن کي مرتد ۽ محارب سڏي رهيو آهي ۽ سزا جي لحاظ سان تہ هو صرف چور ثابت ٿين ٿا. جڏهن تہ حديث ٺاهڻ وارن انهن مٿان صدقي جي ڏاچين چارڻ وارن جتن کي بہ قتل ڪرڻ جو ڏوهہ بہ لاڳو ڪيو آهي، جيڪڏهن هو قاتل بہ آهن تہ پوءِ هٿ پير ڪٽڻ واري چوريءَ واري سزا ڇو. انهيءَ سان تہ بخاري صاحب انهن کي مرتد ۽ محارب ڪوٺڻ سان ڪوڙو ٿو بڻجي پوي، ۽ بخاري جا استاد راوي جيڪو روايت ۾ ڄاڻائين ٿا تہ نبي سائينءَ انهن جا هٿ پير وڍائڻ کان پوءِ انهن جون اکيون ڪڍرايون ۽ انهن کي علاج لاءِ گرم تيل نہ ڏياريو، انهن کي پيئڻ لاءِ پاڻي بہ نہ ڏياريو، تہ انہن سڀن الزامن مان نبي سائين تي هيءَ الزام اچي ٿو تہ انهن قرآن

حڪيم جي حڪم فاعتدوا عليہ بمثل ما اعتدي جي سڌي سنئين مخالفت ۽ انحرافي ڪئي آهي، هاڻي انهن سڀين تضادن کي سامهون رکندي سڄي حديث جي ڪمپوزيشن ۽ جوڙجڪ کي راوي صاحبن جو هٿ نانڪ چوٽو پوندو، جيڪڏهن ڪير راوين تہ ڪک بہ نہ سهندو تہ نبي سائين قرآن جي حڪمن جي مخالفت ڪندڙ ثابت ٿيندو، گهٽ ۾ گهٽ منهنجو ايمان مون کي اجازت نٿو ڏئي تہ آئون راوين کي بچائي نبي سائين جن کي قرآن جي مخالف، بربريت واري سزا جو مرتڪب قرار ڏيان، مون رسول ﷺ جي رسالت ۽ نبوت تي ايمان آندو آهي، قرآن جي سچائي ۽ حقانيت تي ايمان آندو آهي، فارس جي امامن ۽ انهي جي الزام تراشين ۽ تبرا وارين حديثن تي ايمان ڪونہ آندو آهي، باقي ٻيا ماڻهو انهن حديثن لاء ڇا ٿا چون، منهنجو انهن سان ڪهڙو واسطو، سڀڪو پنهنجي قبر ۾ پوندو، آئون پڙهندڙن جي خدمت ۾ هڪ درخواست عرض ڪيان تہ جيڪي بہ حديثون قرآن حڪيم جي احڪامن، پاليسين خلاف ثابت ٿين تہ انهن جي سندن ۾ جيڪي روايت ڪندڙ ماڻهو ڄاڻايا وڃن ٿا، انهن مان اصحاب ڪرام ۽ تابعي بزرگن کي ڇڏي باقي سڀن کي بليڪ لسٽ ۾ آڻي ڇڏجي ۽ انهن جو نالو ٻئي هنڌ جنهن بہ روايت ۾ اچي تہ ان کي اکيون ٻوٽي قبول نہ ڪجي، باقي اصحاب ڪرام ۽ تابعي بزرگ ان ڪري مستثني ڪجن جو قرآن حڪيم انهن سڀن لاء جنتي هجڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي سو اهي يقين سان ڪوڙي ڳالهہ نہ ڪندا باقي رولا هيٺين ماڻهن ۾ آهن، جن مٿين بزرگن جا نالا غلط استعمال ڪيا آهن.

## عائشہ صديقہ جي شادي وقت عمر واريون حديثون

بي بي عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ جي نبي سائين سان شادي جي وقت عمر جي حد بابت روايتون حديث جي ڪتابن ۾ جابجا پکڙيون پيون آهن بخاري، مسلم، ابودائود، نسائي، ابن ماجہ، يعني ترمذي کان سواءِ نام نهاد صحاح ستہ جي ڇهن ڪتابن ۾ عام جام آهن اهي سڀ جو سڀ روايتون جڏهن هي ٻڌائين ٿيون تہ ڇهن سالن ۾ مڱڻو ٿيو آهي ۽ نون سالن ۾ پرڻو ٿيو آهي، انهن روايتن جو تعداد تہ ويهن کان مٿي آهي پر جي بخاري صاحب جي طريقي مطابق تہ هو حديث مان مسئلا ثابت ڪرڻ لاءِ ان جي مطلوبہ ٽڪرن کي جدا ۽ مستقل روايت طور وري وري جدا بابن ۽ موضوعن ۾ آڻيندو آهي ان لحاظ سان تہ هن مڪڙي ڳالهہ جون سئو عدد تائين حديثون جڙي وڃن ٿيون، باقي جيستائين انهن جي سندن جو سوال آهي اهو تہ هنن ماهرن جي ڪاهي مٽ جو ڪيل آهي هونئن هنن امامن هن حديث جو مرڪزي راوي قرار ڏنو آهي هشام بن عروه کي جيڪو سنہ ۴۱ هہ ۾ ڄائو آهي ۽ سنہ ۱۴۶ هجري ۾ فوت ٿيو آهي ۽ هو بي بي عائشہ صاحبہ جي ڀاڻيجي عروه بن زبير جو پٽ آهي ۽ بي بي عائشہ صاحبہ جي وفات جو سال آهي سن ۵۸ هجري، هن روايت جو هشام جي نالي سان علم جي مارڪيٽ ۾ اچڻ ۽ مشهور ٿيڻ جي سال ۱۴۵ هجري ۾ عراق کان جاري ٿيڻ کي قرار ڏنو ويو آهي، اصل ۾ هشام بن عروه جو ڳوٺ ۽ رهائش تہ مستقل طور مدينة المنوره هئو، پر هي همراهہ عباسي خليفن کان ڪجهہ مالي مدد وٺڻ لاءِ ٻہ ٽي ڀيرا عراق آيو ويو آهي، زندگي جي آخري ڀيري سن ۱۴۵ هجري ۾ عراق آيو ۽ انهن ڏينهن ۾ خليفو ابو جعفر منصور ڪجهہ اوڙي پاڙي جي سياسي بلون ۽ بغاوتن ڪري عراق کان ٻاهر سفرن ۾ مصروف

۾ غير حاضر رهيو ۽ انهن کان فارغ ٿي جڏهن عراق آيو ته اندازن سال جي ويجهو اها غير حاضري ٿي وئي هئي ۽ پهچڻ ساڻ هشام بن عروه کي نذر نياز جي رقم ڏنائين ۽ تاريخ مطابق ته هشام صاحب اها رقم وٺي جڏهن واپس ٿيا آهن ته مديني پهچڻ کان اڳي فوت ٿي ويا آهن ۽ هشام صاحب جي انهيءَ آخري سفر عراق جي موقعي سان بي بي صاحبه جي شادي جي عمر جي روايت مشهور ڪئي وئي آهي ۽ جڏهن ته حديثن جي ذخيري ۾ هشام بن عروه جي روايتن جو به وڏو ذخيرو موجود آهي منهنجي خيال ۾ عراقي حديث ساز ماهرن هشام جي عراق کان واپسي ۽ رستي ۾ جلد وفات جو فائدو وٺندي ان جي کاتي ۾ هي عمر نندي هجڻ واري روايت گهڙي ذخيري ۾ شامل ڪري ڇڏي آهي ۽ هشام جي وفات به انهن جو حوصلو وڌائي ڇڏيو هوندو، ته هوندو ٺي ڪونه ته ترديد ڇا جي ڪندو، عراقي ماهرن احتياط لاءِ هڪڙي ٻي سند به هن حديث جي جوڙي آهي جيڪا ابو معاويه عن الاعمش عن ابراهيم عن الاسود عن عائشه آهي پر مون اڪيلي جي هي تحقيق آهي ته اسود نالي جي شخصيت جو ذڪر ته حديثن ۾ تمام گهڻو آهي پر اهو فرضي ماڻهو آهي، ان جو وجود ئي ڪونهي، مون پنهنجي تحقيق جو بڻ بنياد اجا ڪنهن هنڌ لکيو ڪونهي، ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن موقعي مناسب سان ظاهر ڪيان، مون ان منفرد انڪشاف جو متفرق مواد نشان زد ڪري ڇڏيو آهي، زباني طور مولانا محمد انس سان ان جو ذڪر ڪيو اٿم، حالتن ساٿ ڏنو ته اها تحقيق علمي منڊيءَ ۾ به روشناس ڪرائبي، عراقي ماڻهن جي هترادو سندن ٺاهڻ جي ڪاريگري ۽ ڪاروبار جي ڳالهه هاڻوڪي دور تائين شايد جاري آهي، اها هن طرح ته منهنجي دوست مرحوم ملڪ عبدالله عرفان جيڪو سرائيڪي ٻوليءَ جو وڏو اديب ٿي گذريو آهي ۽ ڪجهه ادبي ڪتاب به لکيا اٿس ۽ پاڪستان سرائڪي پارٽيءَ جو وائيس چيئرمين به هيو بهاولپور ۾ گهر هئيس (هاڻ وفات ڪري چڪو آهي) ان مون کي ٻڌايو ته ان لنڊن ۾ ڪو ميڊيڪل ڪورس ڪيو هئو، عراق ۽ سعوديءَ ۾ نوڪري ڪري چڪو هو، مون ان ٻڌايو ته منهنجي پڙهائي دوران مون سان هڪ عراقي

عرب نوجوان جي به هم ڪلاس هجڻ ڪري دوستي ٿي، سو منهنجي بهاولپور جي رهواسي هجڻ ڪري ان مون سان ڳالهه ڪئي ته اسان جي خاندان ۾ فئملي جي هڪ دلچسپ ياد اوهان جي شهر بهاولپور سان واسطو رکي ٿي ته ملڪ صاحب مون کي ٻڌايو ته مون کي ان عراقي عرب دوست کي چيو ته اها ڳالهه مون کي به ٻڌاءِ ته اسان جي شهر سان اوهان جي ڪهڙي نسبت آهي، ته ٻڌايائين ته اوهان جي ملڪ جو هڪ وڏو شاعر ماڻهو علامه اقبال منهنجي ڏاڏي وٽ آيو هو، منهنجو ڏاڏو علم الانساب جو ماهر هئو ۽ علامه صاحب منهنجي ڏاڏي کي چيو ته بهاولپور رياست جا امير ۽ نواب (جيڪي شڪارپور جا دائودپوٽه هئا) انهن لاءِ انهن جو خانداني شجرو ناهي ڏيو ۽ ان شجري ۾ انهن کي حضور ﷺ جي چاچي حضرت عباس جي اولاد سان ملائي عباسي بنائي ڏيو ۾ نواب خاندان وڏو دولتمند آهي علامه صاحب چيو ته انهي خدمت جو اوهان کي سٺو معاوضو به وٺي ڏيندس، پوءِ منهنجي ڏاڏي اهڙو شجرو علامه صاحب کي ناهي تيار ڪري ڏنو ۽ علامه صاحب. نواب صاحب کان ته الائي ڪيتري رقم ورتي پر اسان کي به وڏي معقول رقم ملي ۽ ان کان پوءِ اسان جي فئملي غربت مان بدلجي سٺي خوشحال بنجي ويئي، منهنجا وڏا چوندا آهن ته اسان جي انهيءَ خدمت جو معاوضو اهڙو ته مليو جو اسان انهن ڏينهن کان وٺي هاڻي تائين مالي لحاظ سان پنهنجي پيرن تي بيٺل آهيون، هونئن انهيءَ ڪم ۾ عراق جي ماڻهن سان شايد لاهور به مقابلو ڪرڻ جهڙو شهر هجي، اهو ان طرح ته اسان جي ضلعي نوشهري فيروز ۾ هڪ ڳوٺ آهي جيڪو چاناري نالي سان دريا خان مري جي اتر اولهه جي ڪنڊ تي ٿوري فاصلي سان واقع آهي، اتاهون جو مولوي صاحب عبدالقادر موروجو سنڌ مان پڙهڻ بعد سعودي ملڪ هليو ويو هئو ۽ مدينه يونيورسٽي ۾ وڃي استاد الحديث جي عهدي تي فائز ٿيو، هونئن ته عبدالقادر صاحب مون کان ڪجهه سال اڳ ۾ دريا خان جي مدرسي مان تعليم وٺي ويو هئو، پر ان جا پائر ۽ پيا مائٽ مون سان گڏ پڙهيا هئا، سو ان جي عزيزن مان مولانا عبدالحق صاحب موروجو مون سان گڏ پڙهيو هئو، ان مون سان ڳالهه

ڪئي تہ انهن جو عزيز عبدالقادر سعودي ويڃڻ ڪان پوءِ اهل حديث بنجي ويو آهي ۽ اتي علمي لحاظ سان الشيخ سڏيو وڃي ٿو ۽ ڪجهہ عدد شاديون بہ ڪيون اٿس جيڪي مايون پنجابي اهل حديثن مان مليون اٿس ۽ ايڏو تہ هوشيار هئو جو جڏهن ڪعبة الله شريف تي ڪنهن ٽولي قبضو ڪيو هئو ۽ شايد انهن مان ڪنهن پاڻ کي مهدي بہ سڏايو هئو ۽ انهن ۾ سنڌ جي هڪ وڏي عالم پير بديع الدين صاحب جو پٽ بہ هئو تہ انهيءَ بلوي ۾ شريڪ سڀن ماڻهن کي سعودي حڪومت پنجابي فوج جي مدد سان گرفتار ڪري سزا ڏيئي اڳئين جهان ڏي موڪلي ڇڏيو، انهن ۾ شيخ عبدالقادر مورو جو سنڌي بہ شامل هئو ٻين جوانن مان تہ ڪو پاڻ کي نہ ڇڏائي سگهيو پر هي همراهہ سعودي حڪومت کي اعتماد ۾ وٺي آزاد ٿي ويو تہ مولانا عبدالحق موروجي مرحوم مون سان هڪ ڀيري ڳالهہ ڪئي تہ عبدالقادر صاحب هن ڀيري جڏهن پاڪستان آيو هئو تہ ان لاهور شهر مان هڪ سند ٺهرائي هئي تہ امام احمد بن حنبل ڪنهن جدا تقليدي مسلڪ واري فقهي مڪتب فڪر جو باني ڪونہ هئو، اهو اصل ۾ اهل حديث هئو، منهنجي لاءِ اها خبر تمام وڏي هئي جو امام حنبل صاحب جو هن طرف نہ مڙهہ نہ مقام، نہ اير نہ ٻير، ان جي مسلڪ ۽ متوسلين جي سند لاهور مان ٺهي، سا بہ ٻارنهن سئو سالن ڪان بہ وڌيڪ عرصي گذري وڃڻ ڪان پوءِ، سو روايتن جي سند سازي جا ڪرتب ڪنهن کي ڏسڻا ۽ سمجهڻا هجن تہ اسماء رجال حديث جو علم پڙهي ڏسي، ملا علي قاري ۽ علامہ ابن جوزي جا جڙتو حديثن بابت لکيل ڪتاب پڙهي ڏسي، امان عائشہ جي شادي وقت عمر وارين ڪوڙين حديثن جي پوسٽ مارٽم جو هي مضمون، ڪتاب مڪمل ڪري پريس کي ڇپجڻ لاءِ ڏئي پوءِ پيو لکان، جو دوستن حڪم ڪيو آهي تہ اهو موضوع تمام اهم آهي اهو رهجڻ نہ گهرجي سو ڪتاب جو ٻيو ڪم روڪي هي مضمون جلد ۾ لکي رهيو آهيان، خدا ڪري تہ ان جو حق ادا ڪري سگهان، مون تڪڙ ۾ سورت بقره سورت نساء ۽ سورت طلاق ۾ ڏسي سگهيو آهيان تہ رب سائينءَ ٻارهن ڀيرا عورتن جي طلاق عدت ۽ وري

ساڳئي مڙس سان ٻيو پيرو نڪاح مطلب تہ زال مڙس جي گڏ گذارڻ يا جدا ٿيڻ جي مسئلن بيان ڪرڻ مهل قانون جو خيال ڪرڻ ۽ قانون مطابق سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي پارت ڪئي آهي. يعني قانون جي اهميت ازدوا جي مسئلن ۾ قانون جي ڳالهہ ايڏي تڪرار ۽ تعداد سان قرآن بيان ڪئي آهي جو ايترو انگ ٻين معاملن ۾ نظر ڪونہ ٿو اچي. هونئن تہ قرآن ڪا ڳالهہ هڪ پيرو چئي ڇڏي تہ اها بہ ڪافي آهي. ڪوڙ آهي. ڇو تہ قرآن جو هر حڪم فرض آهي. پر ساڳي ڳالهہ آيت آيت ۾ وري وري دهرائڻ معنيٰ تہ قرآن موڪلڻ وارو چاهي ٿو تہ ماڻهو عورتن سان غير قانوني برتاءَ ڪندا. ان ڪري بار بار قانون طرف ڌيان ڇڪايو آهي. (قانون جو لفظ قرآن جي لفظ معروف جو ترجمو آهي) هاڻ آئون اصل مضمون طرف اچان ٿو. پهريائين تہ قرآن حڪيم نڪاح وقت عمر لاءِ ڪهڙي رهنمائي ٿو فرمائي سو قرآن حڪيم براهہ راست ڪو عمر جي لحاظ سان سالن جو انگ ڪونہ ٿو ٻڌائي باقي پنهنجي فن تصريف آيات سان ڳالهہ ڪي اهڙو کولي چئو ۽ پڌرو ڪري ڇڏي ٿو جو ڪوبہ پوئتي لاءِ ڪو ابهام يا ڪنڪو نہ ٿو ڇڏي ۽ تمام سهڻي نموني سوال جو جواب بہ ملي ٿو وڃي تہ نڪاح جي عمر ۽ وقت. سمجهڻ لاءِ سورت نساء جي آيت نمبر ٦ پڙهي ڏسندا. وابتلوا اليتاميٰ حتيٰ اذا بلغوا النڪاح فان آنستم منهم رشدا فادفعوا اليهم اموالهم يعني جڏهن (يتيم توهان جي سنڀال هيٺ هجن) انهن کي آزمائيندا رهو ايتري تائين جو هو نڪاح جي عمر کي پهچي وڃن پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ سمجهہ ۽ شعور جي پختگي ڏسو تہ پوءِ انهن جي مال ملڪيت انهن جي حوالي ڪيو ماٿي هي آيت تہ يتيمن کي سندن مال ملڪيت حوالي ڪرڻ جي عمر ۽ حد ڏسڻ لاءِ آهي. پر انهيءَ سان گڏوگڏ قرآن انهيءَ ئي آيت ۾ نڪاح جي عمر جي حد بہ ڏسي ڇڏي تہ نڪاح لاءِ جواني ۽ بلوغت شرط آهي ۽ اهو بہ اهڙي نموني جو انهن کي نفعي نقصان جي بہ ڄاڻ حاصل ٿي وڃي. اهو هن طرح تہ نڪاح اصل ۾ هڪ معاهدو آهي. ايگريمينٽ آهي. ٻن زندگين کي ملائي هلائڻ جو عهدنامو آهي. انهيءَ لاءِ ڌرين جو هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ ضروري آهي. ايتري پرک

ڪنهن کي تڏهن حاصل ٿي سگهندي جڏهن هو عاقل بالغ هجن، عقلمند هجن، انهيءَ معاهدي ۽ وعدي جو ذڪر آهي سورت نساء جي آيت نمبر ٢١ ۾ تہ واخذن منكم ميثاقا غليظا يعني جڏهن جو اهي عورتون توهان کان سخت ۽ پڪو وعدو وٺي چڪيون آهن، اهو سخت وعدو نڪاح ئي آهي تہ وعدي ۽ معاهدي لاءِ عمر بلوغت ۽ عقلمندي واري شرط آهي، نابالغ جي ڪابہ ايگريمينٽ قبول ناهي، شاهدي قبول ناهي، منهنجي خيال ۾ قرآن شريف جي هن ۾ حوالن مان عمر جي حد جو تعين ڪليل نموني ٿي ويو، الهي هوندي بہ اجا قرآن حڪيم مان نڪاح جي عمر لاءِ بلوغت ڪامل جي عمر کي پهچڻ جو وڏيڪ استدلال پيش ڪجي، ڇو جو هن فارس جي امامن جون گهڙيل حديثون، رسول الله جهڙي عظيم المرتبت هستيءَ مٿان ڇهن سالن جي ٻارڙي سان نڪاح ۽ نون سالن ۾ پرڻو ڪرڻ جو الزام ڏئي چڪيون آهن، پنهنجن پراون کي رسول سائين جي ڪردار خلاف زبان کولڻ جو موقعو ڏئي چڪيون آهن، اڄ تائين دوستن ۽دشمنن کي انهن حديثن، رسول سائين جي شخصيت خلاف بحث جو موضوع قرار ڏئي ڇڏيو آهي، قرآن حڪيم ۾ آهي تہ يا ايها الذين آمنوا لايحل لكم ان ترثوا النساء كرها سورت نساء آيت نمبر ١٩ يعني اي ايمان وارو توهان لاءِ جائز ناهي، حلال ناهي تہ اوهان عورتن مٿان زور زبردستي سان پنهنجي مالڪي هلايو، هن آيت ۾ عورتن ڇوڪرين جا ننڍپڻ جي عمر ۾ نڪاح بلڪ ڄمڻ کان بہ اڳي سودن ۽ واپارن ۾ پيٽ واري اصطلاح مطابق انهن جون شاديون، نسبتون ڳنڍي ڇڏڻ، اهي سڀ هن آيت جي الفاظن لايحل لكم ان ترثوا النساء كرها هيٺ اچي وڃن ٿيون ۽ انهيءَ جو صاف ۽ ڪليل مطلب مفهوم آهي تہ نڪاح لاءِ بلوغت شرط آهي، عورت مستقل، آزاد، شخصيت آهي، اها پنهنجي مالڪ پاڻ آهي، وات وڪيل آهي، اها البت جيڪڏهن هوءَ چاهي تہ پاڻ پنهنجي نڪاح شادي ۽ ان سان متعلق ٻين معاملن ۾ براهہ راست حصو وٺڻ نٿي گهري ۽ ان لاءِ هوءَ ڪنهن کي اٿارني پاور ڏيڻ گهري تہ ان جي ان کي اختياري آهي، مطلب تہ قرآن حڪيم جو شادي ۽ نڪاح جي معاملن ۾ قانون تي عمل ڪرڻ جو

تاڪيد اهو هڪ طرفو نہ ٿو ٿي سگهي، قانون تي عمل لاءِ قانون جي ڄاڻ بہ ضروري آهي. قانون جي ڄاڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ ۾ قانون جو حوالو ڏيڻي ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجا حق متعين ڪرڻ ۽ وري انهن جي حاصلات لاءِ مطالبو ڪرڻ، انهن سڀني پهلوئن جو مرد جي برابر يا اڃا بہ وڌيڪ عورت سان تعلق آهي ۽ ان ڪي انهن قانوني مامرن جي ڄاڻ ۽ پروڙ تڏهن ئي پئجي سگهي ٿي، جڏهن دو مڪمل طور عاقل ۽ بالغ هجي، بهرحال قران حڪيم هڪ طرف نڪاح جي عمر بہ واضح نموني ٻڌائي ڇڏي ۽ عورت لاءِ واخذن منكم ميثاقا غليظا سان ان جي عمر جي حد بہ نجي نموني واضح ڪري ڏني، يعني جيئن مرد جو نڪاح ننڍي عمر ۾ نٿو ٿي سگهي، اهڙي نموني عورت جو نڪاح بہ بلوغت کان اڳي ۽ ان جي اختيار ۽ رضا کان سواءِ نٿو ٿي سگهي، هيتري تائين جي گذارش جو خلاصو هي ٿيو تہ قرآني نقطئہ نظر نڪاح ۽ شاديءَ لاءِ عـمـر جي لحاظ سـان کـهڙو آهي ۽ نڪـاح ۾ ڌرين جي اختـيـارن ۽ خودمختياري بابت کهڙو آهي، جيڪو چڱي طرح سان واضح ٿي ويو تہ ٻنهي ڌرين مڙس ۽ زال لاءِ بلوغت بہ شرط آهي تہ رضامندو بہ شرط آهي، انهيءَ کان پوءِ تمام مختصر ۽ ٻن لفظن ۾ حديثن ٺاهڻ وارن امامن ۽ انهن جي پرستارن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ رسول ﷺ جن بي بي عائشہ سان ڇهن ۽ نون سالن ۾ قرآن جي قانون جي خلاف سوال ئي نٿو پيدا ٿئي تہ شادي ڪئي هجي، جيڪڏهن انهن حديثن وارن جي چوڻ تي تہ جيڪي ڇوڪريون گرم علائقن ۾ ڪدوءَ جي ٻاڄي گهڻي کائڻ سان نون سالن ۾ تڪڙو بالغ ٿي وڃن ٿيون تہ پوءِ، پوءِ جي زماني ۾ اتي جي شيوخ الحديث ڪيترن بزرگن پنهنجين ڌيئرن ڪي نون سالن جي عمر ۾ مڙس ڏنا آهن. ڇو تہ سنت نبوي جو اتباع تہ انهن سڀن جي محبوب مشغلہ آهي، يا انهن حديثن وارن ڪي اڃي اڃي سيدنا ابوبڪر جي نياڻي نڌڻڪي نظر آئي آهي، جنهن تي پنهنجي تبرا وارا تير اڇلايو پيا. حضرت ابوبڪر سائين جي نياڻي ڪدوءَ جي ٻاڄي کائيندي هئي تہ پوءِ اڄڪلهہ تہ پولٽريءَ جو رواج وڌي ويو آهي، هاڻي تہ مرغيون کائڻ وارن عرب علائقن ۾ نون سالن کان اڳي ڇوڪريون بالغ ٿينديون

هونديون، عجب آهي جو بخاري صاحب ۽انهن جي استاد راوين کي قرآني قانون خلاف ننڍپڻ ۾ بلوغت کان اڳي شادي ڪرڻ واريون حديثون تہ انهن جي پرهيزگاري واري ڪسوٽيءَ مطابق ملي ويون، پر بداية النهايہ ۽ طبقات ابن سعد وارن کي بي بي عائشہ جي بلوغت ڪامل واري عمر ۾ شادي ٿيڻ واريون روايتون جيڪي مليون آهن، اهي هنن جي ڪسوٽيءَ تي ڇو پوريون نہ ٿي سگهيون آهن. شايد اهو بہ سبب هجي تہ اهي قرآن جي حڪمن مطابق آهن ۽ انهن سان نبي سائين جن جي عمل سان، قرآن جي مخالفت ثابت نہ ٿيندي، جيڪا ڳالهہ هنن فارس وارن جي ڪسوٽي خلاف ٿي پوي ها. هونئن منهنجو موضوع ڪو روايتن جي پيڇا يا تلاش ڪانهي منهنجو ايمان آهي تہ حضور ﷺ جن جو قول فعل مڪمل قران مطابق آهي، هڪ وار برابر يا تر برابر بہ هيڏي هوڏي نہ هوندو، پر روايتن جي لحاظ سان مخالف روايت پڌائڻ سان پڙهندڙن کي بخاري صاحب ۽ ان جي همنوائن جي ڪسوٽي ۽ ذهنيت جي خبر پئجي سگهندي تہ ان وٽ جيڪي ڇهہ لک حديثون گڏ ٿيون هيون، انهن مان ان ڇهہ هزار حديثون جن اصولن تي ڇانٽي ڪري بخاري ڪتاب جوڙيو، ان جو معيار ۽ ماپو ڇا هيو. بدايہ نهايہ واري روايت آندي آهي تہ بي بي خديجة الڪبرىٰ جي وفات کان پوءِ پاڻ ڪريمن جي پاڙي جي ماڻتياڻي مائي بي بي خولہ سندن خدمت ۾ آئي ۽ عرض ڪيائين تہ توهان جي گهر واري گذاري وئي آهي ان مان ننڍڙيون ٻارڙيون گهر ۾ اوهان کي آهن، اوهان نبوت جي انقلابي ڪمن کي سنڀاليندئو تہ ٻارن جي تات ڪير ڪندو، سٺو آهي تہ جلد شادي ڪيو تہ اها مائي پويان گهر تہ هلائي ٻار تہ اوهان جا تاتي، جواب ۾ نبي سائين جن فرمايو تہ پوءِ مون کي تہ اهڙو رشتو ڪونہ ٿوسجهي تہ بي بي خولہ چيو تہ تنهنجي ساٿي ابوبڪر جي ڌيءَ عائشہ جوان جماڻ آهي ٻيو فلاڻي بي بي سوده آهي جو ان جو مڙس بہ ڪڏهوڪو گذاري ويو آهي تہ حضور جن فرمايس تہ صلاح تون ٿي ڏين تہ انهن سان رشتي جي ڳالهہ بہ منهنجي طرفان تون ئي وڃي ڪر آئون شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، ان تي بي بي خولہ پنهنجي جاين تي وڃي ڳالهہ هلائي ۽ بي بي

جڏهن انهن جي گهر ۾ ايندي تہ اها سندس پٽ کي بہ ڪاري ٿيرائي پنهنجي دين وارو ڪري ڇڏيندي، تہ ڇا ڇهن سالن جي عمر جو ٻار ڪنهن انقلابي تحريڪ جو اهڙو باشعور ميمبر ٿي سگهي ٿو جو مخالف سان بحث ڪري، انهن کي لاجواب ڪري، انهن کان پنهنجو نظريو مڃائي، انهن کي پنهنجي پارٽيءَ جو ميمبر بنائي سگهي، پر اهڙيون روايتون بخاري صاحب جي ڪسوٽيءَ تي شايد ان ڪري پوريون نہ اچي سگهيون آهن، جو انهن سان قرآني قانون جي ڇيڪڙي نٿي ٿئي، ميهڙ شهر جو منهنجو دوست مولانا قاري خير محمد صاحب ڏيرو جيڪو بزرگ پير شريف وارن جي مدرسي جو فارغ التحصيل آهي ۽ سنڌ يونيورسٽي جي اداري سنڌالاجي ۾ اتي جي عربي فارسي جي قلمي ڪتابن جي ريسرچ واري نوڪري بہ ڪري چڪو آهي الله سائين ڪيس شال تندرستي ۽ ڊگهي حياتي ڏئي جو مون کي تہ شوگر جي گهٽائيءَ جو عارضو آهي ۽ ان کي وري شوگر جي ڪوٽ جو عارضو آهي ان مون کي ٻڌايو تہ مون پنهنجي ريسرچ مطابق امام بخاريءَ جا اسي تائين استاد شيعا عالم هٿ ڪيا آهن پر جيڪا رفتار آهي تہ ڳالهہ سئو کان چڙهي ويندي تہ مون ڪيس عرض ڪيو تہ توهان پنهنجي تحقيق ڪتابي شڪل ۾ يا مضمون جي صورت ۾ ڇپرائي ڇڏيو تہ ڏيري صاحب چيو تہ مون پڻ ائين ڪرڻ گهريو پئي پر مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جن مون کي سختيءَ سان جهلي ڇڏيو آهي، سو آئون سمجهان ٿو تہ قاسمي صاحب بہ قدس سره وارن کان ڊڄي ٿو.

# اماڻ عائشہ صديقہ جي ڪردار تي حملا

هن تبرا واري حديث جو حوالو هي آهي ڪتاب مسلم باب حڪم المني ١۴٠ جلد پهريون ڇاپو قديمي ڪتب خانو آئون هتي سڄي حديث نقل ڪرڻ ضروري نٿو سمجهان، صرف تبرا وارا لفظ لکان ٿو. عن عبدالله بن شهاب الخولاني قال ڪنت ناز لاعليٰ عائشہ هن روايت ۾ حديثن ٺاهڻ وارا راوي ٻڌائڻ گهرن ٿا تہ ابن شهاب خولاني بي بي صاحبہ جن وٽ مهمان ٿي رهيل هئو رات جو ان کي ٽڙ پيو پوءِ صبح جو پنهنجي چادر مني کان پاڪ ڪرڻ لاءِ ڌوئي پيو، وغيره تہ انهي ڪوڙي قصي جي مٿي ڄاڻايل جن لفظن سان شروعات ڪئي وئي آهي معاذ الله، اهي الفاظ هر ٻولي ۾ گار جا لفظ آهن، خدا جي پناهہ، اهو چوڻ تہ آئون نازل ٿيل هئس عائشہ تيٰ يا عائشہ مٿان آئون يقين سان چوان ٿو تہ امام مسلم ۽ ان سان گڏ، هن گار واري حديث ٺاهڻ ۾ جيڪي بہ راوي شريڪ آهن، اهي پنهنجي پنهنجي ماءُ وٽ رهڻ ۽ ترسڻ جي خبر ڪڍهن بہ هنن لفظن سان ڪونہ بيان ڪندا تہ ڪنت ناز لاعليٰ امي يعني پنهنجي ماءُ تي چڙهيل هئس، يعني جهڙي طرح اهي الفاظ هنن امت جي ماءُ لاءِ استعمال ڪيا آهن، سڌي سنئي ڳالهہ آهي تہ نازل جو اکر مٿان کان هيٺ لهڻ جي معنيٰ ۾ ايندو آهي ۽ جنهن طرف نزول جي خبر ڏئي ٿو ان لاءِ بہ عليٰ جو لفظ ڪتب آڻي ٿو، جنهن سان ان جي مٿان اچڻ جي معنيٰ ثابت ڪرڻ مقصود هوندي آهي، ٻيو دنيا وارا ٻڌي ڇڏين تہ اما عائشہ ڪابہ اهڙي اوطاق بنگلہ، مسافرخانو، لنگرخانہ ڪونہ ٺهرايو هو، جنهن ۾ آيو ويو پيو رهي ۽ صبح جو پيو پنهنجا مني هاڻا ڪپڙا ڌوئي، جنهن شخص کي الهيءَ روايت تي منهنجي نقطہ نظر سان اختلاف هجي پهريائين اهو ڪتاب مسلم جو باب حڪم

صحاح سته وارا پاڻ کي اهل سنت به سڏائين ٿا ۽ اهل حديث به سڏائين ٿا. جيڪڏهن ڪير انهن سڀني امامن کان به جان ڇڏائي وڃي ته پوءِ يڪ امامي فرقا ته اڳ جهليون بيٺا آهن. ڪوئي حنفي ڪوئي مالڪي ڪوئي حنبلي ته ڪوئي شافعي، دل چوي ٿي اهي سڀئي قرآن کي پنهنجو آئيڊيل بنائي جيڪڏهن صرف مؤمن مسلمان بنجي وڃن ته ڏاڍو ڀلو، جي ائين ٿي پوي ته يا ايها الذين آمنوا آمنوا بالله جو مقصد به پورو ٿي وڃي ۽ اهي هڙيئي فرقن وارا قرآن کي آئيڊيل بنائي ان جو عملي سمبال محمد الرسول الله کي تسليم ڪن ۽ اهڙي روشن چوڏهين جي چنڊ جي پيٺا ۾ پلي ته پنهنجي پنهنجي پسند جي امامن کي قرآني ڪسوٽي کان پاس ڪرائي ان جا فيض يافته تارا قرار ڏين ته توحيد جي اصل معنيٰ مفهوم جو مزو اچي وڃي.

## مسلم نيشاپوريءَ جون رضاعة بهاني امان کي گاريون

آئون وري پنهنجي فرياد کي جاري رکان ٿو امت مسلمه جي دردمند ماڻهن ۽ انصاف جي علمبردارن جي دربار ۾ پنهنجي رپورٽ جاري رکان ٿو ته اما عائشه جي شان خلاف عزت حميت ۽ عصمت خلاف هي فارسي امام پنهنجي دريده دهني سان، امام مسلم پنهنجي ڪتاب جي ڪتاب الرضاع ۾ بيڇڙي نموني ياوه گوئي ڪئي آهي، قرآني احڪامن خلاف. بلڪ قرآن جي مقابلي ۾ ضد ۾ ٽڪر ۾ حديثن جي نالي گاريون ڏنيون آهن. ام المؤمنين تي تبرا ڪئي آهي، ڪتاب الرضاع ۾ چاليهارو کن حديثون جيڪي ڪيتريون ئي مڪمل نموني گارين جي فن جون شاهڪار آهن، آئون پڙهندڙن کي صرف آخري ڏهاڪو کن حديثن جي طرف ڌيان ڇڪائڻ ضروري سمجهان ٿو. هي حقيقت ته مڃيل آهي ته هڪ ڪوڙ کي لڪائڻ ۽ سچو ڪري ڏيکارڻ لاءِ پيا ڪيترائي ڪوڙ ناهڻا پئجيو وڃن ٿا. ان حساب سان وڏي ڪوڙ ۽ وڏي گار کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ مسلم صاب هڪڙا تمهيدي ڪوڙ حديث جي نالي سان لکيا آهن. (نوٽ پڙهندڙ صاحبان اوهان محسوس ڪندا هوندا ته آئون ڪلم ڪلا مسلم جي حديثن کي ڪوڙ سڏي رهيو آهيان

اهو ان ڪري تہ اوهان ڏسندا اهي سڀ قرآن حڪيم جي ڇٽن قانونن خلاف آهن ان ڪري) تمهيدي قسم جون ڪوڙيون حديثون جيڪي ٺاهيون ويون آهن انهن سڀن جو مول مٿو هي آهي، اهي مختلف سندن سان چارئي پنجئي روايتون بي بي عائشہ جي نالي سان روايت ڪيل آهن تہ سهلة ڌيءَ سهيل جي نبي سائين جي خدمت ۾ آئي ۽ عرض ڪيائين تہ سالم اسان جو غلام اسان جي گهر نڊيو ٿي وڏو ٿيو آهي، هاڻي جوان آهي ڏاڙهيءَ سان آهي، هاڻي جڏهن هو گهر ۾ اچي ٿو تہ آئون پنهنجي مڙس ابو حذيفہ جي منهن ۾ محسوس ڪيان ٿي تہ اها ڳالهہ ان کي نٿي وڻي، ٻڌايو تہ ڇا ڪجي جواب ۾ نبي سائين جن ڪيس چيو تہ ان جو حل اهو آهي تہ تون سالم کي ٿڃ پياري ڇڏ، پوءِ ابو حذيفہ جي ناپسنديدگي ختم ٿي ويندي، ماڻي صاحبہ عرض ڪيو تہ سائين پر هو تہ وڏو ڏاڙهيءَ سان آهي، تڏهن بہ نبي سائين جن کلندي حڪم ڪيو تہ تون ائين ڪر، ڪائي ڳالهہ ڪانهي، پوءِ تنهنجي مڙس ابو حذيفہ جو غصو ختم ٿي ويندو ۽ ماڻي سهلہ ائين ڪيو يعني سالم کي ٿڃ پياري پوءِ ابو حذيفہ کي بہ اهڙو اطلاع ڪيائين پوءِ سالم جي گهر ۾ اچڻ تي ابو حذيفہ جو غصو ختم ٿي ويو، هنن تمهيدي ڪوڙين روايتن کان پوءِ امام مسلم صاحب ٽي عدد حديثون اصل تبرا واريون لکيون آهن اهي ٽيئي روايتون زينب بنت ام سلمہ پنهنجي والده ام سلمہ کان روايت ڪيون آهن جيڪا ام سلمہ نبي سائين جي گهر واري آهي، ٽيهرين ٽن روايتن ۾ تہ ام سلمہ بي بي عائشہ وٽ احتجاج ڪري ٿي تہ مون کي هي ڳالهہ هرگز پسند ڪانهي تہ تنهنجو غلام ايفع هيڏو سارو عمر جو وڏو ائين گهر ۾ هليو ٿو اچي اها ڳالهہ اسان کي نٿي وڻي، ان تي جواب ۾ بي بي عائشہ کان روايت ٺاهيندڙن چورايو آهي تہ نبي سائين جي خدمت ۾ سهلتہ بنت سهيل آئي ۽ پنهنجي غلام سالم بابت عرض ڪيائين تہ اهو گهر ۾ اچي ٿو تہ سندس مڙس ابو حذيفہ ڪاوڙ ڪري ٿو، آئون ڇا ڪريان نبي سائين جن چيس تہ تون ان کي ٿڃ پياري ڇڏ مائي چيو تہ هو ڏاڙهيءَ سان آهي تڏهن بہ نبي سائين جن چيس تہ ڪائي ڳالهہ ڪانهي سو آئون بہ پنهنجي غلام ايفع کي انهيءَ رضاعت

جو هر روز واڪ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويندو هئو شهر جي ٻاهران سندس زمينون به هيون ان طرف ويندي ڏٺائين ته ڪوئي شخص سندس زمين جي ٻير مان ٻڪرين لاءِ ڏاري ڪپي رهيو هئو. خليفي صاحب ويجهو وڃي پڇيس ته اڙي ڪير آهين، نالو ڇا اٿئي، ڪنهن جو پٽ آهين وغيره ڏاري لاهڻ وارو به خليفي صاحب کي سڃاڻي پيو ۽ سمجهي پيو ته هي اهڙو ماڻهو آهي جو هن جي ٻن لفظن سان ئي مون کي ٽيپ اچي ويندي، سو ڪا ڪاريگري ڪجي نه ته سر ويو. خليفي صاحب کي ڇيائين سائين آئون رضو پٽ رمضان جو آهيان انهي سامهين ڳوٺ ۾ ويٺو آهيان خليفو صاحب تعارف ٻڌي هليو ويو ۽ وڃي ڪمدار کي چيائين ته فلاڻي ڳوٺ مان رضو پٽ رمضان اسان جي ڏاري چوريءَ لاٿي آهي انهيءَ کي وٺي پيش ڪر. ڪمدار نالي مان ئي سمجهي ويو ۽ چيائينس ته سائين انهي نالي سان ماڻهو ڪونه ملندو، اهو توهان کي ڪوڙو نالو ٻڌائي مڙيئي پنهنجي جند ڇڏائي ويو. سو هن فارس جي امامن حديثن ۾ به اهڙين نالن ئاهڻ سان روهيون ڪري ڇڏيون آهن. هاڻي قارئين ڪرام غور ڪيو! سوچيو! سمجهو ته امام مسلم ڪيئن اهي ڪوڙيون حديثون ٺاهيون آهن. پهريائين هي اصول سمجهي ڇڏيو ته قانون ساز صرف الله جي ذات آهي، اسان انسانن کي جنهن قانون سازي جي پرمنٽ مليل آهي، اهي صرف بائلاز آهن اهي فروعي آهن. انهن لاءِ به شرط آهي ته اهي قرآن حڪيم جي سمجهايل اصولن جي روشني ۾ هجن هيڏي هوڏي هوندا ته اهي غلط قرار ڏنا ويندا. سو رضاعت لاءِ چٽي نموني ٻڌري نموني قرآن حڪيم قانون ٻڌائي ڇڏيو آهي ته والوالدات يرضعن اولادهن حولين ڪاملين لمن ارادان يتم الرضاعته سورة بقره آيت ٢٢٣ يعني مائرون پنهنجي اولاد کي وڌ ۾ وڌ ٻه سال مڪمل ٿڃ پيارين. ياد رکڻ گهرجي رضاعت جي مدي ۾ ٻن سالن کان گهٽ وقت ٿڃ پيارڻ جي ته زال مڙس جي گڏيل مشوري سان اجازت آهي پر وڌيڪ جي اجازت ناهي، پڙهندڙ صاحبان غور فرمايو قرآن جي ايتري پڌري حڪم هوندي نبي سائين ڪيئن ڪنهن ڏاڙهي واري وڏي عمر جي ماڻهوءَ لاءِ حڪم ڏيندا ته ان کي ٿڃ پياري رضاعي پٽ بنايو وڃي، هن

الانهار خالدين فيها ابدا ذالڪ الفوز العظيم سورت توبہ آيت ١٠٠ يعني اصحاب ڪرام مان مهاجر انصار سيئي ۽ اهي ماڻهو بہ جن انهن جي تابعداري ڪئي سهڻي نموني سان الله انهن کان راضي آهي ۽ اهي الله کان راضي آهن انهن سين لاءِ رب پاڪ اهڙيون تہ جنتون تيار ڪري رکيون آهن جن جي هيٺان نهرون جاري رهن ٿيون اهي ان ۾ هميشہ رهندا اها ئي وڏي ڪاميابي آهي. هنن بخاري ۽ ان جي همنوائن ڪي اصحاب رسول ڪي پنهنجي حديثن ۾ ويڙهائيندي مزو ٿو اچي، انهن جا پوئير مشاجرات صحابہ تي انهن جي ئي ڪوڙين حديثن مان ڪتاب جوڙيون وتن ٿا ماڻهن ڪي واعظ ٻڌائي نفرتون ڦهلائيندا، اصحاب ڪرام ڪي جنتي سڏيندي جڻ هنن جي ڳهران ٿو وڃي، بخاري صاحب اصحاب ڪرام ڪي دوزخي ۽ مرتد قرار ڏيئي ڇڏيو آهي، پڙهي ڏسندا بخاري جي ڪتاب التسفير ۾ سورت مائده جي آخري آيتن واريون حديثون العياذ بالله ثم معاذ الله، دل تہ نہ ٿي چوي تہ اهو سمورو گند لکجي، پر صرف هن لاءِ پيو لکان تہ مسلمانن جا سمجهدار ماڻهو هن لاءِ تيار ٿين تہ اڪٽي لاءِ هنن حديثن مان تيار ڪيل فقهہ کان الوداع ڪري فقهہ القرآن ڪي پنهنجو قانون تسليم ڪيون، دل چوي پئي تہ هن حديث جي سند ۾ امام زهري جهڙو دشمن اسلام موجود آهي ان تي بہ اڪر لکان پر آئون مندي ۾ لکي آيو آهيان تہ سندن جي راوين جي حوالي سان تنقيد ڪرڻ سان ڪتاب ايڏو وڏو ٿي ويندو جو منهنجي ڇپرائڻ جي طاقت کان مٿي ٿي ويندو سو دلچسپي رکندڙ حڪيم نياز احمد جي ڪتابن روايت افڪ ۽ ڪشف الغمہ عن عمر ام الامہ ۾ اهو تفصيل وڃي پڙهي ڏسن، هن تبرا واري حديث جو حوالو هي آهي بخاري جو ڪتاب الادب باب الهجرة وقول رسول الله ﷺ لايحل لرجل ان يهجر اخاه فوق ثلاث باب نمبر ٦١٨ ۽ حديث نمبر ١٠٠٩ طفيل بن الحارث جيڪو ڀائيٽيو آهي بي بي عائشہ جو اهو روايت ڪري ٿو تہ ام المؤمنين بي بي عائشہ ان سان ڳالهہ ڪئي تہ ان جي ڪنهن واپار يا عطيہ جي باري ۾ جيڪو عائشہ ڏنو هو، عبدالله بن زبير چيو تہ عائشہ انهيءَ کان باز اچي نہ تہ لاحجرن عليها راوين هي لفظ ذو معني آندو آهي

فقہ رهجي ويو جيڪو امام مالڪ امام شافعي امام احمد بن حنبل ۽ امام ابو حنيفہ جي نالن ڏي منسوب تہ آهي پر اهو فقہ القرآن بدران حديث مان استنباط ڪري ناهيل آهي، اهو بچي ويو تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪو اتفاقي ۽ حادثاتي قصو ناهي، بلڪہ اهو سڀ ڪجهہ اڳواٽ جي رٿابندي سان ٿيو آهي، علمي ورثي سان گڏ ماڻهو بہ چونڊ قتل ڪيا ويا آهن، جنهن چونڊ جو معيار جنگ کان پوءِ جي باقيات مان صاف ظاهر آهي، مسلمانن جي علمي ورثي جي ذخيرن لاءِ چون ٿا تہ تاتارين جي جنگ جي ڏينهن ۾ درياءَ دجلہ ۾ جڏهن ڪتاب وڌا ويا تہ انهن جو ايڏو تہ انڻ ڪٽ ذخيرو هئو جو درياءَ جي هڪ طرف کان ٻئي ڪناري تائين وچڻ جي پل ٺهي وئي هئي جيئن تہ ان زماني ۾ اڄ وانگر پريسون ڇاپ خانہ ڪونہ هوندا هئا ڪتاب مس قلم سان ڪاتب ماڻهو پاڻ لکندا هئا سو درياءَ ۾ پيل ڪتابن جي مس ڪاغذ تان ايتري تہ لهندي رهي جو وڏو عرصو دريا جو پاڻي مس جي رنگ سان رنگيو پيو وهندو هئو، تہ ايڏي وڏي علمي آپريشن ۾ مسلمانن جي اندران ست سئو سالن جي عرصي ۾ جوڙيل ۽ لکيل البارن ۽ ذخيرن مان وچي سنين لاءِ صحاح ستہ وارا حديثن جا ڪتاب ۽ تفسير ابن جرير طبري ۽ ان جي طرز تي لکيل تفسير ۽ تاريخ وارا ڪتاب رهجي ويا ۽ شيعہ حضرات جي مسلڪ جي حديثن وارا چار ڪتاب ۽ همدان جي هڪ ماڻهو جو چوٿين صدي هجريءَ ۾ لکيل ڪتاب نهج البلاغتہ اهي سڀ ٻڏڻ کان بچي ويا، درياءَ دجلہ ۾ انهن ڪتابن لاءِ جاءِ ڪانہ هئي، يا امڙن ڪتابن جي مرڪزي فڪر جي تتبع ۾ جيڪي ٻيا ڪتاب اڄڪلهہ مارڪيٽ ۾ موجود آهن اهي درياءَ ۾ ڪونہ وڌا ويا، صرف اهو علمي ذخيرو ٻڏي ويو لوڙهيو ويو جيڪو قرآن حڪيم جي سمجهايل اصول تصريف آيات جي روشنيءَ ۾ لکيو ويو هئو، جوڙيو ويو هئو، ترتيب ڏنو ويو هئو ۽ ست سئو سالن ۾ مسلمان حڪومتن جي عدالتن قرآني قانونن احڪامن ذريعي جيڪي ججمنٽون ڏنيون اهي ڪيس لا جا سڀ ذخيرا عدالتي رڪارڊ درياءَ ۾ ماڀي سگهيا ۽ ٻوڙيا ويا پر اها ڳالهہ تہ قرآن جي هدايتن ۽ رهنمائي ۾ تيار ڪيل قانوني بائلاز کان تہ ماڻهن کي نفرت

هوندا، پر هنن کي پٽ اها پيل آهي جو صرف پاڻ کي بچائڻ لاءِ ايترو چئي ڇڏيندا آهن تہ بخاريءَ جي اهڙي حديث هوندي تہ پوءِ ضعيف تي سگهي ٿي يا وري کي وڏيڪ بخاري پرست اهڙين حديثن جون يا تہ تاويلون ڪرڻ شروع ڪندا. يا چوندا تہ ظاهري معنيٰ اها برابر آهي، پر ان جي اصل معنيٰ باطني معنيٰ ٻي آهي بهرحال هي ماڻهو ڪهڙيون بہ تاويلون ڪن پر شش امامي گروهہ کي جيڪا تبرا ڪرڻي آهي اهي حديثن جي نالي سان ڪري ٿا ڇڏين. جيڪي عالم سڳورا اهڙين حديثن کي ضعيف سڏي جواب ڏيڻ جي حد تائين پنهنجي جان ٿا ڇڏائين، اهي پاڻ ٻڌائين تہ بخاري صاحب پاڻ بہ اهڙين حديثن کي ضعيف سڏي ٿو؟ ان جو تہ مشهور قول آهي تہ مون وٽ گڏ ٿيل جملي حديثن جو تعداد ٦ لک آهي انهن سين حديثن مان جن کي مون پروسي جهڙيون ۽ صحيح سمجهيون آهن انهن کي هن ڪتاب ۾ گڏ ڪيو اٿم جن جو تعداد ڇهہ هزار آهي ۽ ڪتاب جو نالو بہ صحيح بخاري مشهور ڪيو اٿن يعني بخاري صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ آندل حديثن کي ضعيف مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي، هاڻ اچا بہ اما عائشہ رضي الله عنها جي توهين ۾ ۽ شان خلاف بخاري جي تبرا واري ٻي بہ حديث پيش ڪيان پوءِ عالمن سڳورن جي تاويلن جي جهلڪ بہ عرض ڪيان پوءِ فيصلو اوهان پڙهندڙ پاڻ ڪيو. بخاري صاحب پنهنجي مجموعي ۾ ڪتاب الجهاد والسير جي نالي سان ڪتاب ٻڌو آهي جنهن ۾ هڪ باب جوڙيو اٿس جنهن ۾ پنهنجي فقہ ماڻهن کي سيکاري ٿو باب جو نالو آهي باب ماجاء في بيوت ازواج النبي ﷺ و مانسب من البيوت اليهن. باب جو عنوان اچا ڏکهو آهي اڳتي پنهنجي ڪوڙ ۽ ڪار جي تائيد ۾ قرآن جي آيت جو هڪڙو ٽڪرو سورت احزاب مان ٣٣ نمبر آيت جو ۽ ٻيو ٽڪرو ساڳي سورت جي آيت نمبر ٥٣ جو ملائي پوءِ پوري باب ۾ ڪل ست حديثون آنديون اٿس، جن مان هرهڪ تي گهٽو ڪجهہ لکي سگهجي ٿو هتي صرف ٻن حديثن کي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو. پهريائين باب جي پنجين نمبر حديث ۽ ٽوٽل نمبرن جي لحاظ سان ٣٣٦ عن عبدالله رضي الله عنہ قال قام النبي ﷺ خطيبا فاشار نحو مسڪن

ﷺ يقضي حاجته مستد برا لقبلة مستقبل الشام يعني ابن عمر چوي ٿو ته آئون (پنهنجي ڀيڻ ۽ نبي سائين جي گهر واريءَ) حفصہ جي گهر مٿان چڙهي ويس تہ ڏٺم تہ نبي سائين قضاءِ حاجت ڪري رهيا هئا قبلي کي پٺي ڏئي ۽ شام طرف منهن ڪيون ويٺا هئا. پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ هي ڳالهہ دنيا ڄاڻي ٿي تہ گهرن جي ننڍن ٻارن جي خاص ڪري عادت هوندي آهي تہ هو گهرن جي ڇتن تي چڙهندا آهن. بخاري ۽ ان جا استاد بہ ابن عمر کي گهر جي ڇت تي چاڙهي ان جي واتان هڪ خاص فتني بازيءَ واري ڳالهہ اٿارڻ گهرن ٿا. اها هيءَ تہ نبي سائين يهود نصاريٰ جي قبلي بيت المقدس طرف منهن ڪري قضاءِ حاجت ڪندا آهن. هونئن ننڍو ٻار تہ ايتري جاگرافي ڪونہ ڄاڻندو هوندو جو پري وارن شهرن کي اهڙي ڪيفيت مهل مثال لاءِ پيش ڪري سگهي. جيڪڏهن اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن ٻار کان پڇبو تہ تون جنهن ماڻهوءَ کي قضاءِ حاجت ڪندي ڏسي آيو آهين تہ ان جو منهن ڪهڙي طرف هئو تہ هو اتاهون هزار ميل پري وارو شهر ۽ ملڪ ڪونہ ڏسيندو، هو تہ انهي شهر يا ڳوٺ جي محلي جي ان گهر يا جڳهہ جو نالو جواب ۾ ٻڌائيندو جيڪو قضاءِ حاجت ڪرڻ واري جي گهر سان لڳ سامهون هجي يا پويان هجي تہ هتي ابن عمر کان فارس وارن ٻالڪپڻي باوجود نبي سائين جي قضاءِ حاجت مهل پٺي واري جاءِ تي سئو ميل پري ڪعبة الله ڏسائي اٿن ۽ سامهون واري جاءِ (اندازاً) شام ملڪ جو بيت المقدس) هڪ هزار ميل پري، ۾ روايت ٺاهيندڙن پٺي جو طرف مسلمانن جي قبلي جو لفظ آڻي پوءِ سامهون جي طرف جو صرف ملڪ جي نالي سان نشان زد ڪيائون، جيئن پڙهندڙ وري شام ملڪ واري يهود ۽ نصاريٰ جي قبلي جو جلدي تصور آڻي سگهن، مطلب تہ هي سڄي ڪاريگري روايت ٺاهيندڙ جي آهي، ڪنهن ٻار جي ذهني اپروچ اهڙي نٿي ٿي سگهي، منهنجي هن تشريح مان هنن ماڻهن جي فن حديث سازي ذريعي مسلمانن ۽ يهود و نصاريٰ جي وچ ۾ نفرتن کي وڌائي وڌيڪ فتنا فساد ڪرائڻ واري ذهنيت ڏي ڌيان ڇڪائڻ آهي انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ فتني جو مرڪز رسول سائين جو گهر ڪونهي بخارا ۽ نيشاپور آهي.

## روايت افڪ يعني تهمت واري حديث

امام بخاري صاحب پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ۾ امام عائشہ صديقہ مٿان هيءَ تهمت واري حديث ڪتاب المغازي جي باب حديث الافڪ ۾ آندي آهي ۽ هونئن پنهنجي فقہ ناهڻ واري صنعت لاءِ سڄي ڪتاب ۾ وري وري نڪرن نڪرن ۾ بہ ڪافي هنڌن تي تڪرار سان ساڳي حديث لکي اٿس، حديث جو اصل راوي امام ابن شهاب زهري آهي، جنهن پنهنجي هن روايت کي سچي ثابت ڪرڻ لاءِ لکيو آهي تہ مون چئن اهڙن ماڻهن کان هيءَ حديث ٻڌي آهي جن براهہ راست بي بي عائشہ کان اها ڪهاڻي پاڻ ٻڌي آهي، ۽ مون انهن چئني جي ٻڌايل ڳالهہ کي ملائي هيءَ هڪ روايت جوڙي آهي، جيڪا پوءِ نن واسطن پڇاڻان بخاري صاحب تائين پهتي آهي ۽ ان پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪئي آهي، حديث تمام ڊگهي آهي جيڪا مون وٽ موجود نسخي جي ساڍن ستن صفحن تي مشتمل آهي، اها سڄي جا سڄي روايت هت آئون نقل ڪري ڪونہ سگهندس صرف ۽ صرف ان جا جهول وارا ڪجهہ حصا هت نقل ڪري پڙهندڙن جي خدمت ۾ هن حديثن ناميندڙن جي فهني ۽ اندروني عزائم ۽ سوچن تان پردي کولڻ جي ڪوشش ڪندس، وڌيڪ فيصلو وري بہ پڙهندڙ پاڻ ڪن، هاڻ هت حديث جي منڍ واري شروعاتي عبارت نقل ڪري ان تي پنهنجو تجزيو ڪيان ٿو. قالت عائشہ ڪان رسول الله ﷺ اذا اراد سفرا اقرع بين ازواجه فايهن خرج سهمها خرج بها رسول الله ﷺ معه. يعني بي بي عائشہ چوي ٿي تہ حضور سائين جو معمول هوندو هئو تہ جڏهن بہ پاڻ سفر لاءِ ارادو ڪندا هئا تہ پنهنجي گهر وارين مان ڪنهن کي ساڻ وٺي وڃڻ لاءِ قار

سان شادي ڪئي آهي، هتي ڏهن حديث جي تهمت واري تفصيل ۾ لکيل آهي تہ وقدلبث شهرا لا يوحي اليه في شاني بشي يعني نبي سائين تهمت کان پوءِ هڪ مهينو انتظار ڪيو تہ ڪو الله جي طرفان وحي نازل ٿئي ۽ معاملي جي حقيقت معلوم ٿئي، سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ زال ماڻهوءَ جي عزت هوندي آهي، ننگ هوندي آهي، لڄ هوندي آهي، پيغمبر سائين جي حرم مٿان تهمت لڳي آهي حديث مطابق ماڻهو تهمت هڻڻ وارا پيا ٿا چؤبول مچائين، پورو هڪ مهينو وحي نٿو نازل ٿئي، يعني الله بہ زهريءَ جي حديث مطابق انهيءَ خواريءَ ۾ خوش هئو، جو حقيقت تان پرود نہ پيو کڻي ۽ تماشو پيو ڏسندو رهي، هتي زيد پٽيلي جي طلاق ڏنل زال زينب سان نبي سائين شادي ٿو ڪري ۽ ماڻهو چؤبول ٿا ڪن تہ اها شادي تہ ننهن سان ٿي تہ هڪدم الله اعلان ٿو ڪري تہ اها شادي مون الله ڪرائي آهي، زيد تنهنجو پٽ ڪونهي پٽيلو، پٽ نہ ٿيندو آهي ۽ عائشہ نبي سائين جي عزت آهي، لڄ آهي، ننگ آهي، ان تي حملا پيا ٿا ٿين، روايت مطابق منافقن جو سردار عبدالله بن ابي بن سلول واقعي جي پروپيگنڊہ پيو ڪري، انهي جي معنيٰ تہ الله سائين ماٺ ڪيو پيو ٿو ڪيل ڏسي، ائين ٿي نٿو سگهي، زهري ڪوڙ هنيو آهي، هيءَ حديث ڪوڙي آهي، بخاريءَ جي حديثن بابت ڪسوٽي ڪوٽي آهي، بخاريءَ امان عائشہ جي شان خلاف پيون بہ ڪوڙ ڪوڙيون روايتون پنهنجي ڪتاب ۾ آنديون آهن. بخاري ڏر آهي، فارس جي قدس سره وارن مان آهي، تقيي ڪي جائز ٿو سڏي، خبر واحد ڪي استدلال لاءِ جائز ٿو سڏي، قرآني فيصلن خلاف ٿو روايتون آڻي ان ڪري هن افڪ ۽ تهمت واري حديث جو بخاريءَ ۾ لکجڻ کان پوءِ تہ پڪ ٿي وئي تہ اها روايت من گهڙت آهي، هونئن بہ شروع عبارت ۾ ئي اسان ثابت ڪيو تہ جيڪي رسول سائين ڪي قرآن حڪيم جي حڪم خلاف ڦارن وجهڻ وارو جوتشي ۽ پوپو،بنائين ٿا، اهي ڪيئن اسلام جا دوست هوندا. رسول سائين ڪي قرآني حڪمن خلاف ڪم ڪرڻ وارو ڪري پيش ڪرڻ وارا، ڪڏهن بہ اسلام جا سجڻ نٿا ٿي سگهن. هن روايت ۾ فال جي ڪوڙ ۽ خلاف قرآن ڳالهہ ڪان پوءِ راوي بي بي صاحبہ جي نالي

سان ٻڌائين ٿا تہ هي واقعو نزول حجاب کان پوءِ ٿيو آهي، اها اصطلاح تہ پردو نازل ٿيو، اها بہ حديثن جي گهڙاوت آهي، جن آيتن ۾ اصحاب رسول کي، رب پاڪ رسول سائين جي گهر ۾ کاڌي پيتي جي دعوت تي اچڻ وقت، يا ڪنهن ٻئي ڪم ڪار سان اچي سڏ ڪرڻ لاءِ تعليم ڏني آهي، ادب وارا طريقا ڏسيا آهن، انهن کي هن حديث ساز ٽيم آيتن جو شان نزول بنائي پنهنجي طرفان حجاب جو ڍنڍورو شروع ڪيو آهي، حجاب جو لفظ قرآن ۾ ڪونهي ۽ هتي منڍ روايت ۾ ان جو ذڪر زهري صاحب هن خاطر آندو آهي تہ ان کي اهو اڳتي روايت ۾ جنهن وقت بي بي صاحبہ صفوان بن معطل کي قافلي واري ميدان ۾ ڏسي ٿي تہ اتي ان کي سڃاڻڻ جي ڳالهہ ڪري ٿي ۽ انهيءَ سڃاڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان جو سبب بيان ڪجي تہ ڪيئن ٿي سڃاڻي، جو ٿي سڃاڻي، تہ ان جي جواب ڏيڻ لاءِ اهو جملو روايت جي منڍ ۾ ڳنڍڻ ضروري ڄاتو ويو تہ اهو سڃاڻڻ پردي نازل ٿيڻ کان اڳي جو آهي ۽ اهڙي وقت هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ ڪو مسئلو ڪونہ هئو، مون جيڪا گذارش ڪئي تہ نزول حجاب يعني پردي جي حڪم نازل ٿيڻ جي ڳالهہ حديثن وارن جي اصطلاح آهي ۽ اختراع آهي، جيڪا خود غير قرآني آهي، ان متعلق پڙهندڙن جي معلومات لاءِ عرض آهي تہ عورتن جو گهرن ۾ بند رهڻ جيڪڏهن پردي جو نالو آهي تہ اها ڳالهہ بہ غير قرآني آهي، قرآن ۾ عورتن کي گهرن ۾ بند رکڻ جي ڳالهہ صرف انهن کي بي راهہ روي جي صورت ۾ سزا طور ٻڌايل آهي، تہ سزا واري صورتحال کي عام حالتن ۾ قانون جي حيثيت ڏيڻ غلط آهي ۽ اها ڳالهہ صحيح نہ چئبي ۽ جيڪڏهن پردو نالو آهي منهن بند ڪري هلڻ جو، تہ اهو قرآن حڪيم ۾ ڪاٿي بہ ڪونہ آيو آهي، البت اجا هي آيو آهي تہ يا ايها النبي قل لازواجڪ وبناتڪ ونساء المؤمنين يدنين عليهن من جلابيبهن ذالڪ ادنيٰ ان يعرفن فلايؤذين وڪان الله غفورا رحيما (احزاب ۵۹) يعني اي نبي پنهنجي گهر وارين، ڌيئرن ۽ مؤمنن جي زالن کي چؤ تہ هو پنهنجي مٿان ڪا چادر يا وڏو ڪپڙو پائي هلن، جنهن سان ڏسندڙ سڃاڻي وڃي تہ هي ڪا بازاري عورت ناهي پوءِ انهن کي ڪوبہ (هوٽنگ وغيره سان) نہ آزاري، هوندن

سمجھي، اما بيابان ۾ سفر ۾ رات جي اويلي وقت ائين اڪيلي نڪري ٿي وڃي، نہ ڪنهن عورت کي ساڻ وٺي ٿي وڃي نہ ئي ڪنهن کي اطلاع ڪري پوءِ ٿي وڃي ۽ جڏهن تہ اعلان ڪندڙ قافلي جي روانگيءَ جو اعلان بہ ڪري ڏنو آهي، پوءِ ايتري غير ذميداري ڇو؟ ڇا انهن سين ڳالهين مٿان گهرائي سان سوچڻ، ام المؤمنين جي شخصيت ۽ ڪردار خلاف غلط انومان نٿا وجي سگهن؟ ڇا هن روايت جا گهڙيندڙ ۽ جوڙي ڪتابن ۾ محفوظ ڪري قيامت تائين ايندڙن ماڻهن کي پڙهائڻ وارا اسان کي ماءُ تي گاريون ڪونہ ٿا ڏين؟ ڇا اهي گاريون يا گارين واري زهري صاحب جي هيءَ روايت خود نبي سائين جي شان خلاف ناهي؟ تہ اهي جڏهن قافلي ۾ شريڪ آهن تہ پنهنجي گهر واريءَ کان پري ڇو آهن، قافلو سفر ۾ آهي منزل تي لٿل آهي، رات جو ٽائيم آهي، مڙس کي تہ پنهنجي زال جي ويجهو هجڻ گهرجي، ڪمانڊر جي گهر واري آهي، بي بي عائشہ رسول الله جي زوجہ محترمہ ڪا ڪٺڪ جي پوري تہ ڪانهي جو پالڪيءَ جت ائن تي رکندا ۽ لاهيندا وتن، هن حديث جي ڪوڙي هجڻ، جڙتو هجڻ، جو هن کان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو ثبوت ڏجي جو ائن جي ڪجاڻي ۾ هڪڙي عورت جي ويهڻ جي ڳالهہ ڪئي ٿي وڃي، ڪجاڻي جي هڪ طرف جڏهن هڪ ماڻهو ويهندو تہ ٻيو طرف خالي هجڻ جي صورت ۾ يڪدم اٺ اٿڻ ساڻ ئي وزن واري طرف ڪجاڻو ڪري پوندو ۽ هلڻ مهل بہ ڪري پوندو انهيءَ موقعي تي روايت گهڙيندڙ اهو لکڻ تہ نٿا وسارن ۽ بي بي صاحبہ جي زبان کان هي چورائن ٿا تہ ان زماني ۾ عورتون هلڪي وزن جون هيون. سادو کادو کائينديون هيون ۽ ڪنت جارية حديثة السن ۽ آئون بہ ننڍڙي عمر جي ڇوڪري هئس يعني ڪجاڻي تي وزن هلڪي ثابت ڪرڻ لاءِ اهڙي نموني جو ائن وارن کي اندازو نہ ٿي سگهي تہ سواري اندر موجود آهي يا ڪانهي، انهيءَ لاءِ تہ عائشہ کي ننڍڙي ڇوڪري ڪري پيش ڪن ٿا ۽ رات جي وقت اونده ۾ اڪيلي سر قافلي وارن کان پري قضاء حاجت لاءِ جابلو ملڪ ۾ وڃڻ مهل اما ننڍي عمر واري ڇوڪري ننڍي نہ ٿي رهي بلڪہ وڏي بڻجي ٿي وڃي، عبارت تي تفصيلي نموني غور ڪبو تہ

سموري عبارت مصنوعيت واري ۽ جڙتو لڳندي ۽ انهيءَ زماني ۾ نہ بجلي هئي نہ ٽارچ هئي، پوءِ اوندهہ ۾ بي بي صاحبہ هار جون ڪوڏيون يا مڻڪا ڪيئن ڳوليا هوندا. ۽ بي بي صاحبہ جي زبان مان ڪهاڻي ائين تہ زهري صاحب ادا ڪرائي ٿو. جو چوي ٿي تہ هار ڳولي جو واپس آيس تہ اتي نہ ڪوئي سڏيندڙ هو نہ سڏجي ورندي ڏيندڙ! ۽ اهڙي ماحول ۾ جڏهن جو قافلو هليو ويو قافلي ۾ پيءُ هو، اهو هليو ويو، قافلي ۾ مڙس هو، اهو بہ هليو ويو، اڪيلي ننڍڙي ڇوڪري ويهي رهي ٿي تہ ان کي ننڊ وٺي ٿي وڃي، واهہ زهري واهہ. ۽ صبح جو جڏهن صفوان بن معطل جي اچي جاڳائڻ جي ڳالهہ ڪري ٿي تہ بي بي صاحبہ روايت ۾ فرمائي ٿي تہ نبي سائين جو هميشہ جو معمول هوندو هو تہ ڪنهن نہ ڪنهن ماڻهوءَ کي هو پوئتي رهائي ويندا هئا تہ هو سوجهري مهل ڪا رهيل کهيل شيءِ کڻيون اچي، ۽ جيڪڏهن بي بي صاحبہ ايتري بہ ڇاڻ رکي پئي تہ پوءِ هي لفظ ڪاڏي ڪيا تہ وليس بها داع ولامجيب يعني سڏ جي ورندي ڏيندڙ بہ ڪونہ هو، معنيٰ تہ بي بي صاحبہ هار ڳولڻ کان موٽي قافلي واري هنڌ اچي سڏ ڪيا آهن تہ آهي ڪو قافلي جو رفيق، آئون عائشہ رهجي وئي آهيان ۽ ڪيس سندس سڏن جي ڪابہ ورندي ڪانہ ملي آهي، جواب ڪونہ مليو آهي، نہ ئي ڪو ماڻهو پوئتي ڪنهن رهيل کهيل ماڻهوءَ کي ڳولي ساڻ وٺي وڃڻ لاءِ ڪو موجود هو، جو سڏ ڪري آواز ڏئي، ڪنهن اوندهہ ۾ رهجي ويل جي سنڀال ڪري ۽ ان جي سڏن کيٰ جواب ڏئي، رب پاڪ هنن ڪوڙيون حديثون ٺاهيندڙن جي اهڙي تہ مت منجهائي ڇڏي آهي جو پنهنجي گهڙاوت جي تضادن کي بہ دفع نہ ڪري سگهيا آهن، بي بي صاحبہ کان هڪ پيرو چوائين ٿا تہ رات مهل هار ڳولڻ بعد موٽي آيس تہ ڪنهن جو بہ سڏ ڪونہ ٻڌم، جو ڪنهن رهجي ويل کي ڳوليندو ۽ پڇائيندو هجي ۽ اهڙو بہ ڪو ماڻهو ڪونہ هئو جو منهنجي سڏن جو جواب ڏئي، وري راوي فرمائين ٿا تہ صبح جو بي بي صاحبہ صفوان بن معطل کي جيئن ئي ڏٺو تہ قصي ٻڌندڙن کي چوي ٿي تہ اهو دستور ۽ معمول مطابق لشڪر کان پوئتي رهيل کهيل وسري ويل شيءِ لاءِ ترسايو ويندو هو، ٿي سگهي ٿو

مان ڪانہ لٿي آهي ۽ صبح جي ناشتي مهل بہ ڪجائي مان ٻاهر ڪانہ نڪتي آهي، ڇا ايتري غفلت ايڏي اهم شخصيت لاءِ ٿي سگهي ٿي، ڇا اهي سڀ ڳالهيون گاريون ناهن، آئون هڪ ڀيرو هجڻ جي حيثيت سان پنهنجي ماءُ لاءِ هنن حديث گهڙيندڙن جي تبرا سمجهان ٿو، هي سورت نور جي ڏهن آيتن کي جيڪي ڪنهن نامعلوم افرادن بابت لٿيون هيون، انهن کي اسان جي ماءُ جي نالي ڪري، هڪڙي گار کان بچائي ڀيون ڪيتريون تہ گاريون ڏئي ويا آهن، جيڪڏهن هنن جي حديث کي ميجبو، تہ ٻي ٻي صاحبہ سان رسول الله جي هيڏي ساري سفر ۾ بي توجهي جو پسمنظر انهن ٺي حديثن ناهڻ وارن ڪيڏو تہ خطرناڪ رٿيو آهي، جو هو پنهنجي زال جي خبر بہ ڪونہ ٿو پڇي، تہ اها ڪهڙي حال ۾ آهي، سفر ۾ قافلي ۾ شريڪ بہ آهي يا شريڪ ٿي ڪانهي، پيغمبر سائين کي پوري پنجن ڇهن صفحن جي حديث ۾ مڪمل طور پري ۽ پنهنجي اهلیہ محترمہ کان مڪمل طور لاتعلق ڏيکارن ٿا، حديثن ناهڻ وارا ڪي ٻار ڪونہ آهن جو هنن ان طرف روايت سازيءَ ۾ ڌيان ٺي نہ ڪيو هجي، انهن اهو خال جاڻي ٻجهي ڇڏيو آهي، انهن اها ڪيفيت سوچي سمجهي پيش ڪئي آهي، جيڪا ٻين حديثن جي حوالي سان بخاري ۾ اوهان کي ملي ويندي، ان لاءِ اوهان کي گهڻو پري نہ وڃڻو پوندو مون وٽ موجود نسخي تي هي حديث افڪ ۽ ان جو باب شروع ٿئي ٿو ۵۷۳ کان تہ صرف هڪ صفحو پوئتي پڙهي ڏسو باب غزوة بني المصطلق من خزاعة وهي غزوة المريسيع قال ابن اسحاق وذالک سنة ست وقال موسي بن عقبہ سنة اربع وقال نعمان بن راشد عن الزهري کان حديث الافک في غزوة المريسيع، يعني غزوه بني مصطلق اهو غزو والمريسيع ٿي آهي جنهن لاءِ ابن اسحاق چوي ٿو تہ ڇهين هجري سال تي ٿيو آهي ۽ موسيٰ بن عقبہ چوي ٿو تہ هي چوٿين هجري سال ۾ جنگ لڳي آهي ۽ نعمان بن راشد چوي ٿو تہ زهري کان نقل ڪري افڪ جو واقعو انهي مريسيع واري جنگ ۾ ٿيو آهي، پڙهندڙ صاحبوا جڏهن اوهان افڪ جي واقعي واري جنگ جي صورتحال ۽ ان موقعي جو وايومنڊل ۽ ڪيفيت پڙهي ڏسندو تہ افڪ جي روايت ۾ مون جيڪي شبها روايت جي افسانہ

حوالن سان شهوت پرستي جا ڪتاب پيا ڇپجن انهن ڪتابن لکڻ وارن کي ماري قتل ڪرڻ جو ثواب تہ ڪتي مجاهد ۽ غازي سڏجون پيا، پر انهن جي الزامن واري ماخذ علم، کي قرآن ثاني يا مثله معه يعني ان جهڙو ۽ وحي خفي ۽ غير متلو سڏي، پيا سيني سان لڳايون ۽ عوام کي پيا ٿا ٻڌايون تہ قرآن ۾ اجمال آهي، اختصار آهي، ابهام آهي، ان کي کولي سمجهائڻ وارو علم، حديث جو علم آهي، سو هاڻي حديث جيڪي ابهام ۽ اجمال کوليا آهن اهي اهي آهن، معاذ الله تہ لڙائي ۾ قيد ڪيل عورتن ۾ هڪ عورت تمام حسين جميل هئي ان جو مڙس ان لڙائي ۾ قتل ٿي ويو، پيغمبر ان عورت کي پنهنجي لاءِ پسند ڪري ان سان شادي ڪئي، مديني واپسي مهل قافلي کي رستي تي رهائي هڪ بند تنبوءَ ۾ ان عورت سان ان جي عدت گذرڻ کان اڳ ئي تي ڏينهن گڏ گذاريا، جنهن جي لاءِ بخاري صاحب پنهنجي ترجمة الباب ۾ لکيو آهي عدت پوري نہ ٿيڻ جي صورت ۾ فرج کان سواءِ ٻئي ڪنهن هنڌان بہ جائز آهي، معاذ الله انالله وانااليہ راجعون، هن فارس جي مائهن جي گهران تہ ڪونہ ٿو وڃي، هن واقعن جي گهڙڻ مان هن کي تہ پنهنجي شڪست جو بدلو وٺڻو آهي، حديث ٺاهڻ واري زهري صاحب لکيو آهي تہ هن بهتان گهڙڻ ۾ ان جي مشهوريءَ جو ڍنڍور ڦهلائڻ وارو اڳواڻ منافقن جو سردار عبدالله بن ابي بن سلول هئو، ان متعلق سوال آهي تہ الزام جو وقت روايت ۾ لکيو اٿن تہ سفر ۾ ان منزل ۾ جنهن ۾ بي بي صاحبہ صفوان سان قافلي وارن کي اچي پهتي آهي يعني مديني ۾ پهچڻ کان اڳي رستي ۾ ئي تهمت لڳائي وئي، پوءِ ڇا منافقن جو سردار قافلي ۾ ۽ لڙائيءَ تي رسول سائين سان گڏ هيو ڇا؟ هن سين حديث جي ڪتابن کي کولي پڙهي ڏسو انهن جا اهي باب جيڪي نبي سائين جي زماني ۾ جنگين سان متعلق آهن تہ سين ڪتابن ۾ غزوات رسول جو اهڙو تعارف ڪرايو اٿن، جو ڄڻ هي سڀ لشڪر وارا مخالفن مٿان حملا ڪري، انهن جي مردن کي غلام بنائي ۽ انهن جي عورتن کي ٻانهيون بنائي، انهن سان عياشيون ڪرڻ ۽ انهن کي واپار جي مال ڍور ڍڳن وانگر منڊين ۽ مارڪيٽن ۾ وڪڻندا هئا، ڪري ڏيکاريو اٿن،

جڏهن تہ اهڙيون سڀ حديثون ڪوڙيون آهن، قرآني فڪر ۽ نظريي جي خلاف آهن. سنهي ليکي انهن حديثن جو ڳاٽيتو سون کان چڙهي هزارن ۾ هوندو، آئون سين جي غلط ۽ جڙتو هجڻ لاءِ قرآن حڪيم مان صرف ٻہ آيتون پيش ڪيان ٿو ۽ اميد تہ پڙهندڙن کي اعتبار ۽ ويساهہ ٿيندو تہ رسول سائين ۽ ان جي سرويچ ساٿين پنهنجي زندگيءَ ۾ باقائدگيءَ سان قرآن تي عمل ڪيو آهي ۽ انهن جي زندگي قرآن کان هڪ وار برابر يا تر برابر بہ هيڏي هوڏي ڪانهي ٿي، الله انهن کي سندن ڪاميابيءَ تي پاس ٿيڻ جو سرٽيفڪيٽ بہ ڏئي ڇڏيو تہ رضي الله عنهم و رضواعنه يعني الله انهن ڪان خوش آهي ۽ اها جماعت رسول جي الله کان خوش آهي، مون عرض ڪيو تہ مال غنيمت جي هوس ۽ حاصل ڪرڻ جي وٺ وٺان جون تمام گهڻيون حديثون آهن ۽ مال غنيمت لاءِ رسول سائين ڏي بہ ڪوڙيون حديثون منسوب آهن تہ ڪڏهن ڪڏهن وڙهندڙ سپاهہ کي لڙائي ۾ گرمي ڏيکارڻ لاءِ اعلان ڪندا هئا تہ من قتل قتيلا فله سلبه يعني جنهن اسان جي سپاهيءَ دشمن جو ماڻهو ماريو تہ ان دشمن جو مال هٿيار گهوڙو وغيره مارينڊڙ جو ٿي ويندو، انهن سين حديثن مان جنگ جو نظريو اعلاءِ ڪلمة الله يعني حق سچ جي بلندي ۽ مظلوم محڪوم انسانن کي ظالمن جي ظلم کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ بدران ملڪ ۽ ملڪيت ميڙڻ بنجي وڃي ٿو ۽ واقعي نبي ﷺ جي زماني کان اڳ ۾ عرب قبيلن ۾ رومين ۾ توڙي فارس وارن وٽ جنگين جو پسمنظر اهو ئي هئو پر الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي انقلابي رسول کي خاص الهيءَ لاءِ موڪليو تہ هو انسانن کي غلاميءَ جي دوزخ مان ڇڏائي آزادي وٺي ڏئي. ويضع عنهم اصرهم والاغلال التي ڪانت عليهم. انهن جي ڳچين مان غلاميءَ جا طوق ۽ ڳٽ کولي انهن کي آجپو وٺي ڏئي ۽ انهن جي ڪنڌ تان غلامي جي بار کي هٽائي، تہ قرآن پاڪ جنگ لاءِ اڳئين نظريي ۽ مقصد کي رد ڪندي فرمايو تہ يسئلونڪ عن الانفال قل الانفال الله وللرسول يعني اي پيغمبر توکان پڇن ٿا تہ مال غنيمت لاءِ ڇا پاليسي آهي، ڇا حڪم آهي، تون انهن کي چؤ تہ الانفال لله والرسول يعني سڀ مال گورنمينٽ جو آهي، حڪومت جو آهي،

ڪنهن بہ جنگ وڙهڻ واري جو ڪجهہ بہ نہ آهي، ۽ هن ئي سورت جي آيت نمبر ۴۱ ۾ جيڪو فرمان آهي تہ واعلموا اماغنمتم من شيء فان لله خمسه و للرسول ولذي القربيٰ واليتاميٰ و المساڪين وابن السبيل، تہ هن آيت ۾ رب سائين تقسيم جي واٽ ڏسي آهي يعني جنرل پاليسي سورت جي پهرين آيت واري ۽ ورهاست جو طريقو سورت جي آيت نمبر ۴۱ ۾ تہ مال غنيمت مان رياست جي ترقياتي فلاحي ڪمن ۽ اڪسپينڊيچر تي خرچ ڪيو ۽ پنجين حصي مان هيٺين ڏرين ڪي ورهائي ڏيو ۽ جنگي قيدين لاء بہ قرآن پانهن ۽ پانهين بنائڻ مٿان مستقل طور بندش وجهي ڇڏي ۽ سورت انفال جي آيت نمبر ٦٧ ۾ اعلان فرمايو تہ ماڪان لنبي ان يڪون له اسريٰ حتي يثخن في الارض، تريدون عرض الدنيا والله يريد الاخرة والله عزيز حڪيم، يعني پيغمبر ڪي ڪوبہ اختيار ڪونهي، اجازت ڪانهي، پاور ڪونهي، تہ هو قيدي رکي سگهي، ايتري تائين جو هو حالتن تي ڪنٽرول ڪري وڃي، (ان ڪنٽرول جي معنيٰ آهي دشمن طرفان جنگي صورتحال جو خاتمو ۽ امن جي بحالي جنهن طرف سورت محمد جي آيت نمبر ۴ ۾ اشارو آهي تہ حتي تضع الحرب اوزارها) هن ڪان اڳي ماڻهن ڪي غلام بنائي رکڻ مان اوهان جو مقصد دنياداري ۽ دولت جو حصول هوندو هئو، جڏهن تہ الله جي پروگرام ۾ اوهان جي انجام ۽ آخرت جي ترقي مقصود آهي ۽ الله جي اسڪيم ئي سوپاري ۽ حڪمت واري آهي. انهيءَ ڪان پوءِ قيدين بابت جنگي ماحول ڪان فارغ ٿيڻ بعد سورت محمد جي آيت نمبر ۴ ۾ رهنمائي فرمائي وئي تہ فاما منابعد وامافداء يعني قيدين ڪي يا تہ احسان طور ڇڏي ڏيو يا فديو وٺي ڇڏي ڏيو ڇڏڻو هر حال ۾ آهي ٻين ڪابہ صورت ڪانهي.

حديث افڪ تمام ڏکي آهي جنهن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ تي اڳيئي ضخيم ڪتاب جوڙيل مارڪيٽ ۾ موجود آهن سو مسلمانن جي مولوي صاحبن ڪي سمجهائڻ ۽ مڃائڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي، پر هن روايت جي هن مغالطي عوام ڪي منجهايو آهي تہ سورة نور جي اندر يارهين آيت ڪان ويهين آيت تائين بي بي صاحبہ جي حديث واري واقعي جي صفائي ۽

جي پهرين آيت مان زهريءَ جي روايت جي ڪوڙي هجڻ جو ثبوت پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض ڪيان ٿو انهيءَ ڪان پوءِ اميد آهي ته مونجهارو مڪمل طور ختم ٿي ويندو، پر انهن ماڻهن جو، جن کي قرآن تي ويسام آهي، غور فرمائيندا فرمان آهي ته ان الذين جاؤبالافک عصبة منکم (سورت نور آيت ١١) يعني تحقيق اهي ماڻهو جن تهمت هڻي اهي توهان جي جماعت جا آهن، توهان جي جماعت منجهان آهن، (عصب، بدن جي انهن پٺن ۽ پنڌين کي چئبو آهي جن سان جسم جا سنڌ ۽ جوڙ مضبوطي حاصل ڪن، عربيءَ ۾ عصب الشجرة جي معنيٰ ٿيندي آهي ته وڻ جي ٽڙيل پکڙيل ٽارين کي ملائي گڏائي زور سان ڇڪي ٻڌڻ، ۽ ڪنهن به شيءِ کي ٻي شيءِ سان ملائي جنهن پٽيءَ ۽ رسي سان ٻڌو ويندو آهي ته اهي هڪ ٻئي سان ڳنڍيون رهن جدا نه ٿين ته ان پٽيءَ کي العصا به سڏيو ويندو آهي، عصبة جماعت کي به سڏيو ويندو آهي، جيڪا جماعت پاڻ ۾ متفق عليه مسئلن تي گڏجي رهڻ لاءِ ناهي وئي هجي، حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن چيو ته نحن عصبة يعني اسان به هڪ مضبوط جماعت آهيون) قرآن حڪيم سورت نور جي مٿين ساڳي آيت ۾ فرمايو ته والذي تولي کبره منهم له عذاب عظيم، يعني انهيءَ بهتان لڳائڻ واري ٽيم جو اڳواڻ ۽ ليڊر اهو به انهيءَ (عصبه) جماعت مان آهي، ان کي به وڏي عذاب واري سزا ڏني ويندي هاڻي انهيءَ جاءِ تي بخاريءَ ۾ حديث جي عبارت مٿئين حساب سان يعني ترتيبوار پڙهي ڏسو فهلک من هلک جي جملي کان پوءِ آهي ته وکان الذي تولي کبر الافک عبدالله بن ابي بن سلول يعني انهي بهتان واري معاملي جو اڳواڻ عبدالله بن ابي بن سلول (منافقن جو رئيس) هو، هاڻي مٿي آيت ۾ اوهان پڙهي آيا ته بهتان جي معاملي جو اڳواڻ رسول الله جي جماعت مان هو، يعني قرآن جو موقف هڪڙو ته حديث جو ٻيو، جو ته هي ته طئه ٿيل حقيقت آهي ته رب سائين پنهنجي رسول کي ائين هرگز نه چوندو ته منافقن جو اڳواڻ توهان جي جماعت مان آهي ۽ نه ئي منافقن جو گروهه نبي سائين جي پارٽيءَ جو ڪو حصو آهن يا هئا، جو انهن کي عصبة منکم ۾ شامل ڪري سگهجي، منافقن لاءِ ته قرآن

حڪيم ڪولي علانيہ ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ ويحلفون بالله انهم لمنكم وماهم منكم ولاڪن هم قوم يفرقون. يعني اهي منافق قسم کڻي توهان کي چون ٿا تہ اسان توهان مان آهيون، اسان توهان سان آهيون، تڏهن بہ پڪ سمجهي ڇڏيو تہ اهي توهان منجهان ڪونہ آهن (ڪوڙا قسم ٿا کڻن) پر اهي تہ جتي بہ ويندا اتي ڏڦيڙ وجهندا. (سورت توبہ آيت نمبر ٥٦) هاڻ هنن قرآني آيتن، چڱي طرح سمجهائي ڇڏيو تہ بهتان واري ٽيم جو اڳواڻ زهريءَ جي روايت وارو منافقن جو اڳواڻ عبدالله بن ابي بن سلول نہ هئو. بلڪہ رسول سائين جي جماعت جي ماڻهن مان ڪنهن اها غلطي ڪئي هئي، جنهن لاءِ قرآن سزا بہ ٻڌائي ڇڏي. سو ان بهتان جو مصنف ۽ راوي خود ابن شهاب زهري کي سمجهڻ گهرجي.

## رسول سائين جي حرمن کي گاريون

امام مسلم صاحب قدس سره پنهنجي ڪتاب جي جلد ٻئي ۾ باب حدالزنا ۾ هڪ حديث آندي آهي عن ابي عبدالرحمان قال خطب علي ڪرم الله وجهہ فقال يا ايها الناس اقيموا علي ار قائڪم الحد من احصن منهم و من لم يحصن فان امة لرسول الله ﷺ زنت فامرني ان اجلدها فاذاهي حديث عهد بنفاس فخشيت ان انا جلدتها ان اقتلها فذڪرت ذالڪ للنبي ﷺ وسلم فقال احسنت. يعني ابو عبدالرحمان روايت ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت علي سائين خطبو ڏيندي فرمايو تہ پنهنجي ٻانهن تي بہ حد قائم ڪيو، پوءِ اهي شادي شده هجن يا غير شادي شده هجن، جو تحقيق نبي سائين جن جي هڪڙي ٻانهي هوندي هئي ان زنا ڪئي پوءِ مون کي پاڻ ڪريمن حڪم ڪيو تہ ان کي سزا طور لڪڻ هڻان پوءِ مون ڏٺو تہ اها تازو تازو (ٻار ڄڻڻ ڪري) نفاس سان هئي پوءِ مون سوچيو تہ هن حال ۾ حد لاڳو ڪرڻ ساڻ تہ مري ويندي، پوءِ اها ڪيفيت مون نبي سائين جن سان بيان ڪئي ۽ عرض ڪيم تہ ان ڪري مون ان کي سزا ڪانہ ڏني تہ فرمايائون تہ چڱو ڪيئي.

مسلم صاحب قدس سره جي ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ صفحي ٣٦٨ ڇاپو قديمي ڪتب خانہ آرام باغ ڪراچي ۾ هڪ باب آهي براءة حرم النبي ان ۾ مسلم صاحب حديث آندي آهي ان رجلا ڪان يتهم بام ولد رسول الله ﷺ فقال رسول الله ﷺ لعلي اذهب فاضرب عنقہ فاتاه علي فاذا هو في رڪي يتبرد فيها فقال له علي اخرج فناوله يده فاذا هو مجبوب ليس له ذڪر فڪف علي عنه ثم اتي النبي ﷺ فقال يا رسول الله انه لمجبوب ماله ذڪر يعني نبي سائين وٽ گهر وارين مان هڪڙي گهر

واري ٻانهي هئي ۽ نبي سائين جن کي ان ٻانهي زال مان ٻار ٻه ڄاول هئو، ان حرم سان ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ تهمت مشهور هئي زنا جي، پوءِ حضور سائينءَ حضرت علي کي حڪم فرمايو ته وڃ ۽ انهيءَ ماڻهوءَ جو ڪنڌ ڪپي اچ، پوءِ ان شخص کي علي سائينءَ ڳولي هٿ ڪيو، جيڪو ڪنهن پاڻي جي ڪڌ ۾ ويهي ٺڏڪار وٺي رهيو هئو ته علي سائينءَ ان کي حڪم ڏنو ته نڪري اچ ٻاهر ۽ ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ان کي هٿ ڏيئي ڪڍڻ ۾ مدد به ڪيائين، (هو ڪو اگهاڙو هئو) ۽ علي سائين جن ڏٺو ته هو ته مجبوب آهي، يعني ان جو نپڙ ڪپيل هو پوءِ ان جي قتل ڪرڻ کان علي رڪجي ويو ۽ حضور سائين جي خدمت ۾ اچي ذڪر ڪيائين ته سائين (مٿي بيان ڪيل ڪيفيت ٻڌايائين ته) ان کي ته ذڪر هيو ئي ڪونه، آئون پڙهندڙن جي خدمت ۾ ڇا عرض ڪيان پهرين حديث ۾ نبي سائين جي ٻانهي لاءِ هي حديث ٺاهڻ وارا چون ٿا ته ان زنا ڪرائي، ان زنا مان ان کي پيٽ ٿيو ۽ ٻار به ڄائو ۽ پوءِ علي کي حڪم ڪيو ويو ته وڃ وڃي ان کي سزا ڏئي اچ، انهيءَ حديث ۾ زنا ڪندڙ مرد جو ذڪر ڪونهي، سزا جو حڪم ٻانهي عورت لاءِ ڪيو وڃي ٿو، جيڪا نفاس جي رت اچڻ ڪري سزا کان بچي وڃي ٿي، سڀ ماڻهو ڄاڻن ٿا ته عورتن کي ويم کان پوءِ جيڪو رت ايندو آهي ان جي وڌ ۾ وڌ مدت چاليهه ڏينهن هوندي آهي پر نفاس ختم ٿيڻ کان پوءِ ان ٻانهي کي سزا جو ڪاٿي به حديثن ۾ ذڪر ڪونهي، وري ٻوئين حديث ۾ مسلم صاحب بيان ڪري ٿو ته نبي سائين جي هڪ ٻانهي هئي جنهن مان ان کي هڪ ٻار ڄاول هئو (ڄاڻڻ گهرجي ته ام ولد ان ٻانهي عورت کي چيو ويندو آهي جنهن سان مالڪ جي جماع ڪرڻ ۽ همبستري ڪرڻ ڪري ٻار ڄائو هجي) ان گهر واري ۽ حرم رسول سان ڪنهن ماڻهوءَ مٿان زنا جي تهمت مشهور هئي، جنهن لاءِ پيغمبر سائين حضرت علي کي حڪم ڪيو ته وڃ وڃي ان کي قتل ڪري اچ، ان جي منڍي ڪپي اچ، هاڻي ٻنهي حديثن مٿان غور ڪجي ٿو ته پهرين حديث واري ٻانهيءَ جي زنا ثابت آهي، ان مان ان کي ٻار ٿيڻ جي خبر به نفاس مان ملي ٿي، ته هاڻي اهو زنا مان ڄاول ٻار علماء محدثين سندن فقهه مطابق

الولد للفراش ڪنهن جي ڪاتي ۾ وجهندا. نعوذ بالله وري انهن حديثن گڏ ڪرڻ وارو امام مسلم صاحب ٻي حديث ۾ برائت جي بهاني چوي ٿو تہ نبي سائين جن وٽ هڪ ٻانهي زال هئي، جنهن مان ڪين ٻار بہ ڄاول هئو ان سان ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ زنا جي تهمت مشهور ٿي. پوءِ حضور جن حضرت علي کي حڪم ڪيو تہ ان ماڻهوءَ جي وڃي منڍي لاهي اچ. هاڻي ٻنهي حديثن ۾ بيان ڪيل ٻانهيءَ کي جيڪڏهن هڪ ئي عورت قرار ڏجي تہ پوءِ حديثن ٺاهڻ وارا چئڻ تہ نبي سائين جي هڪ ٻار کي زنا مان ڄاول چئي ويا. گار ڏئي ويا ۽ وڏي هوشياريءَ سان تبرا ڪري ويا ۽ جيڪڏهن ٻنهي حديثن ۾ ذڪر ڪيل ٻانهيءَ کي جدا جدا عورت تصور ڪجي تہ پوءِ هي ثابت ٿيندو تہ نبي سائين نون زالن هوندي بہ وڌيڪ ٻانهيون بہ پاڻ وٽ رکندا هئا ۽ انهن سان جماع بہ ڪندا هئا ۽ انهن مان ڪين اولاد بہ ڄائو ۽ انهن عورتن جو بيت الرسول ۾ چال چلن نيڪ ڪونہ هئو ۽ پيغمبر جي گهر جو ڪلچر اهڙو هئو جو سندن ٻانهي جو زنا ڪرڻ ثابت بہ ٿئي ٿو ۽ ان کي سزا جو حڪم بہ ڏنو وڃي ٿو.

هاڻ امام مسلم صاحب جي انهن حديثن کي آئون هڪ معمولي ۽ ٿلطرو ماڻهو عزيز الله ٻوهيو هڪ پرائمري ماسترڙي عبدالرؤف ٻوهيي جو پٽ، هڪ اڻ پڙهيل جهانگيلي عورت مائي سيائي ٻوهيائيءَ جو ڦر دعويٰ ڪيان ٿو ۽ چئلينج سان چوان ٿو تہ امام مسلم ۽ انهيءَ جي راوي استادن اهي ڪوڙيون حديثون پاڻ گهڙي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيون آهن، سندن انهن ڪوڙن کي ڪوڙ ثابت ڪرڻ لاءِ هونئن تہ مون کي ڪنهن دليل ڏيڻ جي بہ ضرورت ڪانهي ڇو تہ حضور ﷺ جن هدايت جو سج آهن، سندن ڪردار ۽ خانداني ڪيريڪٽر شيشي کان وڌيڪ صاف اڇو ۽ اجرو آهي ۽ اهڙو جو نبوت تہ وڏي ڳالهہ آهي پر نبوت کان اڳين زندگي بابت بہ لبثت فيڪم عمرا هل وجد تموني صادقا اوڪا ذبا جهڙي چئلينج ڪرڻ وارا آهن ۽ دشمن بہ قبول ڪيو هو تہ جر بناڪ مرارافما وجد ناڪ الاصادقا ۽ امينا يعني اي محمد اسان توکي گذريل چاليهن سالن ۾ ڪئي ڀيرا آزمايوسون، تون هر ڀيري سچو ۽ امانت وارو

## فحاشيءَ کي همٿائڻ ۽ تحفظ ڏيڻ واري حديث ۽ جهاد سبب گهرن کان ٻاهر رهڻ تي ٽوڪ

امام بخاري پنهنجي مجموعي جي ڪتاب نڪاح ۾ هڪ باب جوڙيو آهي هن عنوان سان تہ لايطرق اهله ليلا اذاطال الغيبة مخافة ان يخونهم اويلتمس عثراتهم ان جي معنيٰ آهي تہ ماڻهو گهڻو وقت گهر کان غير حاضر رهڻ کان پوءِ جڏهن رات جو اويلو موٽي تہ اهو گهر ۾ اندر نہ وڃي ۽ ٻاهر ڪٿي رات گذاري پوءِ صبح جو گهر وڃي، ان ڪري تہ متان ڪو انهن جي گهر وارين سان خيانت نہ ڪندو هجي يا انهن جي پردي وارين سان هٿين پيل نہ هجي، ان باب جي عنوان کان پوءِ هيءَ حديث آندي اٿس تہ جا بربن عبدالله رضہ روايت ڪري ٿو تہ ڪان النبي ﷺ يکره ان يا تي الرجل اهله طروقا، يعني نبي سائين ناپسند ڪندا هئا ڪنهن ماڻهو جي پنهنجي گهر ۾ رات جو وڃڻ کي، اهائي حديث سند جي هڪ راويءَ جي فرق سان بلڪہ ساڳي سند سان امام مسلم صاحب پنهنجي ڪتاب جي ڪتاب الامارة ۾ هن باب هيٺ آندي آهي تہ باب ڪراهية الطروق و هوالدخول ليلا لمن ورد من سفر حديث جا الفاظ هي آهن عن جابر قال نهيٰ رسول الله ﷺ ان يطرق الرجل اهله ليلا يتخونهم اويلتمس عثراتهم صفحو ١۴۴ جلد ٻيو ڇاپو قديمي ڪتب خانو آرام باغ ڪراچي (ترجمو مٿي اچي چڪو آهي) بخاري مٿي ڄاڻايل باب ۾ ساڳين الفاظن واريون ٻہ عدد حديثون آڻڻ کان پوءِ لاڳيتو ٻہ باب لکيا آهن هڪ طلب الولد جي نالي سان ۽ ٻيو تستحد المغيبة و تمتشط يعني گهر واري کي هن مقصد سان ويجهو وڃڻ تہ اولاد ٿئي، ٻيو گهر ۾ تڪڙو داخل نہ ٿئي سفر کان پوءِ موٽڻ وارو

جيتري تائين زالون تيل قليل ڪري ڦٽي ڏيئي تيار ٿي ويهن پوءِ سومهڻي مهل گهر وڃجي بخاري صاحب انهن ٻن بابن ۾ جابر بن عبدالله جي روايت سان ٽي عدد حديثون لکيون آهن تہ آئون نبي سائينءَ سان ڪنهن غزوي تي ويل هئس ۽ مديني طرف موٽڻ مهل مون کي نبي سائين جن فرمايو تہ امهلوا حتي تدخلوا ليلا اي عشاء لکي تمتشط الشعثہ و تستحد المغيبہ يعني ترسو دير ڪيو جو رات ٿئي، يعني سومهڻي مهل داخل ٿيو، تا تہ ڪنڊڙيل وارن واري ڦٽي ڦٽي ڏئي ۽ جنهن جو مڙس گهڻو وقت غائب رهيو آهي اها بہ تياري ڪري اتي لفظ تستحد جي معنيٰ جي باري ۾ ڪي ماهر عربي دانن کان پڇندا. تہ بهرحال منهنجي عرض ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ بخاري صاحب هنن ٽن بابن مان پهرين باب جو عنوان ڏنو آهي تہ ڪو شخص ڏگهي وقت غائب رهڻ کان پوءِ رات جو اويلو گهر پهچڻ مهل اندر داخل نہ ٿئي متان انهن جي پردي وارين کي ڪو شخص هٿين پيل هجي ۽ خيانت پيو ڪندو هجي پوءِ لاڳيتو ٻن بابن ۾ ساڳئي صحابي جابر بن عبدالله جي روايت سان ٽي حديثون ٿو آڻي تہ اسان نبي سائينءَ سان ڪنهن جنگ کان واپسي مهل مديني موٽياسين تہ اسان کي پاڻ ڪريمن تڪڙ ۾ گهرن ڏي وڃڻ کان روڪيو ۽ فرمايائون تہ ترسو ماين کي تيار ٿيڻ جي مهلت ڏيو ۽ عشا مهل اندر هلو. آئون سوال ڪيان ٿو امام بخاري امام مسلم جي اهڙين حديثن آڻڻ کان پوءِ بہ انهن کي قرآن کان ٻيو نمبر ڏيڻ وارن کان، تہ جنگيون ۽ لڙايون ڪي جشن تہ ڪونہ هونديون آهن، ڪي پڪنڪ قسم جون تفريحون تہ ڪونہ هونديون آهن؟ جنگين کان موٽڻ مهل تہ لڙائيءَ دوران چنگهن وڍيل، ٻانهن وڍيل، تيرن تلوارن جا گهاوَ کاڌل زخمي ساڻ هوندا آهن، شهيد ٿيل ساٿين جو سوڳ سڄي لشڪر وارن تي ڇانيل هوندو آهي ۽ باقي بچيل لڙائيءَ کان موٽيل سپاهي ۽ جنرل جڏهن پنهنجي گهرن ۽ شهرن ۾ موٽندا آهن تہ شهيد ٿيل ساٿين جي يتيم ٿيل نياڻين ٻارڙن ۽ انهن جي مائرن جي جگرگوشن جي جدا ٿيڻ ۽ بيواهہ بنجي ويل عورتن جي سرتاجن جي جدائيءَ جو غم ۽ صدمو هوندو آهي، بخاري ۽ مسلم تہ اسلامي جنگين جو حديثن ۾

نقشو هي پيش ڪيو آهي ته جنگين وارن علائقن ۾ رسول جا اصحابي پنهنجي نبي کان پڇن ٿا ته شهوت جهل نه ٿي ڏئي، هي جنگ ۾ هٿ آيل قيدياڻي عورتن کي ڪنوارپ جي اگهه تي مهانگو وڪڻڻ گهرون ٿا ۽ هنن سان جماع ڪيون ته هن ڳالهه جي اجازت ڏيو ته (انزال) ڇاڻو ٻاهر ڪيون، جيئن انهن کي اسان جي صحبت سان حمل نه ٿي پوي، پوءِ پيغمبر انهن کي جواب ۾ چوي ٿو ته انزال اندر ڪيو يا ٻاهر ڪيو جنهن کي دنيا ۾جمڻو آهي اهو ضرور ڄمندو، نعوذ بالله توبه استغفر الله، وري اهي لشڪر وارا اصحابي پنهنجي رسول سان هنن حديثن ٺاهڻ وارن جي ڪوڙن مطابق ته جڏهن مديني جي ٻاهران پهچن ٿا ته رسول انهن کي ترسائي ٿو ته ڪجهه ترسو ته مايون سينگار ڪري وٺن پوءِ اندر هلون ۽ جيڪڏهن رات جو ڪجهه حصو گذري ويو آهي ته وري امام مسلم جي حديث ۽ بخاريءَ جي ترجمة الباب ۾ سيڪاريل فقهه جي روشنيءَ ۾ گهر ۾ داخل نه ٿجي، متان کو پيو ماڻهو انهن جي پردي وارين عورتن کي چنبڙيو نه پيو هجي. نوٽ هن قسم جون واهيات ڳالهيون نقل ڪندي ئي شرم اچي ٿو، پر هانوَ تي پٿر رکي صرف هن لاءِ هي جڙتو حديثون عوام کي پيش ڪجن ٿيون جيئن عوام پنهنجن عالمن سڳورن کي چئي سگهي ته اهي عجمي امام، فارس جي شڪست جي ساڙ ۾ اسان جي رسول سائين ۽ ان جي ساٿين خلاف نفرت وچان ايتريون غليظ ۽ ڪريل قسم جون حديثن، نالي تي گاريون پيا ڏين، انهن جي حديثن کان اسان کي ۽ اسلام کي معاف ڪيو، سڌو سنئون قرآن مان اسان کي پڙهي دين سيکاريو، ۽ وري هتي ساڳي اڳ ۾ لکيل ڳالهه دهرايان ٿو ته عالم سڳورا مدرسن ۾ پنهنجي شاگردن کي علم جي دستار ٻڌڻ مهل آخري سال ۾ هي حديثن جا ڪتاب پڙهائيندا آهن ۽ خاص ڪري ڪين چندي ڏيندڙن ۽ ٻي عوام کي وڏي فخر سان دعوت ڏيندا آهن ته اسان شاگردن کي بخاري پڙهائي پوري ڪئي آهي ۽ ان جو جشن ملهائي خوشي ۽ فخر ڪيون ٿا سڀ ڪو اچي ان ۾ شريڪ ٿئي ان لاءِ وڏا وڏا وال پوسٽر ڇپرائي جلسا ڪندا آهن، ته عام مسلمانن کي عرض ڪيان ٿو ته هو عالمن سڳورن کان سوال ڪن ته اهي

حديثن مرتب ڪرڻ وارا امام تہ اسان جي رسول سائين ۽ ان جي ساٿين بابت ڪوڙيون حديثون ٺاهي انهن سان ڪتاب ڀري ڇڏيا اٿن، مهرباني ڪري اهي ديني علم جي نصاب مان ڪڍي ڇڏن ۽ قرآن حڪيم جي علمن تي شاگردن کي ايم. اي ڪرائين، ايم فل ڪرائين، پي ايچ ڊي ڪرائين، اسان جي قرآني علمن سکڻ لاءِ مدرسن جي نصاب تعليم ۾ اها تجويز الائي ڪڏهن قبول پوندي، پر هنن عالمن سڳورن قرآن سان شرڪ ڪندي بخاريءَ کي ٽيهن سيپارن ۾ ورهايو آهي ۽ انهيءَ شرارت لاءِ هنن وٽ ڪو بہ دليل ڪونهي تہ بخاريءَ جا ٽيهہ سيپارا ڪيئن ٿيا؟ ڪڏهن ٿيا؟ ڪنهن ڪيا؟ اها سڄي حرڪت هن لاءِ آهي تہ ماڻهو بخاريءَ کي قرآن جهڙو سمجهن يا قرآن جو بدل سمجهن جنهن کي هاڻي هي دستاربند صاحبان وحي غير متلو بہ سڏيندا آهن ۽ مثله معه پہ.

## بخاري ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام
## تي ڪوڙ ڳالهائيا، واري حديث

بخاريءَ جي ڪتاب النڪاح ۾ هڪ باب آهي تہ پانهيون وٺڻ ۽ انهن کي آزاد ڪري انهن سان شادي ڪرڻ جو، ان ۾ ان هڪ حديث لکي آهي جنهن جو نمبر ٧٥ آهي ان ۾ ابوهريره کان روايت ڪندي نبي سائين جن جي نالي لکن ٿا تہ انهيءَ فرمايو تہ ابراهيم عليہ السلام ٽي عدد ڪوڙ ڳالهايا. آئون انهيءَ حديث جي غلط هجڻ، ڪوڙي هجڻ، ٺڳرادو ۽ جڙتو هجڻ، لاءِ رب سائين پاران مليل ڪسوٽي قرآن حڪيم کان پڇي ٻڌايان ٿو تہ اهو حضرت ابراهيم عليہ السلام لاءِ ڪهڙو ٿو ڪيريڪٽر سرٽيفڪيٽ ڏئي، ان لاءِ پڙهي ڏسندا سورت مريم آيت نمبر ٤١ فرمان آهي تہ واذڪر في الڪتاب ابراهيم انه ڪان صديقا نبيا● يعني اي محمد الرسول الله! تون ڪتاب قرآن مان ابراهيم جي تاريخ بيان ڪر تہ اهو سچو نبي هيو. هاڻي پڙهندڙ صاحبو! خدا واسطي انصاف ڪري اوهان ٻڌايو تہ رب پاڪ پنهنجي رسول کي حڪم فرمائي تہ تون ابراهيم جي قرآن جي حوالي سان تاريخ بيان ڪر تہ اهو سچو نبي هئو ۽ بخاري صاحب پنهنجي همنوائن جون گهڙيل حديثون پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ ابوهريري ٻڌايو تہ نبي سائينءَ فرمايو آهي تہ ابراهيم عليہ السلام ٽي ڪوڙ ڳالهايا هئا. ڇا هن حديث مطابق نبي سائين جن گويا ڪہ قرآن جي حڪم خلاف ۽ ابراهيم عليہ السلام جي قرآن واري تعارف خلاف ان کي ڪوڙ ڳالهائيندڙ سڏيو هوندو؟ ماڻهو ڪيڏا نہ ظالم آهن جو پنهنجي اندر جون نفرتون ۽ بغض وري نبيءَ سائين جي واتان ٿا ماڻهن کي ٻڌائين، ايڏر ڪوڙ، ايڏو ناحق ۽

شايدانهي نفرت جو سبب اهو هجي ته حضرت ابراهيم عليه السلام نمرود جي بادشاهت ذاتي هئي ۽ ان خلاف متين حديث ٺاهڻ وارا شايد ڪنهن بادشاهت جا ايجنٽ ۽ دلال هجن ۽ قرآن حڪيم حضور ﷺ جن کي ڪيئي ڀيرا چيو آهي تون صحيح ۽ سچو ابراهيمي آهين ۽ توکي مليل دين ۽ اسلام اهو اصل ابراهيمي دين ۽ پروگرام آهي ته نبي سائينءَ جا دشمن ۽ اسلام جا دشمن جڏهن ڪين مليل ايڏي اعزاز ۽ منصب تي سڙڻ لڳا ته ٻاهه مان ڪٿي متين ڪوڙي حديث ٺاهي ابراهيم ۽ ان سان گڏ رسول الله جهڙي شخصيت جو مرتبو گهٽائڻ لڳا.

## بخاريءَ کان ابن شهاب زهري تائين ڏسو تہ ڪيئن نہ اصحاب رسول جي مٿان تبرا ڪن ٿا

بخاري صاحب پنهنجي ڪتاب جي اندر ڪتاب نڪاح ۾ هڪ باب جوڙيو آهي من قال لانڪاح الابولي يعني جيڪي ماڻهو چون ٿا ۽ هي نظريو رکن ٿا تہ وارث کان سواءِ نڪاح نٿو ٿي سگهي پوءِ عورت ... هجي يا ڪنواري هجي انهيءَ ترجمة الباب يعني عنوان ۾ پنهنجي عادت مطابق قرآن منجهان مختلف جاين تان اشارن جي نموني انهيءَ ولايت نڪاح جي مفهوم سان ملندڙ جملا بہ ڪوڊ ڪيا آهن. هڪڙو فلا تعضلو هن ٻيو جملو ولاتنڪحوا المشر ڪين حتي يومنوا ۽ ٽيو جملو وانڪحوا الايا مي منڪم پوءِ ابن شهاب جي روايت عروه بن زبير کان ۽ ان جي بي بي عائشہ کان هڪڙي ڊگهي روايت آندي اٿس جنهن جو مختصر خلاصو هن طرح آهي تہ حضور ﷺ کي نبوت ملڻ کان اڳ ۾ جاهليت جي وقت نڪاح جا چار قسم هئا. هڪڙو تہ جيئن ماڻهن ۾ هاڻي آهي جو ڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ ڏي سندس ڌي يا ڪنهن ٻي اهڙي عورت سان نڪاح ڪرڻ جي گهر ڪري ٿو جيڪا ان جي سنڀال ۽ پرورش هيٺ آهي، پوءِ اهو ٻيو ماڻهو جيڪڏهن تصديق ڪندو تہ ان جي شادي يا نڪاح ٿي ويندو ۽ ٻيو قسم هي آهي تہ ڪوئي پنهنجي زال کي چوي تہ جڏهن تون ماهواريءَ کان پوءِ پاڪ ٿي وڃين تہ فلان ماڻهوءَ وٽ وڃي ان کان جماع ڪرائي اچ ۽ جڏهن ان جي زال ان ڏس ڏنل ماڻهوءَ کان (سنڌي اصطلاح موجب) لڱ جهلي ايندي يا ٽپو ڏياري ايندي تہ پوءِ ان جو مڙس ايتري تائين پنهنجي ان زال ڏي ويجهو نہ ويندو آهي جيتري تائين ان مخصوص ماڻهوءَ جي ميلاپ جو پيٽ ٿيڻ

۽ ٻار ٿيڻ جي شڪل ۾ اثر ظاهر نہ ٿئي، جڏهن پڪ ٿيندي تہ زال کي پيٽ ٿيو آهي، ٻج اثر ڏيکاريو آهي، پوءِ اهو مڙس جڏهن مرضي پويس پنهنجي زال سان صحبت ڪري سگهندو، اهو ان ڪري تہ ٻار جي باري ۾ شڪ نہ پئجي وڃي تہ هي ٻج ۽ ٻور ڪنهن جو آهي ۽ هن قسم جي نڪاح جو نالو "نڪاح استبضاع" هوندو هو، ٽيو قسم هي هوندو هو تہ ڏهن کان گهٽ ٽائين يعني نون ٽائين جو ڪوبہ ٽولو ماڻهن جو ڪنهن عورت سان ميلاپ ڪندو هو، روايت واري لکيو آهي تہ ڪلهم يصيبها يعني اهي هڙئي ميلاپ ڪندا هئا. پوءِ جڏهن ان عورت کي ان (گينگ پڪنڪ) مان پيٽ ٿيندو ۽ پوءِ ٻار ڄمندو تہ اها مائي ان ٽولي وارن سڀني کي هڪ ئي وقت تي گهرائيندي ۽ ڪنهن جي بہ مجال نہ هوندي تہ هو سڏ تي حاضر نہ ٿئي پوءِ انهن کي چوندي تہ توهان کي تہ پنهنجي گذريل ميلاپ جي خبر اٿو، هاڻي مون کي ان مان هي ٻار ٿيو آهي ۽ اي فلاڻا هي ٻار تنهنجو آهي ان لاءِ جيڪو توکي وڻي اهو نالو رکيس ۽ ان ماڻهو جي مجال ئي نہ هوندي هئي تہ ان حڪم جو انڪار ڪري سگهي ۽ چوٿون قسم نڪاح جو هي آهي جو يجتمع الناس الكثير ىيد خل علي المراة لا تمتنع ممن جاء يعني ڏڻ مڙسن جو عورت مٿان ٻيو ايندو هئو ڪنهن بہ ايندڙ ويندڙ کي جهل پل ڪانہ هوندي ۽ انهيءَ قسم جون عورتون (سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنجريون ۽ اردوءَ ۾ طوائفون ۽ عربي ۾) باغي قسم جون هونديون هيون ۽ اهي پنهنجي دروازن تي نشان طور جهنڊا هڻي ڇڏينديون هيون تہ اچڻ وڃڻ وارن کي سهولت سان ڄاڻ ملي تہ هتي ڪم ٿي ويندو، پوءِ اهڙي ڪنهن مائيءَ کي پيٽ ٿيندو هئو ۽ اها مائي وضع حمل يعني ٻار ڄڻڻ کان پوءِ پنهنجي ايندڙ ويندڙن کي گڏ ڪندي هئي ۽ قيافي شناسي جي ماهرن کي بہ گهرائيندي پوءِ ميڙاڪي جي ماڻهن سان جنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ فتويٰ ڏيندا تہ هي ٻار هن جي مهانڊي سان ملي ٿو تہ اهو ٻار ان جي اولاد سڏيو ويندو ۽ ان ماڻهوءَ کي اهڙي فيصلي کان انڪار ڪرڻ جي طاقت نہ هوندي هئي، روايت جا آخري الفاظ آهن تہ فلما بعث محمد ﷺ بالحق هدم نڪاح الجاهلية كله الا نكاح الناس اليوم يعني پوءِ جڏهن حضور سائينءَ کي

ڪرڻ لاءِ اهڙيون حديثون آنديون آهن. جن ۾ هرڪو شاديءَ لاءِ وارثن سان پيو ڳالهائي ۽ عورت کان انهن روايتن ۾ مرضي پڇڻ جي ڪابہ ڳالهہ ڏيکاريل ڪانهي ان ڪري اهڙيون سڀ حديثون غلط آهن. ڇو تہ سورت نساء ۾ آيت نمبر ١٩ ۾ فرمان آهي تہ لايحل لکم ان ترثوا النساء کرها يعني اوهان لاءِ حلال ناهي تہ اوهان عورتن مٿان زوريءَ پنهنجي وارثي ۽ مالڪي هلايو تہ هاڻي بخاري صاحب مٿي بيان ڪيل حديث ۾ حضور جن کي نبوت ملڻ کان اڳي عربن جي جيڪا ڪوڪ شاستر جهڙي سوسائٽي بيان ڪري تبرا ڪئي آهي ۽ بي بي عائشہ جي زباني جيڪو چوائن ٿا تہ نڪاح جاهليہ جو پهريون قسم اهڙو هو جهڙو اڄ يعني اسلامي سماج ۾ نڪاح ڪنهن وارث جي معرفت ڪيو وڃي ٿو. تہ اها حديث مٿي بيان ڪيل سورت نساء جي آيت خلاف هڻڻ ڪري ڪوڙي آهي، من گهڙت آهي ۽ بخاري ۽ ان جي سڀن استاد راوين ابن شهاب زهري تائين ان حديث ۾ نڪاح جي باقي ٽن قسمن جو اهڙو تہ تفصيل ڏنو آهي جو ڄڻ تہ اسلام اچڻ واري وقت جا ڪافي سارا ماڻهو اهڙن نڪاحن جي پيداوار هوندا. چوڻي آهي تہ الناس علي دين ملوکهم يعني ماڻهو پنهنجن بادشاهن جي دين تي هلندا آهن ۽ دنيا مڃي بہ چاڻي ٿي تہ اسلام کان اڳ فارس جي بادشاهہ ڪسريٰ جو يمن ۾ جيڪو گورنر هوندو هئو. اهو حجاز کي ڪنٽرول ڪندو هئو. مطلب تہ حجاز وارا يمني حڪومت جي وساطت سان شاهہ ڪسريٰ جا رعيتي هئا تہ يقين سان انهن وٽ اهڙي ثقافت فارس وارن وٽان ئي امپورٽ ٿي هوندي ۽ بخاري صاحب پنهنجي ترجمة الباب ۾ سورت نور جي آيت نمبر ٣٢ جو صرف پهريون جملو وانکحوا الايامیٰ منکم. آڻي ان مان بہ پنهنجي فقهہ لاءِ تہ لانکاح الابولي يعني وارث کان سواءِ نڪاح نہ ٿي سگهندو، کي ثابت ڪرڻ لاءِ حيلو پيو ڳولي ۽ سورت نور جي مٿين جملي ۾ جيڪو حڪم آهي تہ اوهان پنهنجي معاشري جي غير شادي شده مردن ۽ عورتن جي شادي ڪرائڻ لاءِ سهولتون پيدا ڪيو. اهو حڪم تہ معاشرن جي نگران حڪومت کي آهي، رکوع جي منڍ ۾ خطاب آهي يا ايها الذين آمنوا سان. انهيءَ مان مراد انقلابي پارٽي ۽

قرآن جو مخالف بنائي ۽ ان سان پنهنجو مقصد پيو پورو ڪري، جڏهن هي فارس وارا قراني فلسفي کي رد ڪرڻ گهرن ٿا. جيئن هن حديث ۾ عورت جي خودمختياري کسي رهيا آهن ته بي بي عائشه کي بطور تاريخ بيان ڪرڻ واريءَ جي ائين پيش ڪن ٿا جيئن ڪا هوءَ ان دور جاهليت ۾ ديده بينا عاقل بالغ شاهد هجي ۽ نبوت جي دور کان اڳي جاهليت جي زماني ۾ شعوري عمر واري هجي ۽ هي فارس وارا جڏهن نبي سائين جي شخصيت کي سڄي دنيا وارن اڳيان خوار ڪرڻ گهرن ٿا ته اهو اهڙو ماڻهو هو جو ڇهن سالن واري ٻارڙي عائشه سان نڪاح ڪري نون سالن جي عمر ۾ ان سان پرڻو ڪري ٿو ۽ پرڻي جي عمر ۾ عائشه سان جيڪي ان جون همر عمر ڇوڪريون ان وٽ گڏيون راند ڪيڏڻ ايندڀون هيون اهي گهر ۾ نبي سائين کي ايندي ڏسي خوف مان ڀڄي وينديون هيون. ۽ وري جڏهن اصحابن مٿان تبرا ڪرڻ ۽ انهن جي نسل ۽ نسب بابت گاريون ڏيڻ گهرن ٿا ته بي بي عائشه جي نالي اهڙيون رام ڪهاڻيون گهڙين ٿا جڻ اها زماني جاهليت ۾ رسالت کان اڳي تمام وڏي عمر واري ۽ معاشري جي دانابينا شاهد هجي، سو هي سڀ حديثون گهڙيندڙن جون پنهنجون ڪرشمه سازشون آهن.

## سفر جي برائيءَ واري حديث

امام مسلم نيشاپوري صاحب پنهنجي ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ هڪ باب جوڙيو آهي السفر قطعة من العذاب جي نالي سان، انهيءَ ۾ هي حديث آندي اٿس عن ابي هريرة ان رسول الله ﷺ ، السفر قطعة من العذاب يمنع احدکم نومه وطعامه وشرابه فاذا قضي حدکم نهمته من وجهه فليعجل الي اهله قال نعم (مسلم، ڇاپو قديمي ڪتب خانو آرام باغ ڪراچي صفحو نمبر ۱۴۴) يعني ابوهريره چوي ٿو - فرمايو رسول ڪريمن ته سفر ڪرڻ اهو عذاب جو هڪ عرصو آهي، ٽڪرو آهي، جيڪو توهان مان سفر ڪرڻ واري کي ننڊ ڪرڻ کان، کاڌي پيتي کان، رڪاوٽ بنجي ٿو، جڏهن توهان مان ڪو سفر تي پنهنجو شغل ۽ ڪم ڪار پورو ڪري ته پوءِ تڪڙو گهر وارن ڏي موٽي اچي ابوهريره چيو ته هائو. (حديث ختم) قرآن حڪيم دنيا ۾ قومن جي عروج ۽ زوال جي سمجهڻ ۽ ان جي اپياس ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو آهي ته انهن تاريخي ماڳن ۽ هنڌن طرف هلي وڃو، سفر ڪيو، سير ڪيو، تحقيق ڪيو، انهن جي کنڊرن جي هڪ هڪ ڊٺل محل، ماڙي، سر، بلڪ ٺڪري ٺڪري کي غور سان ڏسو ۽ عبرت حاصل ڪيو، انهيءَ لاءِ بلڪ ان کان سواءِ به رب سائينءَ جي جوڙيل سڄي سنسار کي ڏسڻ پسڻ پروڙڻ لاءِ به قرآن پاڪ مستقل هڪ عنوان ۽ اصطلاح جوڙي آهي، سيروفي الارض سان يعني زمين ۾ سير سفر ڪيو. قرآن حڪيم تاريخ کي سمجهڻ لاءِ آرڪيالاجي جي اهميت طرف ڌيان ڇڪايو آهي ۽ پنهنجي مستقبل ۽ آئندي کي جوڙڻ لاءِ ماضي سان گڏ نئين دريافتن جي حاصلات لاءِ به سير سفر ڪرڻ جي اهميت سمجهائي ٿو. قرآن حڪيم

محمود ۾ مان مرتبي واري منزل، نندون قتائڻ سان ملندي آهي، يعني جن ماڻهن ۾ قومن کي قائدانه منزل ماڻڻي آهي ته اهي بامقصد تربيت لاءِ اوجاڳا ڪندا ته پوءِ مقام محمود تي فائز ٿي سگهندا. پر هي فارس وارا امام مسلمانن کي قرآن واري زندگي کان منهن موڙڻ لاءِ انهن کي ڪم چور ڪيدي ۾ لغور بنائڻ لاءِ ڪوڙيون حديثون ٺاهي گهرن جون ڪڪڙيون بنائڻ گهرن ٿا. ته اها حديث قرآني تربيت ۾ فلسفي جي خلاف هجڻ سبب ڪوڙي آهي، نبي سائين قرآن جي فلاسافي خلاف ڪابه اهڙي ڳالهه ڪونه فرمائيندا. ۾ دنيا جي سين قومن ۾ ملڪن ته سير سياحت کي اڄڪلهه مستقل طور هڪ ڊپارٽمينٽ طور نه صرف تسليم ڪيو آهي پر ان لاءِ وڏيون وڏيون بجيٽون خرچ ڪن پيا ۾ علمي طور به سياحت تعليمي ادارن جي نصاب ۾ پڙهائي وڃي ٿي. وڏيک عرض ته مٿين آيتن جي روشنيءَ ۾ بخاري ۾ مسلم جون اهي حديثون به ڪوڙيون آهن جن ۾ هي ٻڌائين ٿا ته نبي سائين جماعت سميت هڪڙي جاءِ تان گذر ڪيو پوءِ ساٿين کي فرمايائون هن ماڳ تي اڳي رهندڙ قوم مٿان عذاب نازل ٿيو هئو سو اهڙن هنڌن کان يا ته پاسو ڪري لنگهو پر جي اتاهون وڃڻو ٿي پئجي وڃي ته منهن کي ڪپڙو ويڙهي روئندي روئندي تڪڙا تڪڙا لڪري وڃو. مسلمانو! سوچيو قرآن حڪم ڏئي ٿو ته منهنجي عذاب هيٺ آيل قومن جا تباهه ٿيل کنڊر گهران هلي وڃي ڏسو ۾ انهن اوج واري تهذيبن تي ريسرچ ڪيو ۾ هي امام صاحب هڪ ته جهلن ٿا ته نه وڃو ۾ جي وڃڻو پئجي وڃي ته پٽ ٻڌي اکيون پوري روئندا نڪري وڃو.

بدبختي ہي شيءِ آهي، دشمني عارضي شيءِ آهي، جيڪا ڪنهن اصلاحي عمل سان ختم ٿي سگهندي آهي، ان جي ڀيٽ ۾ بدبختي ۽ برائي اهي مستقل قسم جون طبعي وصفون آهن. جيڪي ڪنهن سان ان جي خمير کان وٺي چنبڙيل هونديون آهن. سو انهيءَ لحاظ سان عورت کي بدبخت سڏڻ اهو بخاري ۽ ان جي استاد راوين جو ڪيل ۽ سازش آهي. پيغمبر سائين ائين هرگز نه چوندا بلڪ قرآن پاڪ ته نالا ڪٽي بي بي مريم ۽ عمران جي گهر واري ۽ فرعون جي گهر واري جي تعريف ڪئي آهي، بلڪ گهوڙن لاءِ به قران حڪيم ۾ حڪم ڏنو اٿس ته واعد وا لهم ما استطعتم من قوة ومن رباط الخيل يعني دشمن مٿان دهشت لاءِ گهوڙا ڌاريو. هڪ ته تورا آهن ڪڙهين جون ڪڙهيون ڌاريو. گهوڙو نزول قرآن جي زماني ۾ اڄ جي زماني جي ٽئنڪ جو ڪم ڏيندو هو. آخري پاري جي سورت عاديات ۾ رب سائين گهوڙن جي تعريف ڪري ڪري افسوس مان فرمائي ٿو ته پر ماڻهو انهن گهوڙن جيترو به منهنجو شڪر گذار ڪونهي. ان الانسان لربه لڪنوده هتي لڳي ٿو ته بخاري صاحب ۽ ان جا همنوا هڪ طرف اهڙي حديث ٺاهڻ سان مسلمانن جي معاشري ۾ عورت ۽ مرد کي ويڙهائي انهن ۾ نفرتون پيدا ڪري رجعت پرستي طرف ڌڪڻ گهرن ٿا. ٻئي طرف گهوڙن ڌارڻ کان به دلين ۾ ٺاهه وجهي دشمن هٿان کين مارائڻ گهرن ٿا ۽ گهر جي بدبختيءَ جي ڳالهه سان شايد هنن جو مقصد اهو هجي ته مي سدائين دربدر رهن. روهه رلا مٿي وارا ڪلا. واري زندگي ڀيا گذارين. بهرحال بخاري صاحب جون مٿي واريون حديثون به قرآن جي ٽڪر ۾ جوڙيل آهن ان ڪري ڪوڙيون سڏبيون ۽ بخاري صاحب ان من از واجڪم واولادڪم فتنه مان جيڪڏهن فتني جي معنيٰ عورت ذات ۾ برائي ۽ بدبختي جي معنيٰ ڪري ٿو ته پوءِ ان قرآني جملي ۾ اولاد جو به اکر آهي ۽ اولاد ۾ ڇوڪرين سان گڏ ڇوڪرا به اچي وڃن ٿا پوءِ بخاري صاحب کي ته پنهنجي بدبختي واري لسٽ ۾ عورت سان گڏ مرد کي به شمار ڪرڻ گهرجي، هي ڪهڙي عقلمندي ۽ علميت آهي ته اولاد کي فتني سڏڻ واري معنيٰ مان ڇوڪرين کي بدبخت سڏيو وڃي ۽ ڇوڪرا بخت وارا!

## بخاريءَ جي روايتن ۾ عورتن مٿان ڪاوڙ
## ۽ سرمائيدارن سان همدردي

آئون هن مضمون ۾ بخاري صاحب جي ڪتاب النڪاح مان لاڳيتن چئن بابن ۽ انهن ۾ آندل حديثن ڏي پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائڻ گهران ٿو. پهريون باب نمبر ۱۱۴ ۽ ان ۾ آندل حديث نمبر ۱۷۷ آهي حديث جي روايت حضرت ابوهريره کان آهي تہ فرمايو رسول الله لاتصوم المراة و بعلها شاهد الا باذنه يعني عورت پنهنجي مڙس جي موجودگيءَ ۾ ان جي اجازت کان سواءِ روضو نہ رکي. پڙهندڙ صاف سمجهي ويا هوندا تہ ان حڪم جو مقصد اهو ٿي ٿي سگهي ٿو تہ شايد ان عورت جي مڙس کي ڏينهن جي وقت ۾ گهر واريءَ سان صحبت جو خيال ٿي وڃي ۽ عورت جو روضو رکڻ رڪاوٽ بنجي وڃي. هاڻ اڳتي باب نمبر ۱۱۵ جي حديث نمبر ۱۷۸ پڙهڻ گوارا ڪندا اها بہ ابوهريره کان روايت آهي عن النبي ﷺ قال اذا دعا الرجل امراته الي فراشه فابت ان تجيء لعنتها الملائڪہ حتي تصبح يعني جڏهن مڙس پنهنجي زال کي پنهنجي بستري ڏي سڏي ۽ اها ان ڏي وڃڻ کان انڪار ڪري تہ ملائڪ ان عورت تي صبح ٿيڻ تائين لعنت ڪندا رهندا آهن ۽ انهيءَ باب ۾ ساڳئي ئي نموني جي ٻي بہ حديث آهي جنهن جو نمبر آهي ۱۷۹. ان حديث ۾ ملائڪن جي لعنت وارو عمل ڪجهہ سرس ڏيکاريو ويو آهي حديث آهي تہ عن ابي هريرة قال قال النبي ﷺ اذا باتت المراة مهاجرة فراش زوجها لعنتها الملائڪہ حتي ترجع يعني جڏهن رات گذاري ڪا زال پنهنجي مڙس جي بستري کي ڇڏي ڪري، تہ ملائڪ ان عورت تي ايتري تائين لعنت ڪندار هندا آهن جيتري تائين اها پنهنجي مڙس جي

بستري ڏيڻ ڀوڳي نہ اچي، منهنجو خيال آهي تہ في الحال هنن حديثن بابت تحقيق ڪجي تہ اهي ڪيتري قدر صحيح ٿي سگهن ٿيون، پهرين حديث تہ زال، مڙس جي موجودگيءَ ۾ ان جي اجازت کان سواءِ روزو بہ نٿي رکي سگهي، جيڪڏهن اسلامي شريعت ۾ زال ۽ مڙس جا هڪ ٻئي تي حق، هڪ جيترا ۽ برابر آهن تہ هن حديث ۾ تہ ڳالهہ هڪ طرفي ٿي نظر اچي، يعني عورت کي تہ مرد جي خواهش جو فرمانبردار ۽ تابع ڏيکاريو ويو آهي، باقي عورت جي خواهش لاءِ ڪابہ حديث ڪانهي، هونئن حديثن وارن ٻڌايو تہ نبي سائين جي زماني ۾ جنگين ۽ لڙاين تي بہ زالن کي وٺي وڃڻ جو رواج هئو، پر نبي سائين جي زماني ۾ هي رائيونڊ واري تبليغي جماعت شايد ڪانہ جڙي هئي، سو گهٽ ۾ گهٽ ڪي بہ چار حديثون انهن لاءِ بہ ٺهڻ گهرجن ها تہ اهي جڏهن چاليهن ڏينهن لاءِ يا وڏيڪ ٻن چئن چلن لاءِ سفر تي وڃن تہ پنهنجي زالن کان اجازت وٺي پوءِ وڃن يا اهڙن ٻين مردن تي جيڪي هرويرو زالن کان جي اجازت کان سواءِ پري رهندا انهن تي بہ موٽي ملڻ تائين لعنت پئي وسندي، ۽ پويون ٻئي حديثون بہ ائين ون سائيڊيڊ آهن يعني مرد جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ عورت تي تہ ملائڪن جي لعنتن جو وسڪارو آهي ۽ عورتن جي خواهشن جو ڪوبہ ذڪر ڪونهي، سو آئون مٿين ٽنهي حديثن کي قرآن پاڪ جي سورت بقره جي آيت نمبر ٢٢٨ جي خلاف قرار ڏيندي، غلط، ڪوڙيون، هٿرادو ۽ جڙتو حديثون قرار ڏيان ٿو ۽ پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض ڪيان ٿو تہ هو بہ قرآن حڪيم جي الفاظن تي وڌ کان وڌ غور فڪر ڪن، تدبر ڪن، نہ تہ هي فارس وارا اسان جون رنون رلائي ڇڏيندا، آيت آهي ولهن مثل الذي عليهن بالمعروف يعني عورتن جا مردن مٿان بہ ايترا حق آهن جيترا عورتن مٿان مردن جا آهن، سبحان الله وبحمده، الله جو ڪلام ڪيڏو نہ جامع ڪامل ۽ مڪمل آهي جو هڪ اڌ جملي مان دفترن جا دفتر گهريلو مسئلن بابت قانون جڙي سگهن، آيت ۾ هن جملي تہ وللرجال عليهن درجہ جي معنيٰ آهي تہ عورت عدت دوران ٻي شادي نہ ڪري سگهندي، مرد تي اها پابندي ڪانهي، هاڻي آئون صرف هڪڙي حديث

هن مضمون ۾ بخاري صاحب جي وڏايان ٿو، ان جو باب بخاري صاحب بغير عنوان جي لکيو آهي ان جا بہ ڪجهہ سبب ٿي سگهن ٿا. انهن مان هڪ هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ بخاري صاحب، سرمائيدارن مٿان حديث ۾ جيڪي ڪک رکيا آهن انهن کي پنهنجي ترجمة الباب ذريعي تائيد ڪرڻ سان انهن سان تنظيمي ۽ نظرياتي واسطيداري کي لڪائڻ گهري ٿو، ان ڪري باب بغير عنوان جي لکيو اٿس حديث آهي تہ عن اسامہ عن النبي ﷺ قال قمت علىٰ باب الجنة فكان عامة من دخلها المساكين واصحاب الجد محبوسون غير ان اصحاب النار قدامر بهم الي النار و قمت علىٰ باب النار فاذا عامة من دخلها النساء يعني نبي سائين جن فرمايو تہ مون جنت جي دروازي تان بيهي ڏٺو تہ عام طور جيڪي ان ۾ ماڻهو هئا سي مسڪين هئا. باقي سرمائيدار تہ بهشت جي دروازي وٽ رسيپشن تي ئي روڪيا ويا هئا باقي دوزخي تہ هڙئي اندر پهچايل هئا يعني (گيٽ وٽ ڪوئي ڪونہ هو) ۽ آئون جڏهن باهہ جي دروازي تان بيهي اندر ڏٺم تہ ان ۾ گهڻيون مون کي عورتون نظر آيون. هيءَ حديث بخاري صاحب ۽ ان جي استاد راوين اهڙي ماحول ۾ جوڙي آهي جنهن دور ۾ ملوڪيت ۽ شاهي جبر، جاگيرداري، حڪومت مٿان قبضو ڪري چڪيون هيون ۽ انهن جي عياشيءَ لاءِ درباري عالمن، عورت مٿان جبر ۽ قهر کي شرعي تحفظ ڏئي پنهنجو سياسي ۽ معاشي مقصد حاصل ڪرڻ پئي گهريو، عورتن کي زوريءَ بخاري صاحب بدبخت بنايو آهي انما الشوم في الثلاث واري حديث ۾ بہ آئون ڪجهہ لکي چڪو آهيان، هتي مختصر نموني قرآني آيتن جي حوالن پيش ڪرڻ تي اڪتفاء ڪيان ٿو جن ۾ عورت ۽ مرد وچ ۾ نوعي ۽ عملي مساوات آهي. فضيلت ۽ فضيحت پئي سندن عملن سان ڳنڍيل آهن، ڪوئي بہ مرد هجڻ ڪري افضل ڪونهي، ڪوئي بہ عورت هجڻ ڪري بدبخت ڪونهي، سورة بني اسرائيل جي آيت نمبر ٧٠ ۾ رب سائين فرمايو تہ ولقد كرمنا بني آدم تہ هن اعلان ۾ تعظيم تڪريم مرد ۽ عورت لاءِ هڪجهڙي نموني بيان ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ڪنهن جي بہ ڪا نوعي ترجيح ۽ تخصيص ڪانهي، سورت نساء جي آيت نمبر ٣٢ ۾ ارشاد آهي تہ ولا تتمنوا ما

غور ڪرڻ سان هي حقيقت ثابت ٿئي ٿي تہ بيوس بڻايل ماڻهو ڪمزور بڻايل ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ ظالم سماج ۾ علائقي مان واڪ آئوٽ ڪري وڃي، اتي نہ رهي. اها ڌرتي ڇڏي وڃي، جي ائين نہ ڪندو تہ ظالم پنهنجي ڏاڍ سان هن کان پورهيو ۽ پيا غلط ڪم پيا وٺندا سو اهڙي حال ۾ اتي رهڻ اها بہ ظالم سان مدد ڇٽبي. ان ڪري اتاهون هجرت ڪرڻ خود هڪ قسم سان ظالم کي ڪمزور ڪرڻ برابر آهي، انهي سان ان کي ڪس لڳي ٿي، نقصان ٿئي ٿو، ڇڏي وڃڻ سان ان خلاف هڪ قسم جي پروپيگنڊه ٿئي ٿي، تہ اهڙي هجرت ۽ واڪ آئوٽ بہ جنگ جو هڪ حصو آهي، جيڪو وس آهر ڪرڻ ضروري آهي، ڪجهہ تفسيرن ۾ آيت کي مڪي جي هجرت سان ڳنڍيو آهي جيڪو غلط آهي، هي عام قسم جو نظريو آهي، جيڪو قرآن سمجهائي رهيو آهي، هجرت جي معنيٰ ۾ صرف اهو بہ ڪونهي تہ وطن واري زمين کان لڏي وڃجي، پر ان معنيٰ ۾ هي بہ آهي تہ انقلاب ۾ جا بہ شيءِ رڪاوٽ بنجي ان کي ڇڏي ڏجي، بخاري صاحب هڻ حديثن ۾ فتح مڪي کان پوءِ هجرت کي بند ڪرڻ ختم ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، جيڪو هجرت کان پوءِ لڏي ويندو ان لاءِ بخاري صاحب ٽي صورتون ڏاهيون آهن. هڪ جهاد خاطر لڏڻ ٻيو نيت خير سان لڏڻ ٽيو ڪنهن جي جبر ۽ ڏاڍ کان بچڻ لاءِ فرار ٿي وڃڻ، اهو انداز قرآن جي فلاسافي سان ٽڪر ٿو کائي، ڇو تہ انقلاب ڪو نبي سائين جي مڪي کان مديني طرف هجرت ڪرڻ ۽ پوءِ مڪي کي فتح ڪرڻ تي بند ڪونہ ٿي ويو، انقلاب سدائين آئٽا آهن، اهو سلسلو قيامت تائين جاري رکڻو آهي، بخاري ۽ فارس جا امام ڪوڙين حديثن سان انقلابن اڳيان ڪيترا بہ بند ٻڌن ٻڌي نہ سگهندا، خود سورت انفال جي آيت نمبر ٧٥ ۾ فرمايو تہ والذين آمنوا من بعد وها جروا و جاهدوا معكم فا و لائك منكم واولو الارحام بعضهم اولىٰ ببعض في كتاب الله ان الله بكل شي عليم يعني جن ايمان آندو فتح مڪي کان پوءِ، ۽ هجرت بہ ڪيائون، جهاد بہ ڪيائون توهان سان گڏجي (فتح مڪي کان پوءِ) پوءِ اهي بہ اوهان منجهان آهن (باقي صرف اڳي ۽ پوءِ جو ثواب ۾ فرق رهندو) ۽

اهي الله جي قانون مطابق متي مائٽي واري حساب سان به ورثو وٺي سگهندا. تحقيق الله هر شيءِ جو ڄاڻندڙ آهي، هن آيت ۾ ته قرآن پاڪ پڌري نموني فتح مکي کان پوءِ ايمان آڻڻ ۽ هجرت ڪرڻ لاءِ فرمائي ڇڏيو ته اهي توهان مان آهن انهن جو ايمان ۽ هجرت ٻئي قبول آهن، اصل ۾ بخاري صاحب کي خبر آهي ته سياسي طور لڏ پلاڻ ۽ واڪ آئوٽ اهي عمل ظالم حڪومتن جا ڪنڌا ئي ڪٽي ڇڏيندا، ان ڪري حديث ٺاهي مسلمانن جي متي ۾ تو هٽي ته هاڻي فتح مکي کان پوءِ هجرت بند ۽ هاڻي هجرت نه ٿيندي، لڏڻ کي فرار چئبو، ڀاڄوڪڙ سڏبو، پر سورت انفال جي مٿين آيت بخاري صاحب جي ٺاهي حديثن کي هڪ ٺي ڏڪ سان ڪاٽي ڇڏيو ۽ اها حديث سورت نساء جي آيت نمبر ٩٧ جي هن حڪم جي به خلاف آهي ته هجرت نه ڪرڻ وارن کان مرڻ کان پوءِ الله پڇاڻو ڪندو ته توهان ظالمن خلاف واڪ آئوٽ ڇو نه ڪيو، هجرت ڇو نه ڪئي، ڇا منهنجي زمين ڪا تنگ ته ڪانه هئي، انقلاب لاءِ هڪڙو علائقو موزون نه هو ته ٻئي هنڌ ان وڃي ڪم ڪجي، الم تکن ارض الله واسعة فتهاجروا فيها،

## نسل پرستي لاءِ جوڙيل حديثون

امام بخاري صاحب پنهنجي ڪتاب جي ڪتاب الاحڪام جو ٻيو نمبر باب الامراء من قريش جي نالي سان جوڙيو آهي، جنهن ۾ ٻه عدد حديثون آنديون آهن. هڪڙي حضرت معاويہ جي نالي سان ٻي حضرت ابن عمر جي نالي سان، اهي ٻئي ٻڌائين ٿا تہ رسول الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ هي خلافت ۽ حڪومت جو معاملو سدائين قريشن وٽ رهندو. حضرت معاويہ جي روايت ۾ آخري الفاظ هي آهن، تہ جيستري تائين قريش دين کي قائم رکندا، اهڙي وقت ۾ جيڪڏهن ڪو انهن جي مخالفت ڪندو تہ الله انهن کي اونڌي منهن ڪيرائيندو ۽ حضرت ابن عمر جي روايت جا آخري الفاظ آهن تہ قريشن ۾ حڪمراني رهندي توڙي جو ٻہ ڄڻا وڃي باقي بچن، آئون بخاري صاحب جي انهن ٻنهي روايتن لاءِ عرض ڪيان ٿو تہ اهي قرآن جي نظريي ۽ فلاسافي خلاف آهن، سورت بقره جي آيت نمبر ١٢۴ ۾ آهي تہ رب پاڪ حضرت ابراهيم عليہ السلام کي جڏهن فرمايو تہ اني جاعلڪ للناس اماما يعني آئون توکي انسان ذات جو اڳواڻ بنايان ٿو تہ حضرت ابراهيم عرض ڪيو قال ومن ذريتي، يعني اي رب اهو عهدو منهنجي اولاد لاءِ بہ منظور ڪيو وڃي، تہ رب سائين جواب ۾ فرمايس تہ لاينال عهدي الظالمين. اي ابراهيم منهنجي طرفان ڏنل عهدو ظالمن کي نہ ملندو. اهو ميرٽ ۽ صلاحيت تي ملنو آهي، جيڪڏهن تنهنجي اولاد مان ڪو ظالم هوندو تہ ان کي اهو عهدو ڪونہ ڏنو ويندو. سورت انبياء جي آيت نمبر ١٠٥ ۾ رب پاڪ فرمايو آهي تہ ان الارض يرثها عبادي الصالحون. يعني منهنجي ڌرتيءَ جي وراثت صلاحيت ۽ ميرٽ تي ڏني ويندي، پوءِ الله

جي انهن اعلانن کان پوءِ قرآن جي اهڙين پڌراين کان پوءِ سوال ٿي نٿو پيدا ٿئي تہ حضور ﷺ جن پنهنجي قبيلي قريش لاءِ فرمائين تہ حڪومت سدائين انهن کي ڏجو، توڙي جو دنيا ۾ بہ ڄڻا وڃي بچن. اهڙيون حديثون جڙتو ڇٽبيون، اهڙين حديثن سان حضور ﷺ جي ڪردار ڪشي ٿئي ٿي، قرآني فڪر ۽ نظريي سان ٽڪراءُ ثابت ٿئي ٿو، انهي جو ذميوار بخاري ۽ ان جا راوي استاد آهن، پيغمبر عليہ السلام ناهي، اهي نسل پرستي ۽ ذات پرستي واريون حديثون ڪوڙيون آهن.

## لها ما كسبت ولكم ماكسبتم
## سڀ ڪنهن کي پنهنجو ڪيو ڪم ايندو

باب من مات وعليه صوم وقال الحسن ان صام عنه ثلاثون رجلايوما واحداً جاز (بخاري ڪتاب الصوم)

بخاري صاحب هن باب ۾ حسن بصري جي قول سان ڳالهه ڪئي آهي تہ جيڪڏهن فوتي جي طرفان هڪ ئي ڏينهن ٽيهہ ماڻهو روزو رکندا تہ اهو جائز ٿي ويندو. بخاري صاحب لاءِ مشهور آهي تہ فقهہ البخاري في تراجمہ يعني امام بخاري جا فقهي مسئلا. استدلال ۽ استنباط سندس ڪتاب جي عنوانن ۾ هوندا آهن. جنهن کي ترجمة الباب چيو ويندو آهي. تہ بخاري صاحب هن عنوان ۾ باب جي سرخي ۾ پنهنجو فقهي مسلڪ هي ثابت ڪيو تہ روزي جي عبادت هڪڙي بدران ٻيو ڪري سگهي ٿو. ٻانهيءَ مسلڪ کي ثابت ڪرڻ لاءِ ٻہ عدد حديثون بہ تائيد ۾ آنديون اٿس. پهرين حديث بي بي عائشہ جي نالي سان روايت ڪئي اٿس تہ حضور جن فرمايو تہ جيڪڏهن ڪوئي شخص مري وڃي ۽ ان تي روزا رهيل هجن تہ ان جو وارث ان جي پاران روزا رکي. الفاظ هي آهن من مات وعليہ صيام. صام عنه وليه ۽ ٻي حديث پهرينءَ کان ڊگهي آهي جنهن ۾ بہ ٽي روايتون اچي ويون آهن جيڪي حضرت ابن عباس کان مختلف الفاظن سان ٽن چئن قسمن سان روايت ڪئي وئي آهي. تہ هڪ عورت نبي سائين جن وٽ آئي جنهن عرض ڪيو تہ يا رسول الله منهنجي ماءُ فوت ٿي وئي آهي ان تي مهينو روزن جو رهت آهي. ڇا آئون ان جي طرفان رکي ٿي سگهان پاڻ ڪريمن فرمايس تہ هائو فدين الله احق يعني الله جي قرض لاهڻ جو تہ وڌيڪ حق آهي.

هٿ ڪري سگهندو، غريب غربي جي حاجت ڪانهي، بهرحال بخاري جو فقهي مسلڪ ۽ مختلف روايتن واريون حديثون قرآن حڪيم جي مٿي ڄاڻايل آيتن جي خلاف آهن، ان ڪري اهي ڪوڙيون آهن، ڪوڙيون آهن، قرآن سچو آهي، ان جي مخالفت واري هر شيءِ ڪوڙي قرار سمجهڻ گهرجي.

ماٿيون سوال بہ ڪيو ۽ جواب بہ اوهان پڙهي چڪا، جنهن ۾ جڻ هٿ وٺي فحاشي کي هٿ ڏني پئي وڃي، جيڪا قرآن حڪيم جي فلاسافي جي سراسر ابتڙ آهي، پڙهي ڏسندا سورت نساء آيت نمبر پندرهن جنهن ۾ حڪم آهي تہ اوهان جي عورتن مان جيڪي فحاشي جي ڪمن جون مرتڪب ٿين تہ ثابتي لاءِ چئن شاهدن کان شاهدي ملي وڃي تہ پوءِ انهن کي سزا طور گهرن ۾ بند رکو، هاڻ انهن جي ٻاهر نڪرڻ تي بندش لاڳو ڪئي وڃي تہ هن آيت ۾ جنهن فحاشي جو ذڪر آهي اهازنا ناهي، ڇو تہ ان لاءِ تہ قرآن جو حڪم ماة جلده يعني سئو لڪڻ جي سزا مقرر آهي تہ هتي زنا ڏي ويجهو ڪندڙ شيون چمي ٻاڪر يا اهڙي قسم جي گفتگو وغيره مراد آهي تہ قرآن ان جي ازالي لاءِ نہ بہ رڪعتون نماز ڏسي آهي نہ ئي ان کي ڪو پنهنجي آيت ان الحسنات سان ڳنڍيو آهي، ان لاءِ تہ مستقل سزا ٻڌائي آهي تہ ان کي بند ۾ رکيو وڃي، حديثون ٺاهيندڙ عجمي امامن ۽ امام مسلم قدس سره پنهنجي ڪتاب التوبہ ۾ گناهن خلاف توبہ ڪرڻ جي تصور ۽ عمل سان وڏي مذاق ڪئي آهي، پهريائين ان جي هڪ جهلڪ ڏسو پوءِ قرآن کان پڇنداسون تہ اهو توبہ بابت ڪهڙو تصور ۽ طريقہ ڪار ٿو ڏسي تہ اوهان هن مضمون جي اندر آندل پهرين حديث بہ پڙهي آهي، هاڻي هي بہ پڙهندا، عن ابي هريرة عن النبي ﷺ فيما يحڪي عن ربه عزوجل قال اذنب عبد ذنبا قال اللهم اغفرلي ذنبي فقال تبارڪ و تعاليٰ اذنب عبدي ذنبا علم ان له ربا يغفرالذنب ويا خذبالذنب ثم عاد فاذنب فقال اي رب اغفرلي ذنبي فقال تبارڪ و تعاليٰ عبدي اذنب ذنبا فعلم ان له ربا يغفرالذنب ويا خذبالذنب ثم عاد فاذنب فقال اي رب اغفرلي ذنبي فقال تبارڪ و تعاليٰ اذنب عبدي ذنبا فعلم ان له ربا يغفر الذنب ويا خذ بالذنب اعمل ماشئت فقد غفرت لڪ يعني ٻانهو گناہ ڪري ۽ چوي ٿو تہ اي الله بخش ڪر گناہ منهنجو پوءِ الله سائين چوي ٿو تہ منهنجي ٻانهي گناہ ڪيو آهي ۽ هو ڄاڻي ٿو تہ ان جو بہ پالڻهار آهي جيڪو گناہ بخشي بہ ٿو ۽ ان تي پڪڙ بہ ڪري ٿو، پوءِ وري وڃي گناہ ڪري ٿو پوءِ وري چوي ٿو اي منهنجا رب معاف ڪر منهنجو گناہ بہ

اذاحضر احدهم الموتِ قال اني تبت الآن ولا الذين يموتون وهم كفاراولائک اعتدنالهم عذابا اليما يعني انهن ماڻهن جي توبه قبول ٿي ڪانهي جيڪي گناهه ڪندا ٿي رهن تا ۽ مرڻ ويجهو اچي پوءِ چون ٿا ته اني تبت الآن آئون هاڻي ٿو معافي گهران توبه ڪيان، انهن جي ۽ ڪفر جي حالت ۾ مرڻ وارن لاءِ توبه جي قبوليت جي ڪابه ڳالهه ڪانهي انهن لاءِ دردناڪ عذاب تيار آهي.

## بي بي صفيہ سان شاديءَ جو قصو

محترم ناظرين ۽ پڙهندڙ پائرو! بخاري صاحب جي ڪتاب جامع جنهن جو نالو صحيح بخاري سان مشهور ڪيل آهي، ان ۾ آندل خلاف قرآن روايتن کي آئون هت اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان لکي رهيو آهيان. صرف هن لاءِ تہ اوهان انهن تي پڙهڻ کان پوءِ غور ڪيو تہ هنن اهل فارس وارن ڪيئن نہ قرآني هدايتن کان انسانن کي پري رکڻ سان گڏوگڏ ڪوڙيون حديثون ٺاهي حضور سرور ڪائنات ﷺ جي ذات اقدس ۽ عزت مآب شخصيت کي ڪيئن نہ نعوذبالله معاذالله داغدارڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان جي پاڪ ۽ نوراني سيرت تي ڪوڙيون ڳالهيون مڙهي دنيا وارن اڳيان سندن شان گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اهو سڀڪجهہ هتي نقل ڪرڻ ۽ لکڻ ڏاڍو مشڪل ۽ الوٽندڙ ٿو لڳي پردل تي پٿر رکي صرف ۽ صرف هن خاطر ائين پيو ڪيان. جنهن ذريعي سورت اعراف جي آيت نمبر ٣ اتبعوا ماانزل اليکم ولاتتبعوا من دونه اولياء جي معنيٰ ۽ مصداق اوهان کي سمجهہ ۾ اچي سگهي، جيڪا معنيٰ هي آهي تہ تابعداري ڪيو ان شيءِ جي جيڪا اوهان جي طرف نازل ڪئي وئي آهي (يعني قرآن جي) ۽ نہ تابعداري ڪيو ان کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ جي ان کي دوست ۽ سڄڻ سمجهي، دوستو! دنيا جي مشهور اصول مطابق تہ نقل ڪفر ڪفر نباشد جي روشني هيٺ بخاري صاحب جو فقهي مسلڪ ۽ ان جي تائيد واري حديث لکان ٿو جيڪا سندس جامع جي باب نمبر ١٣٨٥ ڪتاب البيوع ۾ آندل حديث نمبر ٢٠٨٢ آهي، باب آهي باب هل يسافر بالجارية قبل ان يستبرئها ولم يرالحسن باسا ان يقبلها او يباشرها وقال ابن عمر

رضي الله عنهما اذاوهبت الوليدة التي توطاء اوبيعت اوعتقت فليستبرا رحمها بحيضة ولاتستبرا العذراء وقال عطا لاباس ان يصيب من جاريته الحامل من دون الفرج وقال الله تعاليٰ الا علي ازواجهم اوما ملكت ايمانهم آئون مناسب سمجهان ٿو ته بخاري صاحب جي باب واري موقف ۽ مسلڪ جي ڀرپور تشريح ڪجي، پوء ان باب ۾ جيڪو سندس فقهي موقف ۽ نقطہ نظر آهي ان کي واضح ڪجي پڌرو ڪجي، پوء ان جي تائيد ۾ جيڪا حديث آڻي ان سان هڪ طرف پنهنجي فقهہ کي سچو ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، اها سمجهہ ۾ اچي وڃي، ٻئي طرف ناموس رسالت جي جيڪا هتڪ عزت ڪري ٿو پڙهندڙ ان بابت به پنهنجي راء ڏين، فيصلو ڏين، ڇاڻ گهرجي ته جمهور علماء محدثين جو هي قول آهي ته فقهہ البخاري في تراجمہ يعني بخاري صاحب جو پنهنجو فقهي نظريو، نقطہ نظر موقف ۽ رايو اهو هوندو آهي جيڪو هو حديثن کان اڳ ۾ عنوان طور سرخي ۾ هيڊنگ طور لکندو آهي ۽ ان ترجمة الباب ۽ عنوان هيٺ جيڪا حديث لکندو آهي اها سندس فقهي نظريي جي ڇوڻ ته ثبوت ۽ دليل مثل هوندي آهي. بخاري صاحب ترجمة الباب جي عبارت ۾ هن ڳالهہ کي پڌرو ڪرڻ گهري ٿو ته ڪوبہ شخص پنهنجي ٻانهيءَ سان سفر دوران جماع ڪري سگهي ٿو يا نہ، هن کان اڳي جو ان ٻانهي کي اڳئين مڙس جي جدا ٿيڻ يا قتل ٿيڻ کان پوء ڪو خاص عرصو به نہ گذريو آهي، بخاري صاحب جي پنهنجي مادري ٻولي ته فارسي آهي انهي هوندي به هو عربي ٻوليءَ سان ڏاڍ مڙسي ڪندي يسافر جي لفظ کي جماع جي معنيٰ ۾ آڻي پنهنجا اندروني ويچار لڪائڻ جي ڪوشش پيو ڪري ۽ فرمائي ٿو ته ان ٻانهي کي اڳئين مڙس جي جدا ٿيڻ کان پوء عدت جو ميعاد به پورو نہ ٿيو آهي ته اهڙي صورت ۾ ماٺهو ڇا ڪري، ان لاء حسن بصري جو قول بيان ڪندي لکي ٿو ته ان جي فتويٰ مطابق ان کي چمي ڏيڻ جائز آهي ۽ مباشرت ڪرڻ بہ، وري انهيءَ کان پوء صحابيءَ رسول مٿان ڪوڙ مڙهيندي چوي ٿو ته ابن عمر رضي الله عنه چوي ٿو ته جڏهن ڪا پيٽ ڄائي، جنهن کي جماع بہ ڪيو ويندو هجي، يعني همبستري به ڪئي

ويندي هجي، اهڙي کي جڏهن سوڪڙي طور ڏنو ويو هجي، يا ان کي وڪرو ڪيو ويو هجي، يا آزاد ڪيو ويو هجي، ته ان جي استبراء رحم يعني عدت جو مدو هڪ ماهواري هوندو ۽ ڪنوارين لاءِ اهڙي صورت ۾ ڪوبه مدو عدت لاءِ ڪونهي، انهيءَ کان پوءِ عطا جو قول امام بخاري صاحب بيان ڪري ٿو ته ان فرمايو آهي ته ٻانهي جيڪڏهن حمل سان آهي يعني پيٽ سان آهي ته ان کي فرج کان سواءِ ٻئي ڪنهن به ٻئي ذريعي جماع ڪري سگهي ٿو، آخر ۾ امام بخاري صاحب الله سائين جو قول به آڻي ٿو ته الاعلي ازواجهم اوما ملڪت ايمانهم من ترجمة الباب ۾ ڀهريائين هي سمجهڻ گهرجي ته بخاري صاحب شروعاتي سوال هنن لفظن سان لکيو آهي ته هل يسافربالجارية قبل ان يستبرئها جنهن جي اصل معنيٰ آهي ته ڇا ٻانهي سان ڪو شخص عدت گذرڻ کان اڳي سفر ڪري سگهي ٿو ته سفر ڪرڻ جي ته ڪٿي به منع ۽ روڪ ڪانهي، اڳتي پاڻ بخاري صاحب ان صورتحال کي مختلف شخصيتن جا قول آڻي انهن مان چڻ ته پنهنجي اندر جو سوال ظاهر ڪري ٿو ڇڏي ته ڇا ڪو شخص ٻانهي سان عدت گذرڻ کان اڳي جماع ڪري سگهي ٿو يا نه. ته هاڻ اسان سوال ڪرڻ جو حق رکون ٿا ته جماع جي لفظ لاءِ بخاري صاحب سفر جو لفظ ڪتب ڇو آندو؟ ڪنهن لاءِ آندو؟ ڇا هي امام صاحب اهڙي لڪ لڪوٽي ۾ ڪنهن وڏي شخصيت ۽ هستيءَ خلاف الزام تراشي ۽ تبراجي ريهرسل ته ڪونه پيو ڪرائي؟ چڱو ڀهريائين ترجمة الباب ۾ هڪ اصحابيءَ رسول ۽ پيو الله تي لڳايل الزام ۽ ڪوڙ جي اصليت کوليون، پوءِ ڪير ڪير ٿيندو پاڻي پاڻي ٿيندو، ان بابت عرض آهي ته عورت جي استبراء رحم لاءِ پوءِ اها ٻانهي هجي يا آزاد هجي قرآن حڪيم عدت مقرر فرمائي ڇڏي آهي، اها آهي طلاق ڏنل عورت ٽي ماهواريون انتظار ڪري ۽ مڙس مري ويل عورت چار مهينا ڏهه ڏينهن عدت جا گذاري ته پوءِ انهن جو استبراء رحم ٿيندو هاڻ اسان امام بخاري ۽ ان جي همنوائن کان ادب سان سوال ڪيون ٿا ته ڇا حضرت عبدالله بن عمر جهڙي شخصيت کي قرآن حڪيم جي مسئلن جي ايتري به ڄاڻ ڪانه هئي ڇا جو انهن جي پاران پاڻ بخاري صاحب

اهي اهي شخص آهن جيڪي پنهنجي اگهڙن جي حفاظت ڪندڙ هوندا ۽ اڳتي فرمايائين تہ الاعلیٰ ازواجهم اوماملڪت ايمانهم يعني سواءِ پنهنجي گهر وارين جي ۽ انهن زالن جي جيڪي انهن وٽ ٻانهين مان آهن، انهن کان سواءِ، ڪنهن جي بہ ويجهو نہ هوندا تہ ٺڪ ڪري بخاري صاحب استبراء رحم جي هٿ ٺوڪي سفر جي صورت گهڙي، مسئلو اهڙو تہ فقهي ڪورس اندر وڌائي ڏنو جو جيڪڏهن استبراء رحم ۾ مائيءَ کي حمل هجڻ ڪري ڪا رڪاوٽ هجي تہ فرج ڇڏي ڪنهن ٻئي پاسي ڏانهن بہ اچي وڃي سگهي ٿو. آئون اهل علم کي اهل ڪيان ٿو، منٿ ڪيان ٿو پنهنجي گستاخين جي معافي ونندي ادب سان عرض ڪيان ٿو تہ اوهان پنهنجي گهرن ۾ رکيل ترجمي وارا قرآن شريف جا نسخا کولي ارڙهين سيپاري ۾ سورت مؤمنون جو منڍ پڙهي ڏسو ڇهين نمبر تي اها آيت الاعلیٰ ازواجهم اوماملڪت ايمانهم پڙهي غور ڪيو. فيصلو ڏيو تہ بخاري صاحب جي فقهي اجتهاد لاءِ انهيءَ آيت مان استنباط ۽ استدلال ڪرڻ. ڪيتري قدر صحيح آهي ۽ جڏهن تہ ان مهل اوهان سورت محمد جي آيت نمبر ۴ کي بہ سامهون رکندا تہ فامامنا بعد وامافداء حتي تضع الحرب اوزارها يعني جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ هٿ آيل جنگي قيدين کي احسان طور آزاد ڪيو يا ڪوئي هرجانو، فديو وٺي آزاد ڪري ڇڏيو، هر صورت ۾ آزاد ڪرڻو آهي، قيد ۽ غلاميءَ جي قرآن ۾ ڪابہ اجازت ڪانهي تہ پوءِ بخاري صاحب جيڪو تقريباً ٻہ سئو سال پوءِ ڄائو آهي انهيءَ کي ڪهڙو حق پهچي ٿو جو قرآني فلسفي خلاف غلاميءَ جا اسڪول کولائي ۽ پنهنجي فقهي ايجادن ذريعي وري ٻانهين سان فرج بدران ٻئي رستي غير فطري زنائون ڪرڻ جون واٽون پنڌ پيو اسلام جي کاتي ۾ شامل ڪري، بلڪہ رسول جي کاتي ۾ بہ. نوٽ: هاڻي آئون بخاري صاحب پنهنجي فقہ ثابت ڪرڻ لاءِ تائيد خاطر ٻين جي کلهي تي بندوق رکي جنهن عياشي ۽ فحاشيءَ کي ماوراءِ النهر ۽ فارس کان اسلامي انقلاب وارين مرڪزي رياستن ۾ ايڪسپورٽ ڪري تهذيب مٿان راتاهو هنيو آهي ان تي تبصرو پورو ڪري وري ان حديث بابت بہ اکر لکان ٿو جيڪا بخاري صاحب

پنهنجي فقهہ کي ميڃائڻ ۽ اڳڀائڻ لاءِ گهڙي آهي، حقيقت هي آهي تہ لکڻ مهل دل ڏکي ٿي ۽ شرم وچان قلم ۽ هٿ ساٿ نٿا ڏين جو ڪائنات جي هيڏي وڏي انقلابي رسول جنهن پهريائين پنهنجي زندگيءَ ۾ حجاز جي فيوڊل سماج کي ختم ڪري جاگيرداري سرداري ختم ڪرائي ۽ دنيا مان ٻن وڏين بادشاهتن کي ڏاهڻ جو سنگ بنياد وڌو ۽ انهن بادشاهن ڏي خط لکيا تہ اوهان پنهنجي رعيتن جي پورهيتن جي پورهيي مٿان قبضا ڪرڻ ختم ڪيو. انهن کي جبري نموني غلام بنائي رکڻ بند ڪيو، هاڻ قيصريت ۽ ڪسرويت جا ڏهڪا نہ هلندا، هاڻي عوامي جمهوريتن جو دور اچي ٿو هاڻي ڪو ٻڪرار بہ عوامي ميٽنگ ۾ جلسي ۾ اٿي بيهي فاتح قيصر ۽ ڪسريٰ اميرالمؤمنين ۽ خليفتہ المسلمين کي چئي سگهندو تہ ايتري تائين تنهنجي فرمانبرداري نہ ڪنداسين جيتري تائين هي نہ ٻڌائين تہ تو پنهنجي قميص جو ڪپڙو ڪٿان آندو؟ ڪيئن حاصل ڪيو؟ روايت ڪيل حديث جا الفاظ هي آهن، عن انس بن مالک قال قدم النبي ﷺ خيبر فلما فتح الله عليہ الحصن ذکرله جمال صفية بن حي بن اخطب وقد قتل زوجها وكانت عروسا فاصطفاها رسول الله لنفسه فخرج بها حتي بلغنا سد الروحا حلت فبني بها ثم صنع حيسافي نطع صغير ثم قال رسول الله ﷺ ائذن من حولک فکانت تلک وليمة رسول الله ﷺ علي صفية ثم خرجنا الي المدينة قال فرايت رسول الله ﷺ يحوي لهائه بعبائة ثم يجلس عند بعيره فيضع رکبته لتضع صفيہ رجلها علي رکبتيه حتي ترکب هي روايت بخاري صاحب ڪتاب البيوع ۾ لکي آهي تہ اها ساڳي حديث بخاري صاحب ڪتاب المغازي ۾ عبارت جي ڦيرڦار سان ۽ گهٽ وڌائي سان پنهنجي معمول مطابق مختلف فقهي مسئلا ثابت ڪرڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ ۽ تڪرار سان آندي آهي فتح خيبر جي باب ۾ ۽ ان کان سواءِ ٻين بابن ۾ مختلف مناسبتن سان بہ آندي آهي حديث جو خلاصو هي آهي تہ جڏهن نبي ﷺ خيبر آيا ۽ قلعو فتح ڪيائون تہ سائن (جنگي قيدين مان) صفيہ جي سونهن ۽ جمال جي واکاڻ ڪئي وئي ۽ ان جو مڙس بہ جنگ ۾ قتل ڪيو ويو هئو. مائي جي تازي ڪا شادي ٿي هئي سو صفيہ ڪنوار واري لباس ۾ هئي پيغمبر اها

يعني عنوان ۾ جن مسئلن کي کنيو آهي تہ ٻانهيءَ سان ڪو شخص ان جي استبراءِ رحم کان اڳ ۾ سفر ۾ جماع ڪري سگهي ٿو يا نہ انهيءَ عنوان هيٺ بخاري صاحب هڪ ڳالهہ هيءَ ثابت ڪري ٿو تہ صفيہ جنهن کي نبي سائين ٻانهي بنائي شريڪ سفر ڪيو آهي اها روحا واري بند تائين ٻانهي آهي، اتي ان سان صحبت ڪرڻ جو ذڪر حديثن ۾ آئين ٿا. پر باقائدي نڪاح جو تفصيل ۽ مجلس نڪاح جو بخاري جي روايتن ۾ ڪونهي صرف هي سوال جواب آهي تہ نبي سائين جن مائي صفيہ کي مهر ۾ ڇا ڏنو؟ ان جي جواب ۾ هي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي تہ ان کي آزاد ڪرڻ کي، مهر جي رقم ۾ بدلو قرار ڏنو ويو. اها گفتگو ۽ سوال جواب بہ سفر وارا قافلي جا شريڪ مديني پهچڻ کان اڳ ۾ پاڻ ۾ ڪن ٿا. انهيءَ مان هي بہ ثابت ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن نڪاح جي ڪا مجلس ٿي بہ آهي تہ قافلي وارا بہ سڀ جو سڀ ان کان بي خبر آهن، ان ڪري پاڻ ۾ چميگويون ۽ پڇارون ڪن پيا تہ صفيہ ام المؤمنين آهي، الائي نبي سائين جي ٻانهي آهي، پوءِ پاڻ ۾ هي نشاني پاس ڪيائون تہ جيڪڏهن پردي سان ويهاريائونس تہ پوءِ ام المؤمنين سمجهجو ۽ جي بنا پردي جي ويٺي تہ پوءِ ٻانهي سمجهبي، پوءِ قافلي هلڻ مهل صفيہ کي پردي سان اٺ تي ويهاريو ويو هو. بخاري صاحب ڪتاب المغازي جي باب خيبر ۾ حضرت انس جي روايت آندي آهي تہ خيبر کان مديني واپسي مهل رستي ۾ ٽي ڏينهن ترسي پيا جن ۾ صفيہ سان شادي ڪيائون بهرحال روايتون گهٽيون ۽ قصا ڏکيا آهن، آئون هت صرف هيءَ عرض ڪرڻ گهران ٿو تہ بخاري صاحب ۽ ان جي استاد راوين هيءَ ڪوڙگهڙي حديث جي نالي سان حضور ﷺ جن جي انقلاب کي عياشين ۽ عورتن کي ٻانهيون بنائڻ جي خبرن سان بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ۽ حيلا ڪيا آهن، چاڻ گهرجي تہ نبي سائين جي گهر وارين مان ٽي عدد زالون ٻانهيون مشهور آهن هڪ صفيہ ٻي جويريہ ٽين ماريہ آئون هت صرف صفيہ بابت عرض ڪري رهيو آهيان تہ ان متعلق هر قسم جون حديثون ڪوڙيون آهن، جنگ خيبر ۾ نبي سائين نہ ان کي حاصل ڪيو آهي نہ قيدي بنايو آهي نہ شادي ڪئي آهي نہ ئي صفيہ نبي سائين جي

گهر وارين مان ڪا نبي سائين جي زال آهي. جيڪڏهن حديثن جي تفصيل ۽ بيان مطابق اسان صفيه بابت حديثن کي هڪ منٽ لاءِ به قبول ڪنداسين ته پوءِ حضور جن لاءِ هي ثابت ٿي ويندو يا ميڄو پوندو ته انهن پاڻ قرآن جي حڪم کي قبول نه ڪيو. ان تي عمل نه ڪيو. ان جي خلاف ورزي ڪيائون. اهو حڪم هي آهي ته ما کان لنبي ان يکون له اسريٰ حتي يثخن في الارض تريدون عرض الدنيا والله يريد الآخرة و الله عزيز حڪيم سورت انفال آيت نمبر ٦٧ يعني پيغمبر کي ڪوبه اختيار ۽ اجازت ناهي جو (لڙاين ۽ جنگين ۾) ڪنهن کي قيدي بنائي حتي يثخن في الارض جيتري تائين ماحول تي پورو ڪنٽرول قائم ٿئي قيدي ۽ غلام بنائڻ مان توهان دنياوي مفاد گهرو ٿا الله کي انجام ۽ آخرت پسند آهي الله غالب ۽ حڪمت وارو آهي. يعني سياسي استحڪام کان اڳي دشمن کي ڪابه رعايت ناهي ڏيڻي صرف ۽ صرف دشمن جو ڪنڌ ڪپڻو آهي ۽ جڏهن توهان جو اقتدار ۽ حڪومت مضبوط ٿي وڃي ته پوءِ جنگي قيدي بڻائي سگهو ٿا. پر انهن لاءِ به هن ڳالهه جي اجازت ناهي ته انهن کي اوهان غلام بڻائي رکو. انهن لاءِ حڪم آهي ته انهن کي آزاد ڪري ڇڏيو. پوءِ ان ۾ اوهان مرضيءَ وارا آهيو ته انهن کي احسان طورمفت ۾ آزاد ڪيو يا ڪوئي هرجانو ۽ فديو وٺي پوءِ آزاد ڪيو. هر حال ۾ آزاد ڪرڻو آهي. غلاميءَ جو رواج ختم. پڙهي ڏسو فاذا لقيتم الذين ڪفروا فضرب الرقاب حتيٰ اذا اثختموهم فشدوا الوثاق فاما منا بعد وامافداء حتي تضع الحرب اوزارها سورت محمد آت نمبر ۴ هونئن ماريه ۽ جويريه جي نبي سائين جن جي حرمن ۾ گهر واريون هجڻ جو به مٿين آيتن جي آڌار تي آئون انڪار ڪيان ٿو ۽ رد ڪيان ٿو. ايا واڌاري دليل جيڪڏهن انهن جي شادين سان متعلق حديثن بابت ڪجهه لکيم ته ان موقعي تي عرض ڪندس ته هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو ته پيغمبر ﷺ جن پاڻ قرآن تي عمل ڪري ڏيکاريو يا ڪونه؟ جيڪڏهن انهن قرآن تي عمل ڪري ڏيکاريو آهي ته پوءِ يقيناً فارس وارن انقلاب دشمنيءَ وچان هي ڪوڙ گهڙيا آهن. ۽ انقلاب دشمن سان ٿيل جنگين کي عياشي ۽ زنا ڪرڻ ۽ سهڻيون عورتون هٿ

ڪري انهن جي عصمت دري ڪرڻ، انهن جي واپار کي پيشو بنائڻ، جنگ جي مقصدن مان ڳڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهي ڳالهہ جي ثبوت لاءِ منهنجي انهيءَ دعويٰ ۽ الزام جي ثبوت لاءِ بخاري صاحب جي هن حديث پڙهڻ بعد غور ڪندا، پڙهندا ۽ فيصلو اوهان پاڻ ڏيندا تہ حقيقت ڇا آهي، ڪتاب المغازي جي باب غزوة بني المصطلق من خزاء جي پهرين حديث ۾ بخاري صاحب ابن محيريز کان روايت بيان ڪري ٿو تہ ان نبي جي صحابي ابو سعيد خدري کان سوال ڪيو تہ عزل ڪرڻ بابت اوهان جو ڇا خيال آهي (عزل معنيٰ انزال وقت عورت جي اگهڙ ۾ ڇنڊڻ بدران ٻاهر ڪڍي ڇاڻو ڪرڻ) جواب ۾ ابو سعيد خدري چيو تہ اسان نبي سائين سان غزوه بني مصطلق جي لڙائيءَ ۾ گڏ وياسين فاصبنا سبيامن سبي العرب فاشتهينا النساء واشتدت علينا العزبة و احببنا العزل يعني اتي بنو مصطلق وارن جون عربياڻون مايون قيد ڪيون سين ۽ اسان کي بہ مايون ڏسي شهوت وڌي پئي پوءِ شهوت جي غلبي سبب اسان چاهيو تہ عزل ڪيون ۽ سوچيوسون عزل تہ ڪيون ٿا پر رسول الله اسان سان شريڪ سفر آهي، ڇو نہ انهيءَ کان عزل بابت مسئلو پڇون تہ اهو جائز آهي يا نہ سو انهن جي خدمت ۾ وڃي سوال پڇيوسون تہ جواب ۾ فرمايائون ماعليڪم ان لاتفعلوا مامن نسمة ڪائنة الي يوم القيامة الاوهي ڪائنة يعني عزل ڪيو يا نہ ڪيو جنهن کي دنيا ۾ پيدا ٿي اچڻو آهي اهو اچي ڪري رهندو، بخاري صاحب انهيءَ ساڳي حديث کي ڪتاب البيوع جي باب بيع الرقيق ۾ ڪجهہ مٽ الفاظن سان بہ آندو آهي، جنهن مان دنيا وارا ماڻهو اهي حديثون پڙهي رسول الله جي جنگين ۽ جهاد جي مقصد کي اهڙين ئي سمجهندا جيئن هن فارسي امامن جو خيال آهي، اتي بہ ابن محيريز ابو سعيد خدري کان روايت ڪري ٿو تہ يا رسول الله انا نصيب سبيا فنحب الاثمان فڪيف تري في العزل فقال اوانڪم تفعلون ذالڪ لاعليڪم ان لاتفعلو نا ذالڪم فانها ليست نسمة ڪتب الله ان تخرج الاهي خارجة يعني سوال ڪرڻ وارو چوي ٿو تہ اسان قيدي عورتن کي مهانگي اگهہ تي وڪڻڻ چاهيون ٿا ۽ اهو ملي ٿو ڪنوارين تي سو جيڪڏهن اسان انهن قيدي عورتن سان جماع ڪيون

۽ انهن کي پيٽ تيڻ کان بچڻ لاءِ ۽ خريدار کي ڪنوارپ جي ساک پت ڏئي استعمال ڪيل عورت ڪنواري ميرائي سنو اگهہ ۽ ملهہ وٺون. انهي لاءِ عزل ڪرڻو ٿو پوي، يعني ڇاٽو ٻاهر ڪرڻو ٿو پوي، اهو جائز آهي يا نہ؟ هاڻي ٻڌايو تہ پيغمبر جواب ۾ ڪوڙي ڪنوارپ تي ڪابہ تنقيد ۽ تبرو ڪونہ ٿو ڪري صرف اهو جواب ڏئي ٿو تہ عزل ڪيو يا نہ ڪيو جنهن کي جمڻو آهي اهو جمي رهندو، انهي صورتحال ۾ پيغمبر مٿان الزام اچي ٿو وڃي تہ اهي انهي سموري ڪاروهنوار ۾ راضي ۽ شريڪ آهن. جڏهن تہ حقيقت هي آهي تہ جنگين ۽ لڙاين جو ماحول شهيد ٿيل ساٿين جي وڇوڙي تي غمزده هوندو آهي، انهن جي جدائي تي پريشان ۽ ڏکويل هوندو آهي لڙائيءَ ۾ زخمي سپاهين، جنگهون ٻانهون ڪپيل سپاهين جي زخمن سبب روح راڙي جو ماحول هوندو آهي. بخاري صاحب ۽ ان جا مڙيئي راوي استاد ڪوڙ تا ڳالهائين تہ اتي هو عورتن جا ولر قيد ڪري، وري انهن سان زنائون ڪري، وري انهن کي ڪنواريون ڏيکاري انهن جو واپار ڪندا هئا. جيڪڏهن هن بخاريءَ ان جي استادن جون اهي حديثون قبول ڪيون تہ پوءِ مٿي بيان ڪيل آيت ماڪان لنبي ان يکون له اسري کي ڪاڏي ڪيو ويندو بخاري تہ نبيءَ کان قيدياڻي عورتن سان زنا ڪرڻ ۽ عزل ڪرڻ جي جائز هجڻ جون فتوائون پيو جاري ڪرائي، انهي بخاري جي ڪتاب جو نالو صحيح بخاري رکيو اٿن، انهيءَ بخاري کي قرآن کان ٻئي نمبر تي صحيح تا سڏين، انهي بخاريءَ جا بہ ٽيهہ سيپارا ٺاهيا اٿن. اصل انهن جو منصوبو آهي تہ ماٺهو قرآن طرف ڏيان ڏيڻ بدران بخاريءَ کي سڀ ڪجهہ سمجهن ۽ مدرسن وارن مولوين اڄڪلهہ شاگردن کي بخاري پڙهائڻ کان پوءِ ختم بخاري نالي جشن ملهائڻ جا جلسا ڪوٺائڻ شروع ڪيا آهن، جڏهن تہ اهي بخاري پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارا قرآن جي سمجهي پڙهڻ پوري ڪرڻ جو ڪڏهن بہ جشن ڪونہ ملهائيندا شايد مون غلط جملو استعمال ڪيو هي تہ قرآن پڙهڻ ۽ سيکارڻ کان ئي پري آهن، پوءِ هي قرآن جي سکڻ تي جشن ڇو ملهائيندا. هاڻي تہ مولوي صاحبان ماڻهن کي مشڪلاتن جي حل ڪرائڻ لاءِ بخاري جا ختم ڪيرائڻ جا مشورا

ڏيندا آهن پنهنجي عاقل تعلقي ۾ هاليجي درگاهه وارن اتي فوجي ڇانوڻي قائم ٿيڻ کي سنڌ لاءِ مصيبت قرار ڏيئي ان جي حل لاءِ عالم سڳورا گهرائي بخاري جو ختم پورو ڪرايو. ختمن سان ڪٿي انقلاب ڪونه ايندا آهن. سو ڇانوڻي جي مصيبت تہ ڪانہ ٽري سگهي، ڇانوڻي ٺهي وئي، پر درگاهه وارا ان ڪان پوءِ ڇانوڻي وارن ڪان نذرانن ۾ ملندڙ ڇيلا ۽ دعوتون پيا وصول ڪندا رهن ٿا.

هونئن هن ڪتاب جو موضوع تہ مون هي مقرر ڪيو آهي تہ دشمن طرفان قرآن کي ماڻهن کان ڪسي ٻيو غير قرآني بلڪہ قرآن جي فلسفي جي ضد ۾ جيڪو ماڻهن کي مجوسي يهودي يا عيسائي مذهب پنيان هلايو وڃي پيو ۽ انهيءَ سازش کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ جيڪي مجوسي عيسائي ۽ يهودي ماڻهو مسلمان سڏائي اسلام ۾ داخل ٿيا. پوءِ انهن حديث جي علم جي نالي سان اسرائيليات ۽ اهل فارس جي ڪلچر ۽ ثقافت کي حديث جي تائيد سان اسلام جو نيو هڻي مسلمانن کي پنهنجي دين کان محروم ڪرڻ جي زيرزمين تحريڪ هلائيندا اچن پيا. انهن جي اهڙين علمي رڪاوٽن حرڪتن کي قرآن جي روشنيءَ ۾ ڪوڙو ثابت ڪيان ۽ مسلمانن جي سمجهدار ۽ اهل علم طبقي جي خدمت ۾ اپيل ڪيان تہ قرآن ڏي وري موٽي اچو ٻين هترادو علمن ذريعي اسان کان قرآن ڪسيو ويو آهي، ان جون معنائون غلط ڦهلايون ويون آهن، ان ڪري اچو تہ قرآن جي احڪامن کي، قرآن جي سمجهائين سان پڙهون ۽ سکون. قرآن پنهنجي سچائي ۽ الله جي ڪلام هجڻ جو هڪڙو تمام پيارو. چئلينج جهڙو ثبوت ڏنو آهي، اهو هي تہ لوڪان من عند غير الله لوجدوا فيہ اختلافا ڪثيرا يعني هي قرآن جيڪڏهن خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو ڪلام هجي ها، ان ۾ ڪوڙ سارا اختلاف ۽ تضاد هجن ها. مون مٿي امام بخاري جي پيش ڪيل حديث جنهن ۾ جنگ خيبر جي موقعي تي نبي سائينءَ کي بي بي صفيہ سان پرڻائن ٿا، اتي مائي صاحبہ ڏي نبي سائين جي ڪشش جو سبب ڪنهن خابروءَ جي خبر ڏيڻ آهي تہ هڪڙي سونهن سوپيا واري آهي اها صرف اوهان کي جڳائي ٿي پر دحيہ ڪلبي ان کي وٺي ويو آهي وارو

ڪيو موٽائي ونوس اها ڳالهہ ڏسي پوءِ بخاري جي ڪتاب النڪاح ۾ حضرت ابوهريره جي روايت سان باب آلا ڪفا ء في الدين ۾ جيڪا حديث آندي وئي آهي تہ عن النبي ﷺ قال تنڪح المراة لاربع لمالها ولحسبها وجما لها ولد ينها فاظفر بذات الدين تربت يداڪ يعني اي ابوهريره عورت سان چئن شين سبب شادي ڪئي ويندي آهي، مال، مرتبو، سونهن ۽ دينداري، تون دينداري ڏسي شادي ڪجانءِ هاڻ هن حديث کي ڏسي وري پاڻ ڪريمن جي صفيہ سان شادي جون حديثون پڙهي پڪ سمجهو تہ جن ڳالهين لاءِ ٻين ماڻهن کي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏين ٿا پاڻ ڪيئن ان جي ابتڙ عمل ڪندا. اها رسول سائين جي ودي توهين آهي، ان ڪري فتح خيبر جي موقعي تي شادي جا قصا ۽ ڪوڙ ان لاءِ گهڙيا ويا آهن تہ پيغمبر انقلاب کي بدنام ڪيو وڃي ۽ هي مشهور ڪيو وڃي تہ انهن جون لڙايون نظرين ۽فڪرن بدران ملڪگيري ۽ عياشي لاءِ هيون، آئون پنهنجي انهي الزام جي تصديق ۽ تائيد ۾ علم حديث جي ٻئي امام، فارس جي حديث ساز ٽيم جي بخاري کان پوءِ ٻئي وڏي ماڻهو امام مسلم جي مجموعہ ڪتاب جي هڪ حديث هتي لکان ٿو پڙهي پوءِ فيصلو اوهان ٻڌائيندا تہ حقيقت ڇا آهي، هي ڪتاب مسلم جي جلد ٢ ڪتاب الحدود جي حديث آهي، هي ڪتاب قديمي ڪتب خانہ آرام باغ ڪراچي جو ڇپيل آهي حديث ٦٧ نمبر صفحي تي لکيل آهي روايت ابو سعيد کان ڪيل آهي، راوي چوي ٿو تہ اسلم قبيلي جو هڪ ماڻهو هئو، جنهن جو نالو ماعزبن مالڪ هو، اهو رسول الله ﷺ جن وٽ آيو ۽ چيائين تہ مون کان فحاشي جو ڪم ٿيو آهي ان ڪري مون کي سزا ڏيو نبي سائين ان شخص کي موٽائي ڇڏيو ۽ اهو عمل ٻہ ٽي ڀيرا ٿيو جو هن سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ۽پاڻ ڪريمن ان کي واپس ڪيو، پوءِ نبي سائين جن ان جي قبيلي وارن کان وڃي پڇيو تہ انهن جواب ۾ چيو تہ هن مان ڀيو تہ خطرو ڪونہ ٿا سمجهون، باقي هن کان ڪو اهڙو ڪم ضرور ٿيو آهي جو جيستائين ان جي سزا هن کي نہ ملندي تہ هي پڇر ڪونہ ڇڏيندو پوءِ نبي سائين جن انهن وٽان موٽي آيا ۽ اسان کي حڪم ڪيائون تہ ان کي رجم ڪيو

وڃي، پوءِ اسان ان کي بغير پڌڻ ۽ ڪڏ ڪونٿي ان ۾ بيهارڻ جي پٽراءِ ڪري ختم ڪري ڇڏيوسونس ابو سعيد چيو تہ پوءِ رسول الله ﷺ سومهڻي مهل خطاب فرمائيندي چيو تہ جڏهن بہ اسان الله جي راهہ ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ وڃون ٿا تہ ڪوئي شخص موٽ کائي اچي ٿو اسان جي عيال ۾ ٻڪر وانگر ٻوڪاٽ ڪندو خبردار ٻيهر ڪو اهڙي برائيءَ وارو شخص آندو ويو تہ عبرتناڪ سزا ڏيندوسانس. هاڻي هن حديث بابت پڙهندڙن جي خدمت ۾ پهريون عرض هي آهي تہ قرآن حڪيم تمام ڪليل ۽ پڌري نموني زاني ۽ زانياڻي جي سزا فاجلد واڪل واحد منهما ماۃ جلده ٢-٢۴ ٻڌائي آهي يعني هرهڪ کي هڪ سئو لڪڻ هنيا وڃن، اهڙي ڪليل حڪم کان پوءِ پيغمبر سائين ڪيئن سنگسار ذريعي اڇت مارڻ جي سزا جو قرآني حڪم خلاف عمل ڪندو؟ ۽ آرڊر ڏيندو؟ ان ڪري امام مسلم صاحب جي اها حديث هٿ گهڙي آهي، هٿ ٺوڪي آهي، هنن فارس وارن کي ڪسروي حڪومت جي خاتمي جو ساڙ آهي، جنهن جي پلڻ لاءِ لاهي پاهي خود حضورﷺ تي هن حديث ۾ تبصرو ڪيو اٿن، پڙهندڙن غور ڪيو هوندو تہ هنن پنهنجي گهاڙيتي ۾ عشاءِ جي خطاب ۾ نعوذ بالله حضور سائين کان اهي لفظ چورايا آهن تہ اسان جڏهن الله جي راهہ ۾ لڙائيءَ لاءِ وڃون ٿا تہ ڪوئي شخص واٽ تان موٽي اسان جي عيال ۾ ٻڪر وانگر ٻوڪاٽ ڪري گهڙي ٿو پوي، بخاري مسلم انهن کي حديث جو امام سڏيو ٿو وڃي، انهن حديث سازي جي فن ۽ هنر ۾ اما عائشہ رضي الله عنها تي بہ گارين جون تبرا واريون ڪوڙيون حديثون ٺاهيون آهن، مون کي ڏک رڳي موجوده دور جي عالمن سڳورن جو آهي، جيڪي اهڙين حديثن کي رڳو ضعيف سڏي پاڻ تان بار لاهيو ڇڏين، علماءِ ڪرام جي خدمت ۾ منهنجي فرياد آهي تہ امهات المؤمنين تي تهمتون ۽ تبرا ڪرڻ وارن جي ايمان ۽ اسلام دوستي بابت سڏي سنئي ڳالهہ ڇو ڪونہ ٿا ڪيو؟ رڳو بخاري مسلم تہ ڇا صحاح ستہ وارا بہ اهڙن روين ۾ سيئي پاڻ ۾ ڀائيوار آهن، افسوس اهو آهي جو مڪي مديني جي عالمن کان وٺي هندستان تائين جا عالم، اسلام جو اسڪول آف ٿاٽ حديثن کي بنايون ويٺا آهن، دنيا

مون کان حساب نہ ورتو وجي اهي سڀ سدائين مون کي جيکي وٽين سو چوندا رهن، پر رب سائين جي نالي، ڏٽي سڳوري جي محابي، الله الله في اصحابي لاتتخذوا من بعدي غرضافمن احبهم فبحبي احبهم ومن ابغضهم فنبغضي ابغضهم جي فرمان نبوي جي لڄ رکندي، تبرا جي حديثن ناهڻ وارن جي ڪتابن کان بائيڪاٽ ڪن تہ ڀلو ۽ امت کي ٻڌائين تہ قرآن کان وڌيڪ اوهان جو ڪوبہ خير خواهہ ڪونهي، سڄڻ ڪونهي، همدرد ڪونهي.

# ڪوڙن ناھڻ جا امام

امام مسلم صاحب نيشاپوريءَ پنھنجي جامع جي ڪتاب الفضائل ۾ ھڪ باب آندو آھي من فضائل ابي سفيان صخر بن حرب رضي الله عنہ صفحو ۳۰۳ ڇاپو قديمي ڪتب خانو ڪراچي ان ۾ ابن عباس رضي الله عنہ ڪان روايت آڻي ٿو تہ مسلمان ابو سفيان کي اسلام ۾ اچڻ ڪان پوءِ ڪابہ اھميت ڪونہ ڏيندا ھئا ۽ نہ ئي ان کي ويجھو ويھڻ ڏيندا ھئا ابو سفيان اھا ماجرا ڏسي نبي سائين جي خدمت ۾ ويو ۽ چيائين تہ اي الله جا نبي منھنجا ٽي مطالبا پورا ڪيو منظور ڪيو. نبي سائين فرمايو تہ ھائو. ابو سفيان چيو تہ مون وٽ عرب قوم جي عورتن مان تمام وڌيڪ حسين جميل ڌيءَ ام حبيبہ آھي اھا توھان کي پرڻايان ٿو قبول ڪيو تہ جواب ۾ نبي سائين جن فرمايو تہ مطالبو منظور آھي قبول آھي. وري ابو سفيان چيو تہ منھنجي پٽ معاويي کي پاڻ وٽ ڪاتب بنايو ۽ مقرر ڪيو، نبي سائين جواب ۾ فرمايو تہ ھائو اھو مطالبو بہ منظور آھي قبول آھي، ابو سفيان چيو تہ سڄي عمر اسلام جي خلاف لڙايون لڙيون اٿم ھاڻي اسلام ۾ آيو آھيان تہ ڪافرن سان ڪنھن جنگ ۾ مون کي ڪمانڊر بنايو فوجن جو امير بنايو، نبي سائين جن فرمايو تہ اھو مطالبو بہ قبول آھي منظور آھي. (اتي حديث ختم ٿي) اڳتي ابو زميل راويءَ جو ھڪ قول آھي تہ ان ڏينھن ابو سفيان نبي سائين کان جا بہ شيءِ گھري ھا اھا منظور ٿيندي وڃي ھا. ھن روايت ۽ حديث بابت ڇا چئجي، حضرت ابو سفيان اسلام ۾ داخل ٿيو آھي فتح مڪہ جي ڏينھن ۾، سندس ڌي ام حبيبہ نبي سائين سان ڪئي سال اڳي پرڻيل ھئي ۽ ان جو فرزند حضرت معاويو بہ وڏو عرصو اڳيئي نبي

سائين جن وٽ ڪاتب الوحي جي عهدي ۽ اعزاز تي فائز هئو ۽ نبي سائين جن پنهنجي وفات تائين ڪڏهن به حضرت ابو سفيان کي مخالفن سان لڙائيءَ ۾ امير ۽ ڪمانڊر ڪونه بنايو. هن پندرهين صدي ۾ به اسڪولي ٻار متين ڳالهين جي ڄاڻ رکن ٿا. اهڙن پڌرن ڪوڙن واري حديث، راوين ڪيئن گهڙي آهي، ۽ مسلم صاحب اڪيون ٻوٽي پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيئن ڪئي آهي، ايتري زور آوري جو صرف هڪ ئي سبب ٿي سگهي ٿو. اهو هي ته حديث ساز راوي ۽ امام مسلم صاحب اصحاب رسول کي هڪ ٻئي سان نفرت ڪرڻ وارا ڪري ڏيکارڻ، هنن جو محبوب مشغلو آهي ۽ حضرت ابو سفيان جي دشمنيءَ ۾ ايترو ته اڪيون ٻوٽجي ويون اٿن جو انهن سڀن ڪوڙن ۾ نبي سائين جو به حياء ڪو نه ٿو ڀوين. ان کي به شريڪ ڪري ان جي واتان به هائو هائو ڪرائيندا ٿا وڃن. لڳي ٿو ته هنن جي دشمني اڪيلي ابوسفيان يا بنو اميه سان ناهي پر هي ته رسول سائين جي مرتبي ۽ شان جا به دشمن آهن. ان ڪري جو فتح مڪي واري ڏينهن رسول سائين ٿي ته اعلان ڪرايو هئو ته من دخل دارابو سفيان فهو آمن يعني مڪي جو جو به شخص ابو سفيان جي گهر ۾ پهچندو ان کي امن ڏنو ويندو. ان کي ڪابه سزا ڪانه ملندي ۽ رسول سائينءَ جو ته اعلان هئو ته ان الاسلام يهدم ماڪان قبله يعني اسلام قبول ڪرڻ سان ڪفر جي زماني جا سڀ گناهه معاف. بهرحال منهنجي ته ذميداري هي آهي ته جيڪا به حديث هن ڪتاب ۾ اعتراض طور لکان انهيءَ کي قرآن جي آيت سان غلط ثابت ڪيان ۽ هي ثابت ڪري ڏيکاريان ته هي حديث ساز عجمي امام، پنهنجي گهڙيل علم سان قرآن کي ڪاٽڻ چاهين ٿا. ان جي تعليم فڪر ۽ نظرين کان مائٽهن جو منهن ٻئي پاسي موڙڻ گهرن ٿا. انهن سيني الزامن جا قرآن مان ثبوت ملاحظه فرمايو پوءِ فيصلو به اوهان پاڻ ڪجو. هن حديث جي شروع ۾ هي لکن ٿا ۽ ڄاڻن ٿا ته مسلمان ابو سفيان جي اسلام ۾ اچڻ کان پوءِ به انهيءَ کي ڪا اهميت ڪونه ڏيندا هئا ۽ ان کي پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏيندا هئا يعني ان کان پاسيرا رهندا هئا پري پري گذاريندا هئا. انهيءَ مان روايت گهڙيندڙن اهو ثابت ڪرڻ

جي ڪوشش ڪئي آهي تہ اصحاب رسول کي جن تہ ابو سفيان جو اسلام قبول ڪرڻ ني پسند ڪونہ هو، اسان کي اها ڳالهہ قرآن کان پڇڻي پوندي تہ ڇا ائين بہ ٿي سگهي ٿو جيئن اهي حديث ساز راوي چون ٿا تہ سورت اعراف جي آيت نمبر ۴۳ ۾ قرآن حڪيم جواب ڏنو تہ ونزعنا مافي صد ورهم من غل يعني اسان انهن ايمان وارن جي دلين مان هڪ ٻئي لاءِ جيڪي ميرايون ۽ کوٽ هئا سي سڀ ڪڍي ٻاهر ڪري ڇڏيا هئا، پر شايد امڪان آهي تہ اهي قرآن کان ماٿهن کي ڦيرائيندڙ ماٿهن کي برغلائڻ مهل اهو چون تہ انهيءَ آيت ۾ مڙوئي مؤمنن جي ڳالهہ آهي فتح مڪي کان پوءِ وارن جو خصوصيت سان تہ ذڪر ڪونهي ڪو، جو ابو سفيان کي ڇڏي ڏجي، تہ قرآن حڪيم انهن جي تسلي ڪرائڻ لاءِ بہ جواب ۾ خصوصيت سان فتح مڪي کان پوءِ وارن جي قبوليت جو اعلان بہ ڪري ڇڏايو سورت حشر جي آيت نمبر ۱۰ ۾ فرمايائين تہ والذين جاؤمن بعدهم يقولون ربنا اغفر لنا ولاخواننا الذين سبقونا بالايمان ولاتجعل في قلوبنا غلا للذين آمنوا ربنا انڪ رؤف رحيم يعني جن (فتح مڪي) کان پوءِ ايمان آندو اهي دعا ٿا گهرن تہ اي اسان جا پالڻهار اسان کي بہ پنهنجي حفاظت ۽ بچاءَ ۾ آڻ ۽ اسان کان اڳي جيڪي اسان جا ڀائر جن اسان کان اڳي ايمان آندو آهي انهن کي ۽ اسان جي دلين ۾ ڪو بہ کوٽ ٿيڻ نہ ڏي ڪنهن بہ ايمان واري لاءِ، تون سڀن تي مهربان ۽ ٻاجهہ ڪرڻ وارو آهين اي اسان جا پالڻهار، هاڻ ايتري پڌرائي کان پوءِ تہ مٿين حديث مڪمل نموني ڪوڙي ثابت ٿي وئي.

ذڪرني من حديثہ ذالڪ يعني قصي جو راوي جيڪو مالڪ بن اوس آهي ان لاءِ بہ زهري چوي تہ انهيءَ مون کي خبر ڏني وري چوي تہ مالڪ بن اوس جي هيٺ بيان ٿيندڙ حديث جو ذڪر مون سان محمد بن جبيربن مطعم ڪيو. انهي چڪربازيءَ جو مقصد اميد تہ پڙهندڙ سمجهي ويا هوندا تڏهن بہ ان جي ڪجهہ پڌرائي هيءَ آهي تہ زهريءَ جي مالڪ بن اوس سان ڪابہ ميل ملاقات ثابت ڪانهي تڏهن بہ ڪوڙ ڳالهائي همراهہ پنهنجو قد وڌائي رعب ٿو جمائي تہ هن حديث جي روايت اصل واقعي جي عيني گواهہ مون سان پاڻ ڪئي آهي. وري ان کي اندر جو چور آئينو ٿو ڏيکاريس تہ اهو تہ تو ڏٺو بہ ڪونہ هئو، تنهنجي ءَ ان جي جمار ۾ مٽ آهي، اهو توکان اڳي وفات ڪري چڪو هو. پوءِ زهري ڪلتي ڏئي چوي ٿو تہ مالڪ بن اوس جي اها حديث مون سان محمد بن جبير بن مطعم بيان ڪئي هئي ۽ هي بہ لڳي ٿو تہ زهريءَ کي مالڪ بن اوس سان ڊائريڪٽ ملائڻ جو اهو پروموشن بخاريءَ ڏياريو هجي ۽ وري بخاريءَ کي متان خوف جاڳيو هجي تہ زهريءَ کي مالڪ بن اوس سان ملائي ڳالهہ کي پڪو تہ ڪيان پيو. پر ڪو پڪڙي نہ وٺي تہ انهن ٻنهي جي پاڻ ۾ ملاقات تہ ثابت ئي ڪانهي تہ بخاريءَ ئي اها ڦيري پاڻ ڪاڙي هجي تہ زهريءَ سان مالڪ بن اوس جي اها حديث محمد بن جبيربن مطعم بيان ڪئي هئي، جو تہ اها ساڳي حديث مسلم صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ جنهن سند سان آندي آهي ان زهريءَ کي سڌو سنئون مالڪ بن اوس کان ئي راويت ڪندي ڏيکاريو آهي، بخاري صاحب وانگر ٻني ڳالهہ ڪانہ ڪئي اٿس تہ ڪو زهريءَ مالڪ بن اوس کان براهہ راست بہ ڳالهہ ٻڌي آهي ۽ محمد بن جبيربن مطعم جي واسطي سان بہ ٻڌي آهي، ان طرح سان هي جيڪو مشهور آهي تہ بخاري صاحب روايتن جي معاملي ۾ احتياط ڪندو آهي ۽ شڪ شبهي واري ڳالهہ يا ڪچي ڳالهہ نہ ڪندو آهي، شايد ان ڪري روايت ۾ باءِ پاس ۽ جمپ واري سند بہ آندي آهي، تہ مرفوع قسم جي سند بہ آندي آهي، انهيءَ مان ماڻهو تہ ڪئي کهڙي بہ تقوىٰ واري معنىٰ ڪڍن، پر هي تہ ثابت ٿي ويو تہ هو پنهنجي آئيڊيل استادن يا استادن

جي استادن کي هرويرو پيو پڌائي ۽ ميان منو بنائي، اهو عمل ته احتياط ۽ تقويٰ بدران وڏي خيانت ڇٽبو. (هاڻي موضوع جي روايتن ۾ تضادن بابت لکجي ٿو) اها ٽيو نمبر حديث مالک بن اوس جي واتان هن طرح گهڙي پڌائن ٿا ته مان عمر وٽ داخل ٿيس (يعني وينو هئس) ته ان جو دربان يرفا آيو ۽ عرض ڪيائين ته عثمان، عبدالرحمان، زبير، ۽ سعيد ملڻ گهرن ٿا اجازت آهي؟ ته حضرت عمر جواب ۾ چيو ته هائو اجازت آهي، اهي آيا وينا وري غلام يرفا آيو ۽ عرض ڪيائين ته علي ۽ عباس اچڻ گهرن ٿا؟ ته حضرت عمر جواب ۾ فرمايو هائو اجازت آهي، اهي آيا ۽ عباس چيو ته اي اميرالمؤمنين اقض بيني وبين هذا يعني منهنجي ۽ علي جي وچ ۾ فيصلو ڪيو حضرت عمر چيوته آئون توهان کي خدا جو واسطو ڏئي ڳالهه ڪيان ٿو جنهن جي حڪم سان آسمان ۽ زمين قائم آهن ڇا توهان کي خبر آهي، توهان ڄاڻو ٿا ته رسول ڪريم جن فرمايو ته اسان جو ڪوئي وارث نه ٿيندو اسان جو به ڪجهه ڇڏي ويندا سون اهو صدقو ڪيو وڃي، انهيءَ مان پاڻ ڪريم پنهنجي لاءِ اهو فرمائي رهيا هئا. پوءِ اتي موجود سڀني چيو ته بيشڪ نبي سائين جن ائين فرمائي ويا هئا. پوءِ حضرت عمر، حضرت علي ۽ حضرت عباس ڏي متوجہ ٿي انهن کي چيو ته اوهان ٻئي به ڄاڻو ٿا ته پاڻ ڪريمن ائين فرمايو هئو، ته ٻنهي چيو ته هائو ائين فرمايو هئائون! پوءِ حضرت عمر چيو ته هاڻ آئون اوهان کي ان باري ۾ ٻڌايان ٿو ته الله تعالىٰ هن في (مال غنيمت) ۾ پنهنجي رسول کي مخصوص ڪيو هئو ۽ ان کان سواءِ ڪنهن کي نه ڏنو هئو، الله جو فرمان آهي ته ماافاء الله علي رسوله کان قدير تائين ته اهو خاص رسول الله لاءِ هئو. قسم آهي خدا جو ته انهن به توهان کان سواءِ ان (ملڪيت) کي ڪنهن جي لاءِ به محفوظ نه ڪيو ۽ نه ئي اوهان جي پيٽ ۾ ڪنهن ٻئي کي ترجيح ڏني، بلڪ توهان کي ئي ڏيندا رهيا ۽ توهان ۾ ئي ورهائيندا رهيا. ايتري تائين جو ان مان هي مال وڃي باقي رهيو. ته نبي ﷺ هن مال مان پنهنجي گهر وارن لاءِ هڪ سال جو خرچ ڪڍي پوءِ باقي مال کي الله جي ٻئي مال وانگر خرچ ڪري ڇڏيندا هئا. پوءِ نبي سائين پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾ ائين ڪندا

غور ڪن تہ فريادي ٻئي چاچا ڀائيٽا آهن ۽ وڏي درجي جا اصحابي آهن ۽ رسول الله جي گهر جا ڄڻ تہ ڀاتي آهن، انهن جي ٻولي ۽ گفتگو جو انداز حديثون ٺاهيندڙن ڇا تہ پيش ڪيو آهي، پر ڳالهہ اجا اتي ختم ڪانہ ٿي ٿئي، اڳتي روايت ۾ جوابي طور جڏهن حضرت عمر هنن کي چوي ٿو تہ اوهان هي ڪيس مون کان اڳ ۾ حضرت ابوبڪر جي خلافت تي فائز ٿيڻ مهل ان وٽ پيش ڪيو هو تہ ان اوهان کي جواب ۾ چيو تہ رسول سائين جو فرمان آهي تہ اسان ڪنهن کي پنهنجو وارث ڪونہ بنائيندا آهيون ۽ جو ڪجهہ ڇڏي ويندا آهيون اهو صدقو هوندو آهي، تہ توهان ابوبڪر کي انهي جواب تي ڪوڙو، مجرم، غدار ۽ خيانت ڪندڙ قرار ڏنو، ۽ الله ڄاڻي ٿو تہ اهو سچو، نيڪوڪار، هدايت وارو، ۽ حق جي تابعداري ڪندڙ هئو، پوءِتوهان ان جي وفات بعد مون وٽ آيا ۽ اوهان مون کي بہ ڪوڙو، ڏوهاري، ٺڳ ۽ خيانت ڪندڙ سمجهو، جڏهن تہ الله ڄاڻي ٿو تہ آئون سچو آهيان نيڪي ڪندڙ هدايت ڪندڙ ۽ حق جو پوئلڳ آهيان، انهيءَ کان پوءِ مسلم جي روايت ۾ وڏيڪ چٽي نموني سان روايت آهي تہ پهريون ڀيرو عباس ۽ علي ان وٽ آيا هئا تہ اها پراپرٽي انهن کي ڏيو تہ حضرت عمر سندن مطالبو پورو ڪندي فدڪ جي زمين ۽ خيبر واري زمين ڏيئي ڇڏي هئي، ان کان پوءِ ٻئي چاچا ڀائيٽيا وري پاڻ ۾ بہ نہ نڀي سگهيا. جنهن تي ٻيو ڀيرو حضرت عمر وٽ آيا ۽ هيءَ زهري صاحب جي حديث ان ٻئي ڀيري واري موقعي جي گفتگو تي مشتمل آهي، پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ روايت ۾ جيڪي اڪيچار جهول آهن انهن کان اڳ ۾ غور فرمايو تہ هي بين الاقوامي انقلاب آڻڻ واري پارٽي جا منهڙيا مهندار جن لاءِ شاهہ ولي الله پنهنجي ڪتاب حجة الله البالغہ ۾ لکي ٿو تہ سموري انساني آبادي کي دنيا اندر بہ بادشاهتون هڪ قيصر روم ٻيو ڪسراءِ فارس غلام بنائي ڇڪيون هيون (جڻ تہ ماڻهو جنڊ جي ٻن پڙن وچ ۾ پيسجي رهيا هئا) ان ڪري الله سائين ماڻهن تي رحم ڪندي آخري پيغمبر، صرف هن لاءِ موڪليو تہ هو انسانن کي غلامي مان آجو ڪري آزاديءَ سان رهڻ جو حق وٺي ڏئي ۽ واقعي تاريخ شاهد آهي دنيا ڏٺو تہ

نظام ۽ سياسي نظام صحيح نموني پڙهيا ۽ سمجهيا هوندا پوءِ ٿي انهن
کي هنن حديثن جي ڪوڙي ۽ جڙتو هجڻ جو صحيح اندازو ٿيندو ۽ خود
هنن حديثن حضور جي شخصيت ۽ حيثيت کي داغدار بنائي ڇڏيو آهي
پهريائين قرآن جي روشني ۾ هي سمجهڻ گهرجي تہ رسول سائين جي
فڪر ۽ انقلاب جي پکيڙ. يا ايهاالناس اني رسول الله اليکم جميعا واري
ڪائناتي آهي، آفاقي آهي. حديث ۾ زهري صاحب جنهن قرآن جي آيت
مان استدلال ڪري فدڪ ۽ خيبر جون زمينون نبي سائين هٿان گهر
ڀاتين ۾ ورهائڻ جي ڳالهہ ڪري رهيو آهي، اها تہ قرآني نظريي جي
خلاف آهي. ما افاء الله علي رسوله من اهل القريٰ فلله وللرسول منجهان
پهريائين رب پاڪ في جي مال کي محصولات جي مال کي الله ۽ رسول
جي ملڪيت قرار ڏنو. الله ۽ رسول مان مراد ٿي قومي ملڪيت ۽
گورنمينٽ پراپرٽي. الله جي شيءِ ۽ رسول جي شيءِ بنجڻ کان پوءِ اها
ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نہ رهي. اڳتي رب پاڪ انهي آيت ۾ ان
ملڪيت ۽ دولت جي خرچ ڪرڻ جا مصرف ڏسيا آهن پهريون ذي
القربيٰ ۾ ان ملڪيت ۽دولت جي خرچ ڪرڻ جا مصرف ڏسيا آهن.
پهريون ذي القربيٰ ٻيو يتيم ٽيون مسڪين چوٿون هلندي هلندي ڪٽي
پيل (ان جو وڌو ڏکهو تفصيل آهي سڀ ڪو عقل ڊوڙائي ان جون
صورتون پاڻ جوڙي) ۽ انهن مصرفن مٿان خرچ ڪرڻ جو طريقہ ڪار ۽
ورهاست جو مقدار بہ قرآن پاڪ پاڻ انهيءَ ساڳي آيت اندر ٻڌائي ٿو تہ
ورهاست اهڙي ڪجو جو کي لايکون دولة بين الاغنياء يعني ورهاست
اهڙي نہ ڪجو جو دولت صرف مالدارن جي وچ ۾ نار جي لوٽن وانگر
ڦرندي رهي ۽ انهن جي دائرن کان ٻاهر ڪنهن کي ڪجهہ بہ نہ ملي.
هتي هن آيت ۾ زهري صاحب ذي القربيٰ جي معنيٰ مائٽ ۽ رشتيدار
ڪئي آهي. زهري، طبري، بخاري، مسلم سڀن فارس وارن قرآن جي
تعبيرن کي ناني ويڙهي واري نموني غير سياسي ڪتاب بنائي ڇڏيو
آهي، جيڪڏهن انهن آيتن ۾ ذي القربيٰ جي معنيٰ مائٽ ۽ رشتيدار ورتا
وڃن تہ انهن سبائي تحريڪ جي شاگردن ۽ مجوسيت ۽ زردشتي ادارن
کان آيل تارپيڊو ۽انڊر گرائونڊ تقيي بازن، جن پنهنجي لاءِ پاڻ ۾

سجاڻ واسطي قدس سرة جو ڪوڊوڙ ٿاهيو هئو ۽ اسان جا سادا مائهو انهن جي عينڪ سان قرآن سمجهڻ جي ڪوشش پيا ڪن. انهن سادن ڪان ادب سان سوال ڪيان ٿو تہ جيڪڏهن هن آيت ۾ ذي القربيٰ جي معنيٰ مائٽ ۽ رشتيدار آهن تہ پوءِ صدر ايوب تي سندس دور ۾ پختون نوازي ۽ اقربا پروري جو الزام ڇو هنيو ويو. چوڌري محمد علي ممتاز دولتاني ون يونٽ ٺهرائي تہ انهن ڪي پنجاب پروري جو الزام ڇو ڏنو ويو. چاڻ گهرجي تہ قومي تعصب جو بنياد تہ فيملي پرستي ۽ خاندان پرستي ڪان شروع ٿئي ٿو. جيڪو وڌي قوم تائين وڃي پهچي ٿو. اهي الزام غلام اسحاق خان تي لڳا. نواز شريف تي لڳا. جيڪڏهن ذي القربي جي هنن آيتن ۾ معنيٰ ۽ تفسير مائٽ ۽ قرابت وارا ڪئي ويندي تہ اڄ تہ بين الاقوامي طور دنيا وارن جو هي مجيل قانون آهي تہ ڪنهن بہ سياسي عهديدار لاءِ اقربا پروري ڏوهہ آهي. ان ڏوهہ ۾ ان ڪي نااهل بنائڻ ۽ مستقل طور سياست مان ڪڍي ڇڏڻ لازم ۽ ضروري آهي. پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ قربيٰ قرابت ۽ ذي القربي جي معنيٰ ويجها ۽ ويجهڙائي واري ضرور آهي ان ۾ اها معنيٰ رشتن جي حوالي سان عزيزن قريبن ويجهن مائٽن تي بہ فٽ ڪري سگهجي ٿي. پر هتي لله ولرسول جي ايڏين وڏين اٿارٽين وڏين نسبتن ڪان پوءِ حاڪميت اعليٰ، حڪومت ۽ حڪمراني جي سپريم ليول الله ۽ ان جو رسول آهن. جڏهن الله جو نائب رسول الله آهي. جيڪو پنهنجي انقلابي حڪومت جو وڏي ۾ وڏو حاڪم آهي تہ ان جا ويجها بلڪ هر حڪمران جا ويجها ۽ ذي القربيٰ اهي هوندا جيڪي انقلاب آڻڻ ۾ گهر تڙ جان مال قربان ڪري ساٿ ڏيڻ وارا هجن ۽ انقلاب آڻڻ ڪان پوءِ سياسي عهديدار ۽ حڪومتي مشنري جا ملازم پوري بيوروڪريسي. حڪومت جوسمررو ايڪسپينڊيچر، اهو ٽوٽل قومي خزاني مان خرچ ٿيندو آهي. انتظامي عملي جون پگهارون. مختلف الائونس. سڀ قومي خزاني جي ذمي هوندا آهن ۽ اهي ئي سڀ ڪنهن حڪمران ۽ حڪومت جا ذي القربي سڏيا ويندا. ذي القربيٰ جي معنيٰ ڪنهن تپيدار لاءِ يا شاخن ۽ نالين جي داروغن لاءِ مائٽ مٽ ۽ رشتيداريءَ ۾ قرابت وارو ڪئي ويندي تہ ان ۾

تائيد ۾ ڪوڙ ساريون حديثون آهن، هر فرقو مخالف فرقي وارن جي حديثن کي ڪوڙو ۽ پنهنجي حديثن کي سچو قرار ڏيندو آهي، ان جي مقابلي ۾ سورت زمر ۾ رب پاڪ قرآن لاءِ صاف صاف ٻڌائي ڇڏيو ته اهو ڪتاب اهڙو آهي جنهن ۾ ڪوبه ور وڪڙ ڪونهي، ڦيرقار ڪانهي، اهو انهيءَ لاءِ ته ماڻهو فرقي بازيءَ جي وبا کان بچي وڃن، فرمان آهي ته قرآناً عربيا غير ذي عوج لعلهم يتقون آيت نمبر ٢٨ پر انهيءَ کان پوءِ به جيڪڏهن طبري صاحب وانگر قرآن جي هر مسئلي لاءِ ڪانه ڪا شان نزول جي حديث ڻاهي يا آيت جي معنيٰ جڙتو حديث ذريعي ڪري هن ڪائنات جي قيادت ۽ سيادت جي منشور ڪتاب کي محدود معنيٰ وارو شخصي ۽ انفرادي سوچن وارو عمليات جو ڪتاب بنائي ڇڏيو آهي ته الله سائين انهن ماڻهن جي اهڙين حرڪتن کي ڄاڻندو هو، ان ڪري ان پنهنجي ڪتاب ۾ سمجهاڻي ڏئي ڇڏي ته هڪ ته سورت قيامت جي آيت ١٩ ۾ گارنٽي ڏنائين ته ثم ان علينا بيانه يعني قرآن کي کولي بيان ڪرڻ ۽ سمجهائڻ اسان جي ذميداري آهي، پر پوءِ به رب سائين کان پڇون ته سائين تون ڪيئن اسان کي کولي قرآن سمجهائيندين ته سورت بني اسرائيل جي آيت نمبر ٨٩ ۾ ٻڌايائين ته ولقد صرفنا للناس في هذا القرآن من ڪل مثل يعني توهان ٻاهر ٻين سهارن کي ڇو ٿا ڳوليو، اسان هن قرآن ۾ ئي ماڻهن لاءِ ڦيرائي ڦِرائي، ورائي ورائي مثال ڏنا آهن، جو جيڪڏهن ڪنهن لفظ يا جملي جي معنيٰ مفهوم توهان کي سمجهه ۾ نه اچي ته ٻئي هنڌ مون نئين سمجهائي سان اها ڳالهه، لفظ، جملو ڦيهر آندو آهي، بلڪه هڪ هڪ ڳالهه ڪئي ڀيرا مختلف جاين تي آڻي توهان جي مونجهارن کي دفع ڪرڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي، ڪير جيڪڏهن ايڏي انتظام کان پوءِ به تصريف آيات مان مسئلي جو حل ڳولڻ بدران ٻئي پاسي واجهائي زوريءَ ڪفر اختيار ڪندو ته ان کي اسان ڇا ڪيون فابيٰ اڪثر الناس الاڪفورا ۽ جيڪي قرآن جي آيتن ۽ احڪامن کي عاجز ڪرڻ بي اثر ڪرڻ ۽ شڪست ڏيڻ جي حرفت ڪندا ڪوشش ڪندا حيلا ڪندا ۽ تفسير جي فن تصريف آيات جو انڪار ڪندا ته جهنمين جا ساٿي بنجي

ويندا. پڙهي ڏسو سورت حج آيت نمبر ٥١ والذين سعوا في آياتنا معاجزين اولائڪ اصحاب الجحيم هي رد هيو امام ابن شهاب زهري صاحب جي ان هنرمنديءَ جو جنهن سان هن قرآن جي آيت مما افاء الله علي رسوله من اهل القري جي معنيٰ مفهوم کي پنهنجي مخصوص انداز ۽ طريقي سان موڙ ڏيئي آيت کي بلڪ قرآن جي سياسي حڪمراني ۽ انقلابن جي حفاظت ۽ بقا واري انداز کان ڦيرائي شخصي ذاتي ۽ خانداني مفادن واري تعبير ڪري رهيو هئو، ۽ اسلام ۾ خويش پروري ۽ اقربانوازيءَ جو دروازو کولي رهيو هو. مصيبت وڏي اها آهي جو اسان جا ڪيترائي ساده ذهن ماٺهو قرآن حڪيم جي سمجهڻ لاءِ تفسير لاءِ هنن فارس وارن جي ڪوڙين روايتن جو سهارو وٺن ٿا ۽ قرآني انقلابي ۽ عمومي مفهوم تائين پهچڻ بدران هيڏي، هوڏي پٽڪيو وڃن. زهري جنهن گهراڻي ۾ ڄائو آهي ان گهراڻي جي سازش سان ئي اسلامي خلافت جي اداري ۾ ڏقيڙ پيو هو زهريءَ جو پيءُ مسلم حضرت مصعب بن زبير جو دوست هو ۽ ان دوستيءَ جو فائدو وٺندي ان جي معرفت ان جي ڀاءُ عبدالله بن زبير کان جمهوري گورنمينٽ خلاف جدا خلافت جو اعلان ڪرايو ۽ اها خلافت گهٽو عرصو هلي به ڪانه سگهي ۽ مصعب بن زبير پنهنجي ڀاءُ جي خلافت طرفان ڪجهه ڏينهن عراق جو گورنر به ٿيو پر انهن جي سياست کي ڪنهن قبول ڪونه ڪيو زهريءَ جي پيءُ مسلم جو ڪردار به هتي جي رٽائر جنرل حميد گل وانگر ٿو لڳي جنهن ڪرڪيٽ جي رانديگر عمران کي سياست جي ميدان ۾ آندو ته آهي پر اهو جمهور کي فتح ڪري نه سگهيو آهي زهري جي پيءُ جي وڏي ڪاريگري ميتبي جو مصعب بن زبير خليفي عبدالملڪ جو پڳ مٽ يار هو ان هوندي به انهن جي ياري ٽوڙائي ان جي معرفت سندس ڀاءُ عبدالله بن زبير کان بغاوت ڪرائي، مسلم کي اها ڳوٺ ان ڪري به وزني هٿ آئي جو مصعب بن زبير حضرت امام حسين جو نياٺو هو سندس ڏيءُ سيد سڪينه جو مڙس هئو، مسلم صاحب پسمنظر ۾ ويهي سياسي تانا بانا اڻڻ جو وڏو ماهر هو، شايد ان جي تربيت جو ئي اثر هو جو ان جو پٽ زهري صاحب بنو اميه جو دشمن هجڻ باوجود

جي واتان حضرت ابوبڪر ۽ ڪيس ڏي بہ وڏي تفصيل سان چورائي پنهنجي نفرت ۽ اندر جو اوبر اوڳاڇي ٿو. جن اصحاب رسول لاءِ قرآن حڪيم شاهدي ڏئي ٿو، اعلان ڪري ٿو تہ والف بين قلوبهم لوانفقت مافي الارض جميعا ماالفت بين قلوبهم ولاڪن الله الف بينهم انه عزيز حڪيم سورت انفال آيت نمبر ٦٣ يعني اي محمد! رب پاڪ تنهنجي ساٿين جا دلي ڳانڍاپا مضبوط ڪري ڇڏيا آهن، اهڙا جو جيڪڏهن تون روءِ زمين جي دولت انهيءَ ڪم لاءِ خرچ ڪري سگهين، تڏهن بہ ايترو ڪري نہ سگهين، پر الله صحابہ ڪرام جا پنهنجا پاڻ ۾ ناتا جوڙي ڇڏيا آهن. بيشڪ اهو الله غالب ۽ حڪمت وارو آهي، تہ هاڻي اصحاب رسول لاءِ قرآن حڪيم جي ايڏي شاهدي ڪان پوءِزهري بخاري مسلم سين جي جوڙيل حديثن ڪي ڪوڙ سمجهڻ گهرجي، قرآن سچو آهي، ان جي رد ۾ ٺاهيل سڀ حديثون ڪوڙيون آهن، اصحاب رسول بابت اسان قرآن جي شاهدي جي روشني ۾ انهن ڪي هڪ ٻئي سان دلي محبت ۽ عزت ڪرڻ وارا سمجهون، انهن ڪي قرآن حڪيم جي ڏس مطابق رحماء بينهم (پنهنجو پاڻ ۾ ڪير ڪندڙ) سمجهون ٿا، ۽ قرآن جي اعلان مطابق واعدلهم جنات تجري تحتها الانهار خالدين فيها ابدا ذالڪ الفوز العظيم (سورت توبہ آيت ١٠٠) يعني سيئي جنتي آهن ۽ اهائي انهن جي وڏي ڪاميابي آهي، يعني ڪامياب ۽ سڀ جو سڀ جنتي سمجهون ٿا. حديث جي متن ۾ بي بي فاطمہ ۽ حضرت عباس جڏهن حضرت صديق اڪبر جي خدمت ۾ اچي مطالبو ڪن ٿا تہ اسان ڪي فدڪ ۽ خيبر جي زمين مان حصو ڏيو بطور ورثي جي تہ انهيءَ مان ۽ حضرت ابوبڪر جي جواب تہ نبي سائين فرمائي ويا آهن تہ لانورث ماتر ڪناه صدقة يعني اسان ڪنهن ڪي وارث نہ بنائيندا آهيون، انهن ٻنهي ڳالهين ۾ هڪ قدر مشترڪ آهي اهو هي تہ رسول ڪريم جن پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ فدڪ ۽خيبر جي زمين مان پنهنجي لاءِ زمين جا ڪي ٽڪرا ملڪيت ۾ ورتا هئا. هاڻي بي بي فاطمہ ۽ حضرت عباس جو موقف هئو تہ اهي اسان جي حوالي ڪيا وڃن ۽ حضرت ابوبڪر جي جواب جو خلاصو آهي تہ اها ملڪيت نبي سائين جي وارثن متان ٿي خرچ ڪئي ويندي ۽ ٻئي ڪنهن

تنهنجا ساٿي سوال ڪن ٿا تہ اسان کي پنهنجي ڪمائي مان ڇا ڪجهہ خرچ ڪرڻو آهي تہ تون انهن کي ٻڌائي ڇڏ تہ جا بہ شيءِ اوهان جي ضرورتن کان بچت آهي اها سڀ جا سڀ خرچ ڪرڻي آهي. هاڻي انصاف ڪيو وڃي تہ هر ڪنهن ماڻهو لاءِ جڏهن اهو حڪم آهي تہ پوءِ ورثي ۾ بچيو ڇا؟ شايد سواءِ رهائش واري گهر ۽ بسترن ۽ ٿانون جي ۽ روزمره ڪم ايندڙ شين جي ٻيو ڪجهہ بہ نٿو بچي ڇو تہ زڪوة جي قرآني اصطلاح جي حديثن وارن غلط معنيٰ مشهور ڪئي آهي. اها هيءَ تہ سون چاندي چوپايو مال ۽ ڪرنسي تي پورو سال مقرر نصاب کان وڌيڪ ڪنهن وٽ ڪا رهي تہ پوءِ ان تي سال ۾ هڪ ڀيرو چاليهين پتي بطور زڪواة ورتي ويندي. انهي تشريح جو قرآن ۾ تہ ڪٿي بہ ذڪر ڪونهي. بلڪہ زڪواة جي قرآني اصطلاح جي معنيٰ مطلب تہ هي آهي تہ قرآن وري نظام جي اهڙي تہ بهتر نموني پوئواري ڪيو جو اوهان جي سماج ۽ معاشري جي ماڻهن جي بهتر نشونما ٿئي صفا سنڌيءَ ۾ تہ صحتمند واڌارو ٿئي. يعني چڱ ڀلائي سان ماڻهن جي واڌ ويجهہ ٿئي گروت ٿئي. هنن انقلاب دشمن تہ ان جي ابتڙ مفهوم ئي بدلائي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ قرآن پاڪ مال خرچ ڪرڻ ۽ حاجتمندن جي مالي مدد ڪرڻ لاءِ صدقي جو لفظ آندو آهي ۽ انفاق في سبيل الله جي اصطلاح ڪتب آندي آهي. پر آئون منڍ کان عرض ڪندو ٿو اچان تہ هنن حديثن گهڙڻ وارن جي نيت ئي اها آهي تہ قرآن جي انقلابي رخ کي بدلائي هنن ۾ وري ڪسرويت ۽ قيصريت واري جاگيرداري کي موٽائي آڻيون ۽ وري قاروني سرمايہ داريت کي موٽائي آڻيون ۽ هامان واري پاپائيت کي وري موٽائي آڻيون جنهن ۾ هو وڏي حد تائين ڪامياب بہ ويا آهن. قرآن پاڪ تہ رسول سائين کي حڪم فرمايو آهي تہ خذا العفو وامر بالعرف واعرض عن الجاهلين (اعراف آيت نمبر ١٩٩) يعني اي پيغمبر تون تہ بچت مال واري نصاب جي حڪم مطابق وصولي ڪر ۽ معروف قسم جي پاليسين جا احڪام لاڳو ڪر ۽ جاهلن جي منهن بہ نہ پئج (اهي قرآن جي مخالفت ڪندا ٿا وتن) سو زڪواة جي معنيٰ سال ۾ ملڪيت جي هڪ ڀيرو چاليهين پتي اها غير قرآني بلڪہ قرآن جي ضد ۽ رد ۾ حديثن

جي آڙ ۾ حديثن وارن امامن جي شريعت آهي، قرآن واري شريعت ڪانهي، اها سرمايداريت ۽ جاگيرداريت کي جيارڻ ۽ نيڪ ڏيڻ جي تحريڪ آهي، سو حضرت ابوبڪر سائين جي واتان ابن شهاب زهري حديث ۾ جيڪي ھي الفاظ چورائي ٿو تہ اسان ڪنهن کي وارث نہ بنائيندا آهيون جيڪو ڇڏي ويندا آهيون اهو صدقو هوندو آهي تہ قرآن جي حڪم قل العفو ڪان پوءِ ٻين غير نبي ماڻهن وٽ بچي ڇا ٿو ۽ حديثن ناهڻ وارن نبي سائين جن کي نون زالن سان گهٽ ۾ گهٽ پرڻايو آهي پوءِ انهن جا نوَ عدد گهر، نبي سائين جي وفات ڪان پوءِ تہ صدقي طور ڪنهن کي ڪونہ ڏنا ويا ۽ نہ ئي انهن گهرن ۾ رکيل سامان هنڌ بسترا ٿانوَ وغيره بہ پاڻ ڪريمن جي وفات ڪان پوءِ ڪنهن حاجتمند کي صدقي ۾ ڏيڻي ڇڏڻ جي، ڇهہ ست لک حديثن ۾ هڪڙي بہ حديث ڪا هجي، اچا تہ نبي سائين جن لاءِ قرآن بہ فرمائي ٿو تہ ووجدڪ عائلا فاغني اي نبي تون حاجتمند ۽ مسڪين هئين پوءِ اسان توکي غني بنايو سين، اتي ڪٿي غني جي معنيٰ سرمائيدار ڪانهي، پر اها تہ آهي نہ، تہ تنهنجيون اسان جي ڏني مان سڀ ضرورتون ۽ حاجتون پوريون ٿي وينديون هيون ۽ هر ضرورت واري شيءِ واپرائڻ ۽ خريد ڪرڻ جيتري سگهہ ملي چڪي هئي تہ لازمي آهي تہ نون ئي حرمن جي گهرن ۾ سڀ ڪجهہ هوندو، پوءِ اهو سڀ ڪجهہ صدقي طور ڪڏهن ورهايو ويو، ڪنهن کي ڪنهن کي ڪيترو ڪيترو مليو، جڏهن ائين ناهي تہ لازمي طور هيءَ صورت ٿي هوندي تہ نون ئي ازواج مطهرات کي سندن وارا گهر ۽ سامان سڀ ورثي ۾ مليا هوندا جي ائين بہ ناهي ۽ جيڪڏهن انهن کي هبي ۽ گفٽ ۾ ڏنا ويا آهن تہ حديثن ۾ تہ اهڙي ڳالهہ ڪانہ آئي آهي جڏهن تہ اوڙي پاڙي ڪان ڪا ڪاڏي پيتي جي شيءِ سوکڙيءَ ملندي هئي تہ ان جو بہ حديثن ۾ ذڪر آهي، يا پيغمبر سائين پنهنجي ساٿين کي طعام تيار ڪرائي گهر ۾ دعوتون ڪارائيندو هئو، انهن ڳالهين جو حديثن ۾ تہ ڇا پر قرآن ۾ بہ ذڪر آهي، باقي وفات ڪان پوءِ جي ترڪي بابت تفصيل ڪونهي ۽ اهو ان ڪري لڪايو ويو آهي تہ صرف بي بي فاطمہ ۽ حضرت ابوبڪر جي پاڻ ۾ جنگ ۽ فدڪ

جي زمين تي اختلاف ڏيکاري سگهن ۽ حضرت عباس جي زباني حضرت علي حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر متان مسلم ڪتاب جي متئين حوالي مطابق تبرا ڪرڻ جو مثال قائم ڪري ڏيکارين ۽ قيامت تائين ماڻهن کي پنهنجي حديثن سان انهن جا ذهن خراب ڪري انهن کي به تبرا بازيءَ لاءِ استعمال ڪندا رهن ۽ هونئن به قرآن حڪيم ورثي واري مال تي پاڙڻ، بنا پورهيي ڪرڻ جي ڪائڻ جي مذمت ڪئي آهي ۽ اهو حڪم نبي ۽ غير نبي قسم جي سڀن ماڻهن لاءِ هڪجهڙو آهي تہ وتا ڪلون التراث اڪلالما وتحبون المال حبا جما صورت فجر آيت نمبر ١٩-٢٠. انهي سموري تفصيل کان پوءِ هي ثابت ٿي ٿو وڃي تہ رب پاڪ سڀن ماڻهن لاءِ ورثن جي ملڪيتن تي پاڙڻ کي پسند نٿو ڪري، اها قرآن حڪيم جي ڳالهہ جڏهن نبين غير نبين سڀن لاءِ هڪجهڙي ٿي وئي تہ زهري صاحب حضرت ابوبڪر جي زباني حديث اندر جيڪا وارث نہ بنائڻ جي تخصيص آئي ٿو اها تہ ازخود بي اثر ٿي وئي، ڇو تہ جيڪڏهن ڪو غير نبي شخص بہ وفات مهل قل العفو جي تقاضا خلاف ضرورت کان وڌيڪ ملڪيت جو ذخيرو ڇڏي ويندو تہ الله وٽ ان کان بہ احتساب ٿيندو پڇاڻو ٿيندو، انهي احتساب ۾ نبي غير نبي سڀ برابر جا شريڪ آهن. جڏهن معاشي پاليسي قرآن جي سڀن لاءِ هڪجهڙي آهي تہ زهري صاحب جو حديث ۾ ان ڳالهہ کي آڻڻ مان قصد حضرت بي بي فاطمہ ۽ حضرت ابوبڪر ۽ ٻين اصحابن کي سندن وفات بعد ڪوڙن مفروضن جي بنياد ويڙهائڻ ۽ هڪ ٻئي سان اختلاف رکڻ ۽ بغض رکڻ جون تهمتون ڏيئي پيغمبر سائين جي تيار ڪيل انقلابي پارٽي وارن لاءِ نفرتون ڦهلائڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ مقصد ڪونهي، هلندي هلندي هڪ ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ قرآن جي معاشي نظام عمل ۾ اچڻ ۽ پوري طرح قائم ٿيڻ کان پوءِ مال ملڪيت ۽ ذرائع پيداوار ان جي ملڪيت کان منتقل ٿي قومي ملڪيت بنجي ويندا، ايتري تائين جو ضرورتمندن جي کاڌ خوراڪ رهائشي گهر تعليم علاج وغيره جي سموري ذميداري رياست جي هوندي، اهڙي مثالي رياست قائم ٿيڻ کان پوءِ تہ ڪنهن بہ قسم جي وراثت جي بہ ضرورت نہ رهندي، اهڙي وقت

جيڪي بہ محڪوم ۽ غلام بنايل ماڻھو ايمان آڻيندا ان نبيءَ تي ۽ عزت ڀري مدد ڪندا شان مان سان ۽ تابعداري ڪندا ان نور (قرآن) جي جيڪو ان سان گڏ نازل ڪيو ويو آهي، تہ پوءِ اهي ڪامياب ٿيندا. پر افسوس جو فارس جي اساوره جي ڪسروي ايجنٽ دانشورن شخصيت پرستي خاندان پرستي ۽ فيملي پرستي واريون ڪوڙيون حديثون ٺاهي، قرآن اڳيان بند ٻڌي قرآن طرفان آزاد ڪرايل ماڻهن جي ڳچين ۾ پيري مريديءَ جا وري ڳٽ پارائي ڇڏيائون ۽ الله جي نازل ڪيل نور قرآن کي سڌو سنئون پڙهڻ بدران زردشتي فيلسوفن جي چوڻ تي لڳي انهن قرآن کي ظاهري ۽ باطني معنائن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. هاڻي آئون زهري صاحب جي فدڪ جي زمين بابت جوڙيل حديثن ۾ ٻئي جهول طرف ڌيان ڇڪائڻ گهران ۽ اهو بخاريءَ جي متن کان وڌيڪ مسلم جي نقل ڪيل عبارت ۾ وڌيڪ کليل آهي حوالا مٿي ڄاڻايل ساڳيا آهن روايت ۾ آهي تہ حضرت عمر پاڻ وٽ آيل حضرت عباس ۽ حضرت علي کي چوي ٿو تہ پهريائين انهن زمين لاءِ معاملو حضرت ابوبڪر وٽ پيش ٿيو ان جواب ۾ چيو تہ نبي سائين جن فرمايو تہ اسين ڪنهن کي وارث نہ بنائيندا آهيون اسان جي ترڪي وارو مال اسان کان پوءِ صدقو هوندو ۽ پوءِ ابوبڪر کي الله وفات ڏني حڪومت جي ولايت مون وٽ آئي ۽ ٻہ سال مون بہ فدڪ ۽ خيبر جي زمين کي ائين سنڀاليو ۽ هلايو جيئن حضور ﷺ ۽ حضرت ابوبڪر جن سنڀاليو ۽ هلايو پوءِ توهان مون کان اچي گهر ڪئي ۽ مون اوهان جي حوالي ڪئي تہ توهان بہ نبي سائين ۽ اسان جي طريقي مطابق وجي ان کي سنڀاليو ۽ اپت کي ان طريقي مطابق ورهايو جيئن اڳي کان هلندو ٿو اچي، تہ انهيءَ تفصيل مان هي تہ چڱي طرح ثابت ٿئي ٿو تہ خيبر ۽ فدڪ جون زمينون جن جي گهر بي بي فاطمہ ۽ حضرت عباس جن ڪئي اهي حضرت ابوبڪر جي نظريي مطابق بہ نبي سائينءَ جن جي ترڪي مان قرار ڏنيون وڃن ٿيون ۽ حضرت عمر جي خيال مطابق حديث لانورث ماترڪناه صدقة جي روشنيءَ ۾ اهو نبي سائين جن جو ترڪو آهي تہ پوءِ ٻئي بزرگ فرمان نبوي جي روشني ۾ ترڪي جي شيءِ کي صدقي طور حقدارن

تبرا پيو ڪري جڻ علي ان ڪان سپ ڪسي ڪائي ٿو وڃي، ان ڪي داٿو بہ ڪونہ ٿو ملي، حقيقت هي آهي تہ حديثن ٺاهڻ وارا اهل فارس جا تہ قرآن جي فڪر فلسفي ۽ نظريي ڪي بدلائي پنهنجيون موروثي جاگيرداريون وري اسلام جي ذريعي زنده ڪرڻ گهرن ٿا، هنن لاءِ خاندان نبوت جا ياتي هڪ بهٽي تي تبرا ڪن يا پيغمبر جي پارٽي ورڪرن ۽ ساٿين تي تبرا ڪن، هنن جي گهران تہ ڪونہ ٿو وڃي، خوار ٿيندا تہ اسلام وارا ٿيندا مديني وارا ٿيندا، نيشاپور ۽ بخارا ڏي تہ خير هوندو.

ڪان زوريءَ حڪومت ڦريو ۽ ڪسيو. اچا رڏيڪ پڙهي ڏسندا سورت طٰه آيت نمبر ٥٧ قال اجئتنا لتخرجنا من ارضنا بسحرڪ يا موسيٰ يعني فرعون چوي ٿو تہ اي موسيٰ تون هن لاءِ آيو آهين تہ پنهنجي جادوءَ سان اسان کي اسان جي زمين مان تڙي ڪڍين. هاڻي پڙهندڙ صاحبن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ هو چڱي طرح غور فرمائين تہ قرآن حڪيم ڪاڏي پيو سڏي تہ وري حديث جو علم ڪاڏي پيو سڏي، پنهي ۾ مطابقت تہ ڇا پر پنهي جا پنڌ ئي جدا لڳا پيا آهن. انهيءَ کي سنڌي ۾ چوندا آهن تہ ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي الهيار. قرآن سان فڪري ۽ نظرياتي ٽڪر ڪائڻ وارين حديثن کي عالم سڳورا خبر ناهي تہ ڪيئن برداشت ڪن ٿا. ڇو اهو نٿا پڌائين تہ هي حديثون قرآن دشمن آهن. صرف روايتن جي سند بابت وتن ٿا تحقيق ڪندا تہ ان جا راوي ڪيئن هئا، اها تہ وات ئي نامعقول آهي، حديث جو متن سڌو سنئون قرآن سان ٽڪر پيو کائي، ضد ۾ لڳو پيو آهي، ۽ اوهان پيا ماڻهن کي پڌايو تہ هن حديث جا راوي وڏا پرهيزگار هئا.

# سنڌ ساگر اڪيڊمي جا مقصد

* انساني هدايت لاءِ انبياءَ عليهم السلام معرفت مليل وحي واري تعليم کي عام ڪرڻ.

* قرآن حڪيم جي تعليم ۽ اصولن خلاف طاغوتي طاقتن، وحي واري علم جي مقابلي ۾ هٿرادو علم ذريعي جاگيرداريت ۽ سرمايه داريت کي جنم ڏئي انسانيت کي اڇوت ۽ برهمڻ، اپر ڪلاس ۽ لوئر ڪلاس، غلام ۽ آقا، جي طبقن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، ان جڙتو علم ۽ فلسفي کي جڙتو ۽ غلط ثابت ڪرڻ.

* سنڌي ٻولي ۾ اهڙو لٽريچر عام ڪرڻ جنهن سان وهمي ۽ ظني، شڪ شبهن وارن نظرين، خيالن ۽ عقيدن کان ماڻهن کي ڇوٽڪارو ملي ۽ انهي جي بدران تحقيقي، تجرباتي ۽ سائنسي حقيقتن تي قائم علمي نُصاب، جوڙجي جنهن سان ماڻهو دقيانوسيت، شخصيت پرستي ۽ وهم پرستي جي وائڙائپ مان نڪري سگهن.

* ماڻهن کي فرقي بازي کان ڪڍي وحدت انسانيت واري راه تي آڻڻ.

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڙو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَ کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٻارڙا ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)